
واءُ وکيريا خيال
رياضت برڙو
ڏاهپ

# واءُ وڪيريا خيال

## (ريڊيو اسڪرپٽ)

## رياضت پرڙو

ڏاهپ پبليڪيشن
لاڙڪاڻو ـ 2012ع

# سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# سنڌ سلامت ڪتاب گھر جو ڪتاب نمبر: 55

ڪتاب : واءُ وڪيريا خيال
ليکڪ : رياضت پرڙو
موضوع : ريڊيو اسڪرپٽ
ٽائيٽل : رضوان گل
پهريون ڇاپو : ڊسمبر 2012ع
ڇپائيندڙ : رياضت پرڙو
پاران : ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو

رابطي لاءِ:
رياضت پرڙو، فزڪس ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو، پوسٽ آفيس لاڙڪاڻو. موبائيل فون: 0333 7533011

سنڌ جا سڄڻو سلام .........

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (55) **واءُ وڪيريا خيال** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب ناليواري شاعر، ليکک ۽ پبلشر **رياضت پرڙي** جي لکيل ريڊيو اسڪرپٽس تي مشتمل آهي.

هي ڪتاب 2012ع ۾ ڏاهپ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. ٿورائتا آهيون پياري دوست رياضت پرڙي جا، جنهن هن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلڻ سان گڏ ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائڻ، سڄڻ، بزرگن ۽ ساجاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

اريپان تو:

## بابا سائين شوڪت علي ’شوق‘ لاهوتي ٻرڙي ڪي.

”لاهوتي شوڪت علي“ جي نالي سان مشهور، بابا سائين قنبر جو هڪ پورهيت شخص هو، جنهن دين ۽ علم سان گهڻي پنهنجي لڳاءُ سبب هڪ تفصيلي ڪتاب **”آزاد حقيقت“** لکيو، جيڪو قلمي صورت ۾ موجود آهي. هن ٿوري شاعري ٻه ڪئي، جنهن ۾ تخلص ”شوق“ ڪتب آندو. شوڪت علي ولد محمد عثمان ٻرڙو 1920ع ۾ قنبر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد مولوي محمد عثمان پنهنجي ڀَور جي نمايان شخصيت هو، جنهن پڻ 6 ڪتاب لکيا. پنجن سالن جي عمر ۾ والد جي وفات ۽ غربت سبب بابا ابتدائي تعليم کان پوءِ ثانوي تعليم حاصل ڪري نه سگهيو ۽ پورهيو ڪري گذر سفر ڪرڻ لڳو. ڪيس لکڻ پڙهڻ جو بيحد شوق هو، جنهنڪري مطالعي سان پنهنجي دلچسپي برقرار رکيائين ۽ ڊاڪٽر محبت جي ورتل ڪتابن مان تاريخ ۽ مذهب سان واسطيدار انيڪ ڪتاب پڙهيائين. هن 29 نومبر 1963ع تي متي ڄاڻايل ڪتاب ”آزاد حقيقت“ لکڻ شروع ڪيو ۽ 11 فيبروري 1981ع تي لکي پورو ڪيو، جيڪو فل اسڪيپ سائيز جي 940 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتاب جو موضوع مذهبي تاريخ آهي. ان ڪتاب جو هڪ نقل، ڊاڪٽر محبت جي هٿ اکرن ۾ پڻ لکيل آهي.

هُو 1983ع ۾ ايم آر ڊي هلچل دوران، پنهنجي اولاد ڊاڪٽر محبت ۽ صحبت جي عيوضي ۾، ڪجهه وقت ضلعي لاڙڪاڻي جي مختلف ٿاڻن تي قيد پڻ رهيو. بابا ڪي اولاد ۾ پنج پٽ پيدا ٿيا: رستم علي ٻرڙو (ٿَرَ جو ناليرو فنڪار، بهترين اسٽيج اداڪار ۽ والي بال جو مشهور رانديگر آهي)، فتح علي ٻرڙو (بهترين ٽيلر ماسٽر آهي)، ڊاڪٽر محبت علي ٻرڙو (علمي، ادبي، سياسي ۽ سماجي شعبن ۾ مڃتا ماڻيائين)، صحبت علي ٻرڙو (سڃاڻ صحافي ۽ روزاني ’ڄاڳو‘ ڪراچي جو ايڊيٽر رهيو آهي ۽ هاڻ روزاني ’سنڌ افيئرز‘ جو ايڊيٽر آهي) ۽ رياضت علي ٻرڙو (ليکڪ). افسوس، ته مان صرف 17 ورهين جو هيس، جو بابا سائين وفات ڪري ويو. سندس وفات 1987ع ۾ قنبر ۾ ٿي. ڪيس عيد گاهه لڳ غريب آباد مقام ۾ دفنايو ويو.

**رياضت ٻرڙو**

# فهرست

| | | |
|---|---|---|
| تحفي جهڙو ڪتاب | ڪوثر پرڙو | 08 |
| وڪريل خيالن جي سهيڙ (مهاڳ) | احسان دانش | 10 |
| ڪونجڙين ڪٽڪار | عابد ڪاظمي | 18 |
| قلم قبيلي جو برجستو ڪوي | رضوان گل | 21 |
| وڪيريل ۽ سهيڙيل خيال | رياضت پرڙو | 23 |

## اسڪرپٽ

| | |
|---|---|
| 1. ڳالهه آهي زندگيءَ جي | 25 |
| 2. درد زنده رکندو آهي | 28 |
| 3. نيڻن تا خواب | 31 |
| 4. اکين جو سمنڊ جهل آهي | 35 |
| 5. ڦُڙڪ ۽ مُرڪ | 38 |
| 6. لاڙڪاڻو حاڪماڻو | 42 |
| 7. ڳالهه چڱي ڪجي | 44 |
| 8. آءٌ انهيءَ جي پير پٽي | 49 |
| 9. شوڪيس ۾ درد رکيل آهن | 52 |
| 10. سُڪي ئي نہ ٿو پورهيتن جو پگهر | 56 |
| 11. جيجل منهنجو جيئاپو | 60 |
| 12. جي تو وٽ ڪوئي گيت نہ آ | 64 |
| 13. تون ئي آهين، جنهن سان مان آهيان | 67 |
| 14. محبوب بنا وقت ڪا حيثيت نہ ٿو رکي | 71 |
| 15. ميلاپ کان وڌ وڇوڙو آهي | 76 |
| 16. اکين کي بہ دل جي سفارش ٿي ماري | 82 |
| 17. جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس | 86 |
| 18. نُوريءَ ڪيو ناز | 89 |
| 19. سرها ٿيا سنگهار | 94 |
| 20. ڳر لڳي ڳالهيون ڪيان | 98 |
| 21. ٻاري ڏيئا اکڙين ۾ | 101 |

| | |
|---|---|
| 22. آزادي ۽ غلامي | 104 |
| 23. سچن ماڻهن ڪي هارائڻ ممڪن ناهي | 107 |
| 24. عيد مبارڪ | 110 |
| 25. سکِي ! هوا ۾ هٻڳاءُ آهي | 113 |
| 26. ڏيئا ٻاري ٿِي دلڙي | 116 |
| 27. وڄون وسڻ آئِيون | 119 |
| 28. ٻول ۾ وِساريج | 122 |
| 29. اداسي ۾ تنهنجون چٺيون آيتن جان | 124 |
| 30. عزم عظيم جون عيڻون ايندڻون | 126 |
| 31. سنڌيت جو روپ ۽ رنگ | 129 |
| 32. "منهنجي جنگ يزيدي ڪردار سان آهي" | 133 |
| 33. ديسُ سُتو، دل وارا جاڳيا | 137 |
| 34. وچن ويڙهيچن سين | 141 |

# تحفي جهڙو ڪتاب

لفظ ڳالهائيندا آهن. لفظن ڪي پنهنجي صوتي تصوير ٿيندي آهي. لفظن ڪي پنهنجي شڪل ۽ صورت ٿيندي آهي. لفظ جڏهن اُچاريا وڃن ٿا، ڳالهايا وڃن ٿا ۽ خاص ڪري لفظ ريڊيو تي جڏهن ادا ڪيا وڃن ٿا تہ انهن لفظن جو هڪ تاثير ۽ تاثر جُڙي ٿو. ميڊيا، خاص ڪري ريڊيو تي ڳالهائڻ لاءِ هڪڙا ضابطا، قاعدا مقرر ٿيل هوندا آهن ۽ ڪجهہ پابنديون مڙهيل هونديون آهن جن مٿان عمل ۽ انهن جي پابندي هر حال ۾ هر صورت ۾ ڪرڻي پوندي آهي. ريڊيو جو موٽو يا هڪ طيءِ ٿيل اصول آهي جنهن ڪي ”قولو لِلناس حسنا“ ڪوٺيون ٿا، جنهن جو مطلب آهي ”سڀن سان سهڻي نموني سان ڳالهايو“. اهو ريڊيو پاڪستان جي مائيڪ تي ڳالهائڻ جو هڪ ”منشور“ آهي، هڪ ضابطہءِ اخلاق آهي، جنهن مٿان هر براڊڪاسٽر ڪي عمل ڪرڻ لازمي هوندو آهي. هونئن بہ اسان جڏهن ريڊيو تي ڪو پروگرام پيش ڪيون ٿا يا ميزبانيءَ جا فرض سرانجام ڏيون ٿا تہ اسان ڪي ڪجهہ ڳالهين جي هر حال ۾ پڪ ڪرڻي پوي ٿي تہ اهي پروگرام ۾ شامل آهن يا نہ؟ يا ايئن چوان تہ اسان جي ريڊيو پروگرام جا اهي چند بنيادي مقصد هوندا آهن، جيڪي آهن:

- اطلاع يا معلومات،
- تعليم يا ترغيب، ۽
- تفريح.

چو تہ اسان اهو ذهن ۾ رکون ٿا تہ هڪ ٻڌندڙ هن مصروفيت ۾ هڻ هٽان، وٺ وٺان جي ور ۾ جيڪڏهن اسان ڪي ڪلاڪ يا اڌ ڪلاڪ جو وقت ڏئي، نهايت توجهہ سان پروگرام ٻڌي ٿو تہ اسان تي لازم آهي تہ ان جي وقت ڪي سجايو ڪيون ۽ موٽ ۾ اسان بہ ڪجهہ ان جي دامن ۾ وجهون. اها بي ڳالهہ آهي تہ ڪيترا ئي براڊڪاسٽر گلابي ٻولي ڳالهائي، بي مقصد گفتگو ڪري پنهنجي اندر جي ٻڙاس ڪڍي وقت پورو ڪري هليا ويندا آهن. اهي ناڪام براڊڪاسٽر هوندا آهن. ڪامياب براڊڪاسٽر اهو آهي جيڪو ٻڌندڙ جي نبض تي هٿ رکي پروگرام پيش ڪري. موضوع جي حساب سان ان جو مسودو نهايت شاهوڪار هجي، معلومات ۽ تفريح سان مالامال ۽ پرپور هجي. سندس مسودو خالي لفاظي نہ، پر حالات حاضره سان هم آهنگ هجي. مطلب تہ سٺو براڊڪاسٽر پنهنجي ٻڌندڙ جي آڱر پڪڙي ان ڪي وقت سان گڏ گڏ وٺي هلڻ جي صلاحيت رکندو آهي.

ريڊيو ڪمپيئرنگ ڪي ڪتابي صورت ۾ آڻي ان تحرير جو دائرو ٻڌندڙن کان وسيع ڪري پڙهندڙن تائين پهچائڻ جو رواج پراڻو ڪونهي. ان سلسلي ۾ ٻہ چار ڪتاب ئي مارڪيٽ ۾ موجود آهن. اسان جي دوست، نوجوان قلمڪار ۽ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي باصلاحيت ڪمپيئر **رياضت ٻرڙي** جي قلم مان سرجيل هي ڪتاب ”واءُ

**وکيريا خيال**” ريڊيو ڪمپيئرنگ تي مشتمل آهي. ڪتاب ۾ ڪيترن ئي موضوعن تي طبع آزمائي ڪري ان موضوع سان نياءُ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هي ڪتاب تفريحي تحرير سان گڏ معلومات سان ڀرپور آهي. گلابي ٻوليءَ سان گڏوگڏ تحريرن ۾ تحقيق وارو پهلو به نمايان نظر اچي ٿو. حالات حاضره سان تعلق رکندڙ موضوعن کي به ڪتاب ۾ پڙهي سگهجي ٿو ته تمام خوبصورت شاعريءَ جي چونڊ به ملي ٿي. مان دعوىٰ سان چوان ٿو ته عام پڙهندڙ ۽ خاص ڪري ميڊيا جي مختلف چينلن سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ هي ڪتاب ڪنهن تحفي کان گهٽ ڪونهي.

اڄ ڪلهه جڏهن خاص ڪري پرائيويٽ آڊيو ۽ وڊيو چينل سنڌي ٻوليءَ سان جيڪا ڄٽ ڪري رهيا آهن ۽ ان جو بگاڙ ڪري رهيا آهن، ان عالم ۾ رياضت ٻرڙي جو هي ڪتاب انتهائي معياري ۽ لاجواب آهي جنهن ۾ ٻوليءَ جي معيار ۽ ريڊيو جي فني ۽ فڪري گهرجن کي به پورو ڪيو ويو آهي. ريڊيو، خاص ڪري ريڊيو پاڪستان هڪ فيملي چينل آهي جيڪو گهرن ۾ والدين پنهنجي نياڻين سان گڏ به ٻڌن ٿا، ان ڪري ريڊيو پاڪستان جي پروگرامن ۾ ڳالهايل لفظن کان وٺي موسيقيءَ جي اسمن جي چونڊ نهايت خبرداريءَ سان، ذميداريءَ سان ڪئي وڃي ٿي. ريڊيو پروگرامن جي هڪ خوبي يا خاصيت اها به آهي ته پروگرام ۾ جيڪو ڪجهه ڳالهايو وڃي ٿو اهو لکيل صورت ۾ هوندو آهي ۽ پروڊيوسر جي نظرن مان به گذرندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ريڊيو پاڪستان جي ڪنهن به اسٽيشن تان نشر ٿيندڙ پروگرام جو مسودو نهايت معياري هوندو آهي. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو سنڌ جي ٻين ريڊيو اسٽيشنن کان ان لحاظ کان به ڪجهه منفرد آهي ته ان ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپيئرن جي اڪثريت اديبن ۽ شاعرن جي آهي جيڪي ٻوليءَ جا ڄاڻو به آهن، ته لفظن جي صحيح استعمال جا ڪاريگر به. رياضت ٻرڙو به ان سٿ جو هڪ ساٿي آهي. مان ڪيس هن سٺي ۽ معياري ڪتاب آڻڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو.

**ڪوثر ٻرڙو**
اسٽيشن ڊئريڪٽر
ريڊيو پاڪستان، لاڙڪاڻو

# مهاڳ

## وکريل خيالن جي سهيڙ

انسان تبديلي ۽ تغير پسند آهي. هو سدائين ڪا نه ڪا نواڻ چاهي ٿو. جدت جو نئون جهان جوڙڻ جي اها جستجو ئي زندگي جي ارتقائي عمل جو دليل آهي، پر ان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته ماڻهو پنهنجي روايتن کان ناتو ٽوڙي ڇڏي. اها جدت جيڪا زندگيءَ جي بنيادي اصولن، رشتن، تعلقن، اخلاقي قدرن ۽ روايتن کي ڇيهو رسائي، ان کي جدت بدران جبر چوڻ کپي. اڄ جڏهن اسين سائنس ۽ ٽيڪنالاجي واري دور ۾ زنده آهيون ۽ شيون ڊجيٽلائيز ٿي چڪيون آهن. جڏهن اسين گلوبل وليج جي صحيح تصور کي سمجهڻ شروع ڪيو آهي ۽ سيل فون وسيلي جهڙوڪر دنيا بند ڪري ڇڏي آهي، ته هاڻي احساس ٿئي ٿو ته ڪالهه جي ڀيٽ ۾ اڄ دنيا گهڻو تبديل ٿي چڪي آهي. جڳ انهن تبديلين جي مثبت اثرن تي سوچي ٿو پر ترقي پزير ملڪن ۾ انهن تبديلن جا به منفي اثر ظاهر ٿين ٿا. اصل ۾ هر تبديليءَ پنيان متحرڪ هوندي آهي سوچ. اهڙي طرح شين جي منفي ۽ مثبت استعمال پنيان به انساني سوچ ئي ڪم ڪري ٿي.

سڄي دنيا ۾ هر شعبي اندر تبديليون اچي رهيون آهن، هڪڙيون تبديليون انقلابي ثابت ٿينديون آهن ته ٻيون وري پنهنجي اصل سان ڳنڍيل ۽ هڪ وک اڳتي وڌڻ جي روپ ۾ ظاهر ٿينديون آهن. ادب جي دنيا ۾ به گذريل ڪيترين صدين کان اهڙيون ڪيئي تبديليون رونما ٿيون آهن. اهي تبديليون ڪن ادبي تحريڪن جي صورت ۾ هجن يا فني، فڪري ۽ تخليقي لاڙن جي روپ ۾، پر ساهت جي سنسار ڪنهن نه ڪنهن طرح سان انهن جا اثر ضرور قبول ڪيا آهن. سنڌي ساهت به اهڙين ادبي تبديلن جي سدا آجيان ڪئي آهي.

مان پنهنجي محدود مطالعي جي آڌار تي ڏنو آهي ته سنڌي ادب جتي لوڪ ادب، اساسي شاعري، جديد شاعري ۽ افساني جي خزاني سان مالامال آهي، ُلي ڪيترين ئي ادبي صنفن ۽ موضوعن کي اجا ڇهيو ئي نه ويو آهي. جيئن اسان وٽ تنقيد جو پاسو جهڙوڪر خالي آهي. ايئن انشائيو به نه ٿو لکيو وڃي، ڪالم لکجن ته جام ٿا پر ڪالمن جا ڇپيل مجموعا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا آهن. ساڳيو حال مضمونن جي ڪتابن جو آهي. دراصل منهنجو انهن موضوعن تي ڪتابن جي اڻاٺ ڏانهن اشارو ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ جي علمي ۽ ادبي سرمايي جي ڪٿ لاءِ ڪتاب ئي

بنيادي سورس مٽيريل ٿئي ٿو. ۽ هونءَ به ڪنهن به ليکڪ جي علمي ۽ ادبي شناخت جو سگهارو حوالو ڪتاب ئي ٿئي ٿو، جنهن ۾ سندس سالن جو پورهيو هڪ ئي هنڌ گڏيل طور مطالعي لاءِ ميسر هجي ٿو ۽ انهي بنياد تي سندس تحرير ۽ فڪر جو اڀياس ممڪن ٿئي ٿو.

جيئن مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ برجستن ڪالم نگارن ۽ بهترين مضمون نويسن جي ڪائي ڪمي نه آهي، پر سندن ٽڙيل پکڙيل مواد سهيڙجي پڙهندڙن جي سامهون نه اچڻ سبب سنڌي ادب جي هڪ باب تي ٻاٽ جو پردو ڇڙهيل محسوس ٿئي ٿو ۽ جڏهن ان ٻاٽ ۾ ڪا ننڍڙي لاٽ به ٻري ٿي ته اندر ۾ اطمينان جي سهائي جو ساهس پيدا ٿئي ٿو. خوبصورت ليکڪ **رياضت برڙي** جو هي ڪتاب "**واءُ وڪيريا خيال**"، جيڪو هن وقت اوهان جي هٿن ۾ آهي، اِهو به مون کي ڪنهن اهڙي ئي لاٽ وانگر محسوس ٿئي ٿو. جيتوڻيڪ هي ڪتابُ نه ته مڪمل طور مضمونن جو آهي ۽ نه ئي وري سچو سارو ڪالمن جو، پر تنهن جي باوجود هن ڪتاب ۾ اوهان کي ڪٿي ڪٿي ڪنهن مضمون وارو لطف ايندو ته ڪٿي ڪنهن سهڻي ڪالم جو ڇڻ. حقيقت ۾ مان رياضت جي هن ڪتاب کي انهيءَ تغير پسندي جي پس منظر ۾ ڏسان ٿو، جنهن جو هن کان اڳ ۾ آئون ذڪر ڪري آيو آهيان.

رياضت برڙي جو هي ڪتاب "**واءُ وڪيريا خيال**" ريڊيو اسڪرپٽس تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هن انيڪ اندلني موضوعن کي يڪجا ڪيو آهي. اهو هڪ انوکو تجربو ضرور آهي، پر اهو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪو پهريون تجربو به نه آهي، ڇو ته هِن سال اڳ رياضت جي ئي ذات ڀائي مشهور براڊڪاسٽر ۽ ليکڪ ڪوثر برڙي جو انهيءَ نوعيت جو هڪڙو ڪتاب "اڌاڌا احساس" منظر عام تي اچي چڪو آهي. هتي ٻنهي برڙن جي ڪتابن جي ڀيٽا ڪرڻ مقصد نه آهي، البته ايترو چوڻ مناسب ٿو لڳي ته ٻنهي ڪتابن ۾ جدا جدا رنگ ۽ الڳ الڳ هڳاءُ آهن.

رياضت، هونءَ ته منهنجي دل جي ويجهو رهندڙ دوستن مان هڪ آهي ۽ اسين ڏرتتين ۽ چانڊوڪين ۾ گڏ گهميا آهيون. ڪينجهر جي ڪناري کان گورک جي چوٽيءَ تائين سدا سنگ سنگ رهيا آهيون، پر مان هُن جي تخليقي جهان کي هميشه جدارو محسوس ڪيو آهي. مون کي هُن جون تخليقون به هُن جي مزاج وانگر لڳنديون آهن ۽ هن جو مزاج سنڌوءَ وانگر. سنڌو جيڪو ٿِلي ته بيابان به سيراب ڪري ڇڏي، نه ته مانار ۾ وهندو ئي وڃي. رياضت به ايئن ئي مانار ۾ به وهندو رهندو آهي. ٿِلي پوي ته ڪارنامن جهڙا ڪم ڪندو. "قنبر ـ هڪ اڀياس" هن جو اهڙو ئي هڪ ڪارنامو آهي. ڪجهه سال اڳ چيائين ته شاعريءَ جو ديوان آٽٿو آهي. ان ڪري روزانو هڪ به غزل

لڪان ٿو. چيومانس، ”يار اهو وري ڪيئن؟“ چيائين، ”ائين ئي ڪم ٿيندو.“ سال ڪن ۾ ”ديوانِ رياضت“ پڌرو ٿيو، پر سندس من جي سنڌوءَ ڪي ماٺار نہ آئي. قلم ڪي دل جو لهو ڏيندو رهيو ۽ تخليق جو سفر جاري رهيو. مون کي لڳندو آهي تہ رياضتؔ، جيمز رسل جي ان اصول تي ڪاربند آهي تہ ”ذاتي پريشانيءَ کي دور ڪرڻ جو سولو طريقو اهو آهي، تہ ماڻهو پاڻ کي ڪنهن تعميري ۽ مفيد ڪم ۾ مشغول رکي.“ مون ڪيس ائين ئي سدا مصروف ڏٺو آهي. زندگيءَ جي اذيتن ۽ تڪليفن مان گذرندي بہ هو پنهنجي ڪم ۽ پنهنجي ڌن ۾ مصروف هوندو آهي. اسين رياضت کي چوندا آهيون ”يار تون ماڻهو آهين يا مشين؟“ سدائين مرڪي چوندو آهي ”وقت نہ وڃائڻ کپي، نہ تہ وقت ماڻهوءَ کي وڃائي ڇڏيندو آهي.“ اسين وقت جي وهڪري ۾ وڃايل ماڻهو رياضت کان وقت جي رفتار سان هلڻ جو ڍنگ اڃا نہ سکي سگهيا آهيون. ساروڪن چيو هو تہ ”زندگيءَ جي ڏکي سفر ۾، مون کي فقط ٽي شيون هٿ آيون آهن. اِهي ٽي املهہ شيون سدائين مون سان گڏ رهنديون: پهريون تہ منهنجو هيءُ عقيدو آهي تہ زندگيءَ ۾ پل تہ ڪيترين ئي تڪليفن ۽ ڪيترائي ڪشٽ اچن، پر زندگي تڏهن بہ بيحد سُندر ۽ بيحد حيرت انگيز چيز آهي؛ ٻيو تہ پنهنجو فرض سڃاڻڻ ۽ ان کي نباهڻ، زندگيءَ کي سُکي تو بنائي؛ ۽ ٽيون ڳالهہ مون سِکي آهي سا هيءَ آهي تہ ظلم، نفرت، تشدد ۽ بي انصافيءَ سان دنيا ۾ ڪڏهن بہ روحاني، اخلاقي يا مادي خوشحالي ڪانہ آٽي سگهبي: سُک ڏانهن صرف هڪ ئي شاهي واٽ آهي - پيار جي!“ رياضت مون کي سدائين ساروڪن جي انهن ئي حسين خيالن جو مظهر محسوس ٿيندو آهي.

هڪ تخليقڪار جتي بہ هجي پر ان تخليقي جوهر سان ضرور سلهاڙيل رهي ٿو، جنهن سان سندس وجود روشن هجي ٿو. رياضت هونءَ تہ فزڪس جو پروفيسر آهي پر سندس سڃاڻپ جو بنيادي ۽ سگهارو حوالو هڪ تخليقڪار وارو ئي آهي، پوءِ اها تخليق تحقيقي ۽ سائنسي مضمونن جي صورت ۾ هجي، ڪهاڻي جي روپ ۾ هجي، شاعريءَ جي شڪل ۾ هجي يا وري ريڊيو اسڪرپٽس جي رنگ ۾. رياضت پرڙي بہ سال اڳ جڏهن ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي ڪمپيئر طور ڪم شروع ڪيو تہ ڪجهہ هفتن بعد ئي هن مون کي چيو، ”يار منهنجو ايندڙ ڪتاب ريڊيو اسڪرپٽس تي مشتمل هوندو.“ چيم، ”اسڪرپٽس ۾ اهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جن کي ڪتابي شڪل ڏجي؟“ چيائين، ”توهان منهنجا پروگرام ٻڌو.“ مون ڪجهہ پروگرام ٻڌا تہ لڳو تہ رياضت ريڊيو جي مائڪ تي بہ پنهنجي تخليقڪار واري سڃاڻپ ناهي وڃائي. جيتوڻيڪ مون کي ذاتي ڄاڻ آهي تہ ڪجهہ براڊڪاسٽرس کي تخليقڪار ڪمپيئر پسند نہ هوندا آهن، پر تخليقڪار ماءُ جي روپ ۾ هجي يا ڪنهن ليکڪ جي شڪل ۾ منهنجي لاءِ سدائين عزت لائق رهيا آهن.

ريڊيو تي سدائين هڪ وڏو بحث اهو رهيو آهي تہ ”ڪمپيئر ڪي ٻڌندڙ جي ذهني سطح تي اچي ڳالهائڻ کپي.“ ان ڳالهہ کي آئون هڪ حد تائين درست سمجهندو آهيان، يعني ڪمپيئر جو فرض آهي تہ هو جيڪا ٻولي استعمال ڪري سا ٻڌندڙن کي آساني سان سمجهہ ۾ اچي وڃي. باقي رهيو سوال ٻڌندڙن جي ذهني سطح تي اچڻ جو تہ، پهريان تہ ان ڳالهہ جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي تہ ريڊيو ڪهڙي ڪهڙي ذهني سطح جا ماڻهو ٻڌن ٿا. جيڪڏهن ان جو جواب اهي فرمائشي خط ۽ فونون آهن جيڪي گهڻو تڻو ڀهراڙين مان اچن ٿا، تہ اهو بہ ڪو اطمينان بخش جواب نہ آهي. انيڪ اهڙا بہ ٻڌندڙ هوندا آهن، جيڪي ڪڏهن بہ خط نہ لکندا آهن، فون نہ ڪندا آهن، تنهنڪري ٻڌندڙ جي ذهني سطح جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. پر جيڪڏهن فرض ڪجي تہ ريڊيو ٻڌندڙن جو هڪ وڏو انگ گهٽ پڙهيل، اڻ پڙهيل ۽ ڀهراڙي سان تعلق رکندڙن جو ئي آهي، تہ ڇا ڪمپيئر کي فڪري طرح بہ انهن جي ئي ذهني سطح تي اچي ڳالهائڻ کپي؟ جيڪڏهن ريڊيو ڪمپيئر جو اهو ئي ڪم آهي، تہ اهو ٻڌندڙ تہ ڪوبہ لاڀ حاصل نہ ڪري سگهندو، جنهن جي ريڊيو ٻڌڻ بعد بہ ذهني سطح ساڳي رهندي!

ريڊيو جا ٽي بنيادي مقصد آهن. پهريون تعليم (Education)، ٻيو معلومات (Information) ۽ ٽيون تفريح (Entertainment). تفريح ڊرامن، لطيفن، خاڪن ۽ موسيقي وغيره وسيلي مهيا ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ تعليم ۽ معلومات لاءِ ٻيا پروگرام ترتيب ڏنا ويندا آهن. اسان جا ڪي دوست ’ٻڌندڙ جي ذهني سطح تي اچي ڳالهائڻ‘ واري فارمولا تحت ريڊيو جي مائڪ تي تعليم ۽ معلومات جي نالي ۾ ڪڏهن اگهوتري پيش ڪندا آهن، تہ ڪڏهن مهانگائي، لوڊشيڊنگ، پاروتين پاجين ۽ لدا جي اگهن تي ڳالهائيندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن ڪو تخليقي ذهن محبت، حسن ۽ زندگيءَ جي موضوعن تي گفتگو ڪندو آهي تہ ڪجهہ ماڻهن بقول ’اها ٻڌندڙن جي ذهني سطح کان اتاهين‘ ٿي پوندي آهي. ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي سينئر پروڊيوسر **عابد ڪاظمي** اهڙي اتاهين گفتگو کي ئي هميشہ عوامي گفتگو سمجهيو آهي. هو چوندو آهي تہ ”جيڪڏهن اسين پنهنجي ٻڌندڙ کي زندگيءَ ۽ زندگيءَ جي حقيقتن کان آشنا ڪرڻ بناءِ ڪين اونداهي کڏ ۾ ئي جيئرو گذارڻ تي راضي آهيون ۽ اسين ڪين اتي ئي ڏسڻ چاهيون ٿا تہ شايد پنهنجو ڪم پوريءَ طرح سان نہ ٿا ڪريون.“

رياضت ٻرڙي کي جڏهن عابد ڪاظمي جي ئي پروڊڪشن ۾ پيش ٿيندڙ پروگرام ”**لاڙڪاڻو اسپيشل**“ مليو تہ جڻ ڳڏ و ڳڏ ڪيس اهي حق بہ ملي ويا تہ ”ٻڌندڙن جي ذهني سطح تي نہ اچڻو آهي، پر تعليم ۽ معلومات وسيلي سندن ذهني سطح بلند ڪرڻي آهي.“ رياضت ٻرڙي جو هي ڪتاب اصل ۾ انهي پس منظر ۾ پڙهڻ کپي. رياضت جا هن ڪتاب ۾ موجود اسڪرپٽس 6 فيبروري 2011 کان 22 جنوري 2012

تائين جا لکيل آهن. ٻين لفظن ۾ هي ڪتاب سندس ٻارنهن مهينن جي محنت جو نتيجو آهي. هن ڪتاب ۾ ڏنل اسڪرپٽس ليکڪ ڇپائڻ جي خيال کان بعد ۾ ايڊٽ به ڪيا آهن ۽ ڪجھ اهڙي معلومات جيڪا رڳو ريڊيو جي مائڪ لاءِ ئي مناسب هئي، پڻ هن ڪتاب مان خارج ڪئي آهي، پر اسين جڏهن سندس هن مجموعي تي نگاهه وجهون ٿا ته اسان کي ان ۾ اهي سمورا رنگ نظر اچن ٿا، جيڪي دراصل زندگيءَ جا رنگ آهن. رياضت پرڙي جا هي اسڪرپٽ پڙهندي وڪٽر هيوگو جو اهو جملو ذهن ۾ تازو ٿي وڃي ٿو ته ”هر چيز هڪ عنوان آهي، ۽ ڪنهن صاحب نظر جي منتظر آهي.“ هنن اسڪرپٽس ۾ رياضت ايئن ئي ننڍين ننڍين شين ۽ احساسن کي عنوان بڻايو آهي.

رياضت پرڙي جو هي ڪتاب اصل ۾ آواز جي لهرن تي هوا ۾ وکريل خيالن جي سهيڙ آهي. رياضت جي هن ڪتاب ۾ هونءَ ته ڪيترائي موضوع شامل آهن پر انهن مان زندگي، سچ، پيار محبت، دل، درد، خواب، خواهشون، رشتا، دوستي، وڇوڙا ۽ ميلاپ، حسن، منظر، برسات، ننڊ وڏائي، نرم دلي، بدمزاجي، خوش مزاجي، مصروفيت، خاموشي، واعدو، ماضي، حال، مستقبل، آزادي، غلامي ۽ ريتون رسمون قابل ذڪر آهن. اهي سڀ اهڙا موضوع آهن، جن جي باري ۾ هر ماڻهو وٽ پنهنجي تشريح آهي. رياضت به پنهنجي مخصوص لب ۽ لهجي ۾ انهن موضوعن تي لکيو آهي، پر چوته هي سموري لکت ريڊيو اسڪرپٽس جي شڪل ۾ پڙهي وئي آهي تنهنڪري لکڻ وقت ليکڪ ٻوليءَ جي سلاست تي خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ ڪيترن ئي ڳورن موضوعن کي اهڙي ته سولي ۽ سهڻي نموني پيش ڪيو آهي جو اهي نه رڳو آسانيءَ سان سمجھ ۾ اچي وڃن ٿا پر دل تي اثر به ڇڏين ٿا.

هن ڪتاب ۾ رياضت جا اهڙا اسڪرپٽ به موجود آهن جيڪي پڙهندڙن/ ٻڌندڙن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جي خيال کان لکيل آهن، جيئن ٻولي، تعليم ۽ گهر شماري وغيره جي موضوعن تي لکيل اسڪرپٽس. انهي سلسلي ۾ سندس اهي اسڪرپٽ به اهم آهن جن ۾ هُن مختلف عالمي ڏينهن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ رياضت محبتن، مزدورن، ڪٽنب، مائرن، ماحول، ٻارن جي پورهيي خلاف، نشي جي استعمال خلاف، ٽارچر يا ڏنڀ جو شڪار ٿيلن سان ساٿ ڏيڻ وارن عالمي ڏينهن تي روشني وڌي آهي. رياضت جي هنن اسڪرپٽس کي شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاري، وفا ناٿن شاهي ۽ ٻين شاعرن جي چونڊ شعرن به خوبصورت بڻايو آهي. رياضت انهن شاعرن جي شعرن کي وڏي هنرمنديءَ سان برمحل استعمال ڪيو آهي. ساڳي ريت خاص خاص موضوعن تي هُن دنيا جي ڏاهن ۽ ڏاتيارن جا ڪوٽيشن به ڏنا آهن. انهن سڀني شين هن ڪتاب کي چار چنڊ لڳايا آهن.

رياضت هن ڪتاب ۾ جيڪي اسڪرپٽ شامل ڪيا آهن، اهي سچ ته دل سان لکيا آهن، ۽ دل جي ڳالهه دل تائين ضرور پهچندي آهي ۽ اثر به ڪندي آهي. اقبال به ته اهو ئي چيو هيو ته:

دل سي جو بات نکلتي هي اثر رکهتي هي
پَر نهين، طاقتِ پرواز مگر رکهتي هي

هن ڪتاب ۾ شامل 34 عنوانن ۾ رياضت، جيڪي دل جون ڳالهيون ڪيون آهن، اهي ڳالهيون پڪ سان اوهان جي دل جي دوار تي به دستڪ ڏينديون. رياضت جي هن اسڪرپٽس ُبڪ ۾ انيڪ اهڙا جملا ۽ پيراگراف آهن، جيڪي پنهنجي سلوٽي انداز باوجود دل وري وري پڙهڻ تي چوي ٿي. هتي اهڙا ڪجهه مثال ڏيڻ به ضروري سمجهان ٿو. جيئن:

- زندگي آب حيات آهي يا زهر جو پيا لو، زندگي ٻالڪ جي مُک تي لازوال مرڪ آهي يا سالِڪ جي َگهري سوچ... زندگي مسلسل جدوجهد جو سفر آهي يا خودڪشيءَ جي فيصلي ۾ وجائجي ويل جواني...
- جيڪي پاڳوند پيار جي ڪڙن ۾ قابو هوندا آهن، تن کي چڱيءَ پر سُڌ آهي ته پيارُ آنند جو ٻيو نانءُ آهي، پيارُ پُرسڪونيءَ جي وٿ آهي، پيار حياتيءَ جي سونهن ۽ سُک جو سنديس آهي، پيار ُ اُفق ۾ پرهه ويل پکڙجندڙ سهڻا رنگ ۽ شفق ويل ُ لهندڙ رنگين شام جي حسناڪي آهي. پيارُ پنهنجائپ جو پيغام آهي جنهن ۾ پوئيل اکر، لفظ ۽ جملا گيتن جي روپ ۾ فضا کي سرمستي بخشيندا آهن. پيارُ اهو رشتو آهي جنهن ۾ جيڪو ٻڌيبو آهي سو سدا لاءِ سوگهو ٿي ويندو آهي.
- درد تڪليف ته ڏيندو ئي آهي، ماڻهوءَ کي پيڙا مان گذاريندو ته آهي ئي آهي، پر درُد ماڻهوءَ کي سُرور به ڏيندو آهي. درَد مان ماڻهو مزو به وٺندو آهي... درد جو سرور، درد جو مزو ڪو ڪو ماڻهو ئي وٺي سگهندو آهي، ان سور کي ڪو ڪو ماڻهو ئي محسوس ڪري سگهندو آهي... اها هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي... اوهان سوچيندا هوندا ته ڀلا درَد مان سرور ڪيئن ملندو؟... پر، درد واقعي به مزو ڏيندو آهي، ان مان سچ پچ به سرور ملندو آهي، جيڪڏهن اهو درد ڏيندڙ ڪو پرين پيارو هوندو آهي ته ان درد مان سُڪون ملندو آهي. جيڪڏهن درد ڏيندڙ هٿ ريشم جهڙا نرم هجن، ته ان درد جي لذت روح کي نرم ٻڻائي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن درد ڏيندڙ نيڻ خماريل هجن ته رات جا سپ سپنا خمارن ۾ ونجي ويندا آهن.

- امڙ جي محبت جي ڪٿ ڪري ئي نه ٿي سگهجي.... ماءُ جي محبت جو پورو احساس ان ماڻهوءَ کي ئي هوندو آهي، جنهن کان ماءُ ننڍي وهيءَ ۾ ئي وڇڙي ويندي آهي ۽ پوءِ اهو ماڻهو سڄي ڄمار ماءُ جي محبت لاءِ تڙپندو رهندو آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگيءَ جو پل پل امڙين کي ارپيون تڏهن به سندن لاثاني محبت جي موٽ نه ٿا ڏئي سگهون.
- اسان جا احساس، اسان جا جذبا، اسان جا ڏما ۽ اسان جا ارمان، اسان جا سُک ۽ ڏک انهيءَ وقت کي، اڃا به چئجي ته وقت گذرڻ جي رفتار کي گهٽ ۽ وڌ ڪندا رهندا آهن. ايئن حقيقت ۾ ته ناهي هوندو، پر وقت جي احساساتي ماپ ڪجهه اهڙا ئي انومان ڏيندي رهندي آهي. مثال طور ڪڏهن ته خوشيءَ ۽ سرمستيءَ جي احساس ۾ ڏمن هيٺ وقت ايئن اڏامي ويندو آهي، ڄڻ پَر لڳل هجنس، ته ڪڏهن وري وقت ڏک ۽ تڪليف توڙي وڇوڙي جي مرحلن ۾ ايئن رڙهندو آهي ڄڻ ڄڻوءَ پير گذري رهيو هجي، اڃا به بيهجي ويو هجي....
- فطرت جو صبح جيڪي افق ۾ رنگ وکيريندو آهي، تن جا اکڙين ۾ جيڪي رنگ رچندا آهن، اهي صرف ڏسڻ سان ئي تعلق رکن ٿا، ساڳيءَ طرح پکين جون لاتيون ڪنن ۾ امرت گيت اوتينديون آهن، ته ڪائنات جا حسين نغما ڄڻ ڪنن ۾ ٻُرڻ لڳندا آهن، ۽ هن سنسار تي بي اختيار ۽ بي پناهه پيار ايندو آهي. صبح سمي جي دنيا هڪ نئين دنيا هوندي آهي، جنهن کي منجهند تائين سمهه ندڙ ڪڏهن به پسي نه سگهندا ۽ نه ئي ان جي احساس کي لفظن منجهان سمجهي سگهندا....
- ماڻهو هر روپ ۽ رنگ، عمر ۽ انداز ۾ پاڻ ڏانهن ڇڪائيندڙ هستي آهي.... پلا، ٻار جي لاغرض پيار ۾ ڪيڏو نه وڏو سنسار سمايل هوندو آهي! ٻار جي منڙي ٻوليءَ ۾ ڪهڙي نه ڪنن ۾ ماکي اوتيندڙ مناڻ هوندي آهي! ٻار جي ٽهڪن ۽ مرڪن ۾ ڪهڙي نه پنهنجائپ هوندي آهي ۽ ٻار جي رُسامي ۾ اڻ مئي معصوميت.
- ملڻ ۽ وڇڙڻ، زندگيءَ جي هلچل جا لازمي جزا آهن. ڪڏهن ملڻ، ته ڪڏهن وڇڙڻ، سلسلو هلندو رهندو آهي. ڪجهه ماڻهن سان اسان ڪڏهن چاهيندي به ملي نه سگهندا آهيون، ته ڪڏهن ڪن ماڻهن سان اتفاقي طور ايئن ملي ويندا آهيون، جو يقين ئي نه ايندو آهي. اهي وارداتون ڏاڍيون عجيب آهن. ملڻ ۽ وڇڙڻ جون وارداتون عجيب ۽ لذت ڀريا احساس من ۾ پيدا ڪنديون آهن. ڪڏهن ملڻ سان وڇوڙو ياد ايندو آهي، ته ڪڏهن وري وڇوڙي سان ملڻ. ڪڏهن ملڻ ۾ وڇوڙو سمايل هوندو آهي، ته ڪڏهن وڇوڙي ۾ وري ملڻ سمايل هوندو آهي.

اهڙي ريت هن ڪتاب "**واءُ وڪيريا خيال**" ۾ اوهان کي اهڙا بيا به ڪيترائي جملا پڙهڻ لاءِ ملندا، جيڪي اوهان جي من تي دستڪ ڏيندا. حقيقت ۾ رياضت جو هي ڪتاب مختلف خيالن ۽ احساسن جو هڪ اهڙو گلدستو آهي، جنهن جي هر گل ۾ اوهان کي پنهنجو رنگ ۽ پنهنجي خوشبو ملندي. رياضت اجا به اهڙن خيالن ۽ احساسن جا گل گڏ ڪري رهيو آهي، هن کي هڪ ڳڻ ملي رهيو آهي، اهو ڳس اهو ڏس ڏئي ٿو ته هو اڳتي به اسان کي اهڙا ڪتاب ارپيندو رهندو. هتي مون کي ايمرسن جا اهي لفظ ياد ٿا اچن ته "انسان جي واسطي سڀ کان وڏي خوش قسمتي ۽ حياتيءَ جو سڀ کان وڏو انعام هو آهي ته هو پنهنجي پاڻ ۾ ڪنهن اهڙي خاص ڪم ڪرڻ جو لاڙو پيدا ڪري ڇڏي، جنهن سان هن کي پورو پورو شوق هجي ۽ ان ڪرڻ سان ڪيس دلي خوشي محسوس ٿئي." سو منهنجي دعا آهي ته منهنجو پيارو دوست رياضت ايئن ئي پنهنجن خوبصورت لفظن سان خيالن ۽ احساسن جي اندلٺ ناهيندو رهي ۽ پنهنجي تخليق جي جوهر سان هن نوعيت جا ڪتاب تخليق ڪندو رهي.

**احسان دانش**

1 سيپٽمبر 2012، لاڙڪاڻو.

# ڪونجڙين ڪٽڪار

وقت ڇا آهي؟ اها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا بنا ساهيءَ جي گذرندي رهي ٿي؟ جيڪڏهن اهو گذري نہ ٿو تہ ڪٿي آهي؟ اهو ڪٿي تہ لازمي هجڻ گهرجي. اهي ڪٿان اچي ٿو ۽ ڪيڏانهن هليو وڃي ٿو؟ ان جا لمحا ڪٿان ڪان شروع ٿين ٿا ۽ ڪٿي وڃي دنگ ڪن ٿا؟ وقت ڇا آهي؟
مان اڪثر انهيءَ تي سوچيندو رهندو آهيان، پر هن ڪائنات جي وشال ڪئنواس تي لکين اهڙا خيال ڇٽيل آهن جن جا رنگ مدهم آهن ۽ هزارين اهڙا تصور آهن جن جا مڪمل جواب نہ ٿا ملي سگهن ۽ ان لاءِ مختلف رايا موجود آهن. وقت جي اڪيڊمڪ بحث مان مون اهو پروڙي ورتو آهي تہ ان جو سڦلائتو استعمال ڪهڙو آهي! اسان جو ماضي بي تغير آهي. هزار ڪوششون ڪيون، ان ۾ تبديلي آڻي نہ ٿا سگهون ۽ اسان جو آئندو هڪ افسانو myth آهي. جيڪي اسين سوچي ويهون، سڀ ان جي ابتڙ ٿي سگهي ٿو. بس اسان جو اختيار پنهنجي هلندڙ وقت تي آهي، ۽ صاحب فهم ماڻهو اهو هنر رکندا آهن تہ انهن جو استعمال ڪيئن ڪجي ۽ رياضت بہ انهن مان هڪ آهي.
مون جڏهن 2003ع ۾ پروگرام پروڊيوسر طور ريڊيو پاڪستان جوائن ڪيو هو، ان وقت ريڊيو لاءِ منهنجو رايو هو تہ ان جو وقت ختم ٿي چڪو آهي، بس بيروزگاريءَ جي اذيت کان پناهہ وٺڻ لاءِ نوڪري ڪرڻي آهي، پر جڏهن مون ڪم شروع ڪيو تہ منهنجي راءِ غلط ثابت ٿي، ڇو تہ ريڊيو ڪي مون هڪ طاقتور ميڊيا جي حيثيت ۾ لکين ماڻهن تائين پهچندي ڏٺو ۽ ان مشاهدي منهنجي اندر ۾ موجود سماجي تبديليءَ جي خواهش رکندڙ شخص کي حوصلو ڏنو. ڪارل مارڪس جو قول منهنجي آفيس جي ديوار تي سندس تصوير سان گڏ لڪيل آهي تہ اڄ تائين فلسفين دنيا جي صرف تشريح ڪئي آهي، جڏهن تہ اصل مسئلو دنيا کي تبديل ڪرڻ آهي. اسين پلي ڪو سياسي يا اقتصادي انقلاب آڻڻ جي سگهہ نہ رکندا هجون، پر ايترو ويساهہ ضرور آهي تہ اسين ماڻهن جي روين ۾ تبديلي آڻي انهن کي معاشري جو ذميوار فرد بڻائڻ ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا. ان سوچ تحت مون ريڊيو پاڪستان جي پاليسين کي نظر ۾ رکندي اهڙا پروگرام ترتيب ڏنا جيڪي انساني روين جي سائنسي بنيادن تي بحث ڪندي ان جي تربيت جي ذميواري نڀائي سگهن. ان ڪم ۾ ظاهر آهي اهڙن دوستن جي ضرورت محسوس ٿي جيڪي اهل علم ۽ سماجي شعور رکندڙ هجن ۽ ان کي استعمال ڪرڻ ۾ براڊ ڪاسٽنگ جي اصولن مطابق هنر بہ رکندا هجن. ان ڳولا ۾ مون کي عادل عباسيءَ کان وني رياضت ٻرڙي تائين تمام گهڻا ساٿي ملي ويا جيڪي روايتي لفاظيءَ کان هٽي ڪري بامعنیٰ ڪم ۽ مقصديت ڀريو ڪم ڪرڻ جي

فن جا ماهر آهن. منهنجي ان انداز جي ڪم تي پنهنجي سينئرن سان ۽ ٻين هم پيشه ساٿين سان بحث به ٿيا جن مان اڪثر سينئر آفيسرن حوصله افزائي ڪئي ۽ گڏوگڏ رهنمائي به ڪئي.

رياضت پرڙو هڪ ڪمپيئر جي حيثيت ۾ صرف نغما هلائڻ ۽ تفريح لاءِ ٽوٽڪا لکڻ جو ڪم نه ڪيو بلڪ هڪ اهل دانش اديب ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ پنهنجي پروگرام جا اسڪرپٽ جاڻ، علم، فڪر ۽ رهنمائيءَ واري صلاحيت سان لکيا جن ۾ معلومات، دلچسپ انداز بيان، تفريح ۽ اڪيڊمڪ مباحثا به شامل رهيا. هن ابتدا کان وٺي ڊسڪ جاڪي پروگرام ”لاڙڪاڻو اسپيشل“ تسلسل سان ڪيو آهي.

ڊسڪ جاڪي پروگرام موسيقيءَ ۽ تفريح پرين دلچسپ ڳالهين تي مشتمل هوندو آهي. رياضت ان جي بنيادي گهرج کي بحال رکندي ان کي اصلاحي، علمي ۽ معلومات پري اسڪرپٽ سان سنواريو. سندس موضوعن ۾ انساني ڪيفيتن جي گوناگون دنيا جي سفر سان گڏوگڏ ثقافتي، ادبي ۽ فڪري پهلوئن جو مشاهدو به شامل آهي. هن معلومات ۾ سنڌ جي شخصيتن، تاريخ، ثقافت، تهذيب ۽ تمدن، ادب کي به گفتگوءَ جو موضوع بڻايو، ته گڏوگڏ انسان جي من اندر جهاتي پائي سندس دل ۽ دماغ جي دنيا کي به سمجهي بيان ڪيو. هن حضرت عليؑ کان وٺي جديد دور جي باوقار ماڻهن تي به لکيو، شاعريءَ جي پرڪيف ۽ حساس احساسن جا به رنگ رچيا ته گڏوگڏ شاهه لطيف، شيخ اياز کان وٺي لاڙڪاڻي جي لوڪ ادب جي ذاهن سان به ٻڌندڙن کي ملايو. هن عالمي ڌاڙن جي پس منظر ۾ سماجي شعور کي به اجاگر ڪيو ته گڏوگڏ انساني ڪٽنب جي فرد هجڻ ناتي ذميوارين جو احساس به ڏياريو آهي.

سندس لکڻ جو انداز سادو ۽ بيان جو اظهار اثرائتو آهي. مثال طور هو هڪ پروگرام جي اسڪرپٽ ۾ محبت جي نفيس ۽ نرمل جذبي تي ڳالهائيندي چوي ٿو ته:

> ”محبت بابت گهڻو ئي ڳالهايو، لکيو ۽ سوچيو ويچاريو ويو آهي، تڏهن به محبت بابت سدائين نئين کان نوان جذبا ۽ احساس ماڻهوءَ جي من ۾ ڪر موڙيندا رهيا آهن. عام احساس هيٺ محبت به عام جذبو هوندي آهي، پر خاص احساس هيٺ، جڏهن ماڻهوءَ جي اندر جي ڪائنات جاڳڻ لڳندي آهي، جڏهن ان سجاڳيءَ ۾ خمار به هوندو آهي ته قرار ۽ انتظار به هوندو آهي، تڏهن محبت خاص جذبو بڻجي پوندي آهي.... ان لمحي محبت جي معنىٰ ڪا هڪ مخصوص ۽ سادي معنىٰ ناهي هوندي، جيڪا ڊڪشنريءَ ۾ لکيل هجي يا جنهن جو ذڪر محبت تي لکيل ڪتابن ۾ سولائيءَ سان ملي وڃي، پر ان محبت جي وسعت هن وشال سنسار وانگر وسيع ٿي ويندي آهي.“

ان ۾ ڪو وڏاءُ نه آهي ته رياضت جا موضوع ۽ بيان به وسيع آهن، ڪٿي ڪٿي جيڪڏهن هو مبالغانه گفتگو ڪري به وڃي ٿو ته جلدي ئي وري حقيقت پسندانه Approach اختيار ڪندي شين کي بلڪل حقيقي انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

رياضت پرڙو ڏيمي انداز ۾ گفتگو ڪندڙ، نرم مزاج ۽ حساس ليکڪ آهي. هو معاشري جو ذميوار فرد هجڻ سان گڏوگڏ محبت ڪندڙ ۽ مخلص دوست به آهي. هو هر وقت فن ۽ فڪر جا نوان جهان ڳوليندو رهندو آهي، ليڪچرر جي محنت طلب نوڪريءَ سان گڏ ريڊيو، پبليڪيشن جيڪم، لکڻ پڙهڻ ۽ سماجي خدمت جي محنت طلب ڪمن ۾ هر وقت مصروف رهندڙ به آهي ۽ سندس شخصيت جا اهي سمورا رنگ هن جي ريڊيو پروگرام جي اسڪرپٽ ۾ به شامل رهيا آهن. سندس هي ڪتاب ريڊيو جي اسڪرپٽس تي مشتمل آهي، جيڪو انفراديت سان گڏوگڏ محض ريڊيو جي اڪثر سڪرپٽ لکندڙن جيان لفاظي نه آهي، پر پڙهندڙن جي علمي ذوق جي پورائي جو ڪامياب ۽ بهترين ذريعو به ثابت ٿيندو.

**عابد ڪاظمي**

12 سيپٽمبر 2012، لاڙڪاڻو

# قلم قبيلي جو برجستو ڪوي

جيڪي ماڻهو پيار ڪي ئي پنهنجي جيون جو سرمايو سمجهي هر ڪنهن کي محبتون آڇيندا آهن سي ئي ماڻهو هر دل ۾ جاءِ جوڙي وٺندا آهن، ڇا لاءِ ته اصل خوشي به پيار ۽ محبت پرين روين جي موٽ ۾ ئي ملندي آهي. اهي انسان جن سان گڏ ويهندي ڏکندو ڏور ٿيندو آهي ۽ من جي مونجهه مسرتن ۾ تبديل ٿيڻ لڳندي آهي سي سچ ته دل جي انتهائي قريب ٿي ويندا آهن. منهنجي دل جي اهڙن ئي قريب ۽ پيارن دوستن ۾ **رياضت پرڙو** به شامل آهي جنهن جو وجود مون لاءِ هميشه اتساهه ڏيندڙ رهيو آهي.
رياضت جي شخصيت جا ڪيترا ئي پهلو آهن. هو هڪ ئي وقت پختو شاعر، برجستو ڪهاڻيڪار، بهترين منتظم، جاکوڙي محقق، مترجم، پبلشر ۽ قابل استاد آهي. هيل تائين سندس شاعري جا به ڪتاب "**شام جي هوا**" ۽ "**ديوانِ رياضت**" ڇپجي چڪا آهن. سندس ڪهاڻين جو ڳٽڪو "**پيار جي ڪهاڻي**" پڻ ڇپيو آهي. هو هڪ ئي وقت ڪيترين ئي تنظيمن سان پڻ مختلف حيثيتن ۾ سلهاڙيل رهيو آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري کان وٺندي ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي جي سرواڻ تائين رياضت مختلف ادبي تنظيمن ۾ اڳواڻ هوندي به هڪ ڪارڪن جيان ڪم ڪندو رهيو آهي. "**قنبر: هڪ اڀياس**" قنبر جي تاريخ تي ترتيب ڏنل ذخيم ڪتاب پڻ رياضت جي ڪريڊٽ تي هڪ تمام وڏو ڪم آهي. مون ڪيس هميشه متحرڪ ڏٺو آهي، هو ڪنهن نه ڪنهن اسائنمينٽ تي ڪم ڪندو ئي رهندو آهي. ڊاڪٽر محبت جي ورسي تي هر سال ڊاڪٽر جو ڪونه ڪو ڪتاب ترتيب ڏئي شاندار ورسي جو پروگرام منعقد ڪري ان ۾ مختلف شعبن سان واڳيل شخصيتن کي ايوارڊ ڏيڻ پڻ سندس مستقل مزاجي جو وڏو دليل آهي.
سائنسي مواد کي سنڌيءَ ۾ آڻي نوجوان شاگردن تائين پهچائڻ واري جذبي سان هو ڪيترن ئي سالن کان "**سائنسي سوچ**" مئگزين پڻ شايع ڪري رهيو آهي. گڏوگڏ سائنسي ڄاڻ وارا مضمون پڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپرائيندو رهيو آهي. ان حوالي سان سنڌيءَ ۾ سائنسي مواد جي کوٽ واري مسئلي جو ڪنهن حد تائين پورائو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ پڻ رڌل آهي.
سال به اڳ مون کي ۽ رياضت کي اسان جي پياري دوست ۽ سينيئر براڊڪاسٽر **عابد ڪاظميءَ** ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي پروگرام "لاڙڪاڻو اسپيشل" ڪرڻ لاءِ ڏنو. آچر تي رياضت جو پروگرام، ته سومر تي منهنجو. اسان ٻنهين جيڪي اسڪرپٽس لکيا انهن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ جو خيال آيو ۽ هي ڪتاب ان خيال جو عملي ثبوت آهي. هن ئي سلسلي تحت لکيل منهنجو ڪتاب پڻ جلد پڙهندڙن جي هٿن ۾ هوندو. رياضت ريڊيو اسڪرپٽس واري هن ڪتاب "**واءُ وکيريا خيال**" ۾ جن

موضوعن کي ڇهيو آهي سي يقينن اسان سڀني جي پسند جا موضوع آهن، انهن جو تعلق اسان جي روزاني زندگي سان آهي. سندس لکڻ جو انداز دل کي ڇهندڙ آهي، جنهن ۾ برسندڙ پوريون گهٽائون به آهن، ته آڪاش تي اڏامندڙ سهڻا رنگ برنگي پرندا پڻ. هوائن ۾ جهومندڙ گلابي گل به آهن، ته انهن تي شفاف ماڪ جا قطرا به، هير جا هڳاءَ به آهن، ته سهڻا اڏامندڙ پوپٽ، وڻ ٽڻ، درياهه ۽ آبشار به آهن. هن انساني جذبن ۽ احساسن کي به نهايت ئي سهڻن لفظن جي مالهائن ۾ پوئي پيش ڪيو آهي ته ٽٽندڙ رشتن ۽ سماجي بي حسي جي به ڳالهه ڪئي آهي. هن وٽ ٻوليءَ جو استعمال اهڙو سادو ۽ سلوڻو آهي جو هر ماڻهو انهن گفتن کي آسانيءَ سان سمجهي وٺي ٿو. سندس لکڻيءَ جي اها ڪشش آهي جو پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ ڪٺي هلي ٿي، جيڪا ڳالهه ڪنهن به نثري لکڻيءَ لاءِ نهايت ئي اهميت واري هجي ٿي.

رياضت جي هن ڪتاب ۾ ڪيترائي موضوع شامل ٿيل آهن. پيار، دوستي، خلوص، پنهنجائپ، امن، تهذيب، ثقافت، تاريخ، شخصيتون، وڇوڙو، نيڻ، ميلاپ، درد، خوشيون، ازم، جرئت، زندگي، آزادي، غلامي، حوصلو، ڪاميابي، ناڪامي، اکيون، ميگهه ملهار، پورهيت، لڙڪ ۽ مرڪ، سڏڪا ۽ سارون، مختلف عالمن، اديبن، ڏاهن ۽ فلسفين جون چونڊ چوڻيون ۽ شاعري ڪان علاوه ٻيا به ڪيترائي رنگ ۽ آهنگ هن ڪتاب جي سونهن بڻيل آهن. هن ڪتاب ۾ شاهه سائين ڪان ويندي شيخ اياز تائين ڪيترن ئي شاعرن جو ذڪر به آهي، ته مختلف موضوعن تي سندن چونڊ شعر به شامل ڪيل آهن. پروگرام جونالو چا لاءِ ته **”لاڙڪاڻو اسپيشل“** آهي تنهنڪري اسڪرپٽس ۾ لاڙڪاڻي جو ذڪر به مختلف حوالن سان ڪيل آهي. مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ڏاهن ۽ ڏات ڌڻين جي جنم ڏينهن ۽ ورسين جي مناسبت سان به سندن تعارف شامل ٿيل آهن، ته عالمي واقعن ۽ عالمي ڏينهن جي ذڪر ڪان علاوه قومي مسئلن تي به ڄاڻ جي ڪاڻ هن ڪتاب جي سندرتا ۽ اهميت ۾ اضافي جو سبب آهي.

رياضت جنهن جي موڪري، پوري خوبصورت چهري تي هميشه مرڪ آڏرياءُ ڪندي نظر ايندي آهي سو سچ ته صرف ٻاهر جو ئي نه، پر اندر جو به اجرو دوست آهي. سندس محنتن، محبتن ۽ ڏاهپ سان پرين ڳالهين واري هن سهڻي ڪتاب کي اميد ته پڙهندڙن پاران ڀرپور موٽ ملندي. قلم قبيلي جي هن برجستي ڪويءَ لاءِ پيار ۽ نيڪ تمنائون.

رضوان گل
گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻو

# وڪيريل ۽ سهيڙيل خيال

سال 2011ع شروع ٿيو ته منهنجي لاءِ هڪ نئين سرگرمي ڪٺي آيو، ۽ اها سرگرمي هئي ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي ڪمپيئر طور پروگرام ڪرڻ جي.
ٿيو هيئن، ته ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي منهنجا ويجها ادبي دوست احسان دانش ۽ فياض لطيف مختلف پروگرام ڪندا هئا، جن جو اصرار هو ته ريڊيو تي مان ۽ رضوان گل به پروگرام ڪيون. نيٺ هنن ريڊيو جي سينئر پروڊيوسر ۽ اديب عابد ڪاظميءَ سان ڳالهايو، جنهن بعد، تنهن وقت جي اسٽيشن ڊائريڪٽر جناب محمد علي ٻانيڻ تنهي دوستن جي ماڻ ڏيندي، اسان جو A ڪئٽيگريءَ ۾ ڪمپيئر طور آرڊر جاري ڪيو. اسان کي ڊِسڪ جاڪِي (Disc Jockey) پروگرام ”لاڙڪاڻو اسپيشل“ مليو، جنهن جو پروڊيوسر عابد ڪاظمي هو. ان طرح رضوان ۽ مان ريڊيو جي دنيا ۾ اچي وياسون.
ريڊيو جي دنيا اهڙي دنيا آهي، جنهن ۾ اسٽوڊيو اندر مائيڪ سامهون ڪمپيئر طور ماڻهو اڪيلو وينل هوندو آهي، پر هُو مخاطب سوين، هزارين ماڻهن سان هوندو آهي. پڙهيل، اڻ پڙهيل، مختلف ذهني سطحن وارن اڻ ڏٺن ماڻهن سان لکيل اسڪرپٽ ذريعي ان طرح ڳالهائڻ جڻ هي ماڻهو سامهون وينل هجن، هڪ نئون تجربو هو.
اِن وٽندڙ ۽ نرالي تجربي جي شروعات، مون ”ڳالهه آهي زندگيءَ جي“ نالي اسڪرپٽ سان 6 فيبروري 2011ع تي ڪئي، جو ته مون مناسب سمجهيو ته گفتگوءَ جي ابتدا زندگيءَ کان ئي ڪجي جيڪا اسان جي هئڻ جي جواز ڏي ٿي. ان کان پوءِ لڳ ڀڳ هر هفتي پابنديءَ سان ڪنهن ’نئين‘ موضوع تي اسڪرپٽ لکي، پروگرام ڪرڻ جو سلسلو هلي پيو. ٻن اڍائي مهينن اندر ئي مون کي محسوس ٿيو، ته هيءُ هڪ نئين قسم جو مواد ترتيب هيٺ ايندو پيو وڃي، جيڪو سال کن ۾ هڪ ڪتاب جو روپ وٺي بيهندو. مون ان جو ذڪر دوستن سان به ڪيو. گڏوگڏ مون کي اها به سواليه حيرت ٿي، ته جو ريڊيو اسٽيشنن تي پروگرام ڪندڙ ڪمپيئر دوست پنهنجي ’آواز‘ کي صرف هوائن ۾ وڪيري ٿا ڇڏن ۽ جو ان کي تحرير هيٺ نه ٿا آڻن ۽ پائندگي نه ٿا ڏين! بهرحال، مون پاڻ کي ذميوار سمجهي، پنهنجو ڪم جاري رکيو، جيڪو ضروري ايڊيٽنگ کان پوءِ ڪتابي صورت ۾ اوهان اڳيان آهي. ضرور ان ۾ ڪي ڪوتون ۽ خاميون به هونديون، پر اها ڳالهه مون لاءِ اطمينان جوڳي آهي ته هي ڪتاب به مون چاهه منجهان سرجيو آهي ۽ اها ڳالهه مون لاءِ خوشيءَ جي آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ هيءُ هڪ منفرد ڪتاب آهي.
34- هن سهيڙيل اسڪرپٽن تي مشتمل ڪتاب جو نالو، مون کي ريڊيو جي حوالي سان ”واءُ وڪيريا خيال“ ئي مناسب محسوس ٿيو.
اها دل جي ڳالهه آهي ته ’واءُ‘ مان لاءِ خاص اهميت رکي ٿو جنهن مون کي وڪيريو به

آهي، تہ سهيڙيو بہ آهي.

پنهنجن مهربانن ۽ دوستن جا ٿورا مڃڻ ضروري ٿو سمجهان. سڀ کان پهرين احسان دانش ۽ فياض لطيف جا ٿورا، جن مون کي ريڊيو سان سلهاڙيو. احسان دانش ڪتاب جو جامع مهاڳ بہ لکيو، ان لاءِ وڏيڪ ٿورائتو آهيان. سائين عابد ڪاظميءَ ۽ سائين محمد علي ٻانيڻ جا بہ ٿورا، جن اعتماد ڪندي ريڊيو جي دنيا ۾ منهنجي آجيان ڪئي. عابد ڪاظميءَ هن ڪتاب لاءِ ڀرپور تاثر بہ لکي ڏنو، جنهن لاءِ سندس ٿورا مڃان ٿو. سينئر براڊڪاسٽر ۽ اديب سائين ڪوثر برڙو اپريل 2012ع ۾ ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي تي اسٽيشن ڊائريڪٽر مقرر ٿي آيو، تہ اهو بہ سنو ٿيو. ڪوثر صاحب، منهنجيءَ گذارش کي مانُ ڏيندي ڪتاب لاءِ محبت منجهان تاثر لکي ڏنو ۽ مسلسل ڪتاب جي ڇپائيءَ بابت پڇندو رهيو. مان سندس بيحد ٿورائتو آهيان. پياري ليکڪ دوست رضوان گل بہ منهنجيءَ خواهش تي پيار ڀريو تاثر بہ لکي ڏنو ۽ سهڻو ٽائيٽل بہ ڊزائين ڪيو. سندس پڻ بيحد ٿورا ٿيا. هِن ڪتاب جا ڪيترائي اسڪرپٽ روزاني ”عبرت“ حيدرآباد جي هفتيوار ادبي صفحي ”تخليق“ ۾، اديب دوست واحد پارس هيسباڻيءَ ڇپيا، جنهن لاءِ سندس پڻ ٿورائتو آهيان.

مون کي خوشي آهي تہ دوست مون سان محبت ڪن ٿا. شال! مان سندن زندگيءَ جو اڻ ڇڄ حصو رهان.

**رياضت برڙو**

21 نومبر 2012ع، لاڙڪاڻو

# ”ڳالهه آهي زندگيءَ جي…“

زندگيءَ بابت دنيا جي ڏاهن ماڻهن، عالمن ۽ اڪابرن ڪيئي ڳالهيون ڪيون آهن.... ڪنهن زندگيءَ کي خوبصورت لمحو سڏيو آهي، ته ڪنهن سادگيءَ ڀريو پل. ڪنهن زندگيءَ کي عارضي ڄاتو آهي، ته ڪنهن مستقل قدرُ..... ڪنهن زندگيءَ جا گيت ڳاتا آهن، ته ڪنهن ان کي نِنديو آهي. ڪنهن ان کي ميٺ سان ملاقات جو نانءُ ڏنو آهي، ته ڪنهن جيٺ جا سڏ ڪوٺيو آهي.... ڪنهن زندگيءَ کي مانيءَ ٽُڪي جي ڳولا سڏيو آهي، ته ڪنهن ڇٽ رشي طعام جو دسترخوان.... ڪنهن زندگيءَ کي حُسن ۽ عشق جي راند چيو آهي، ته ڪنهن ان کي موت سان ويڙهاند جو نالو ڏنو آهي.... ڪنهن زندگي تي ڪو ڀروسو ناهي ڪيو، ته ڪنهن وري زندگيءَ کي پنهنجي حياتي ارپي ڇڏي آهي.... ڪنهن زندگيءَ کي آخرت جو رستو چيو آهي، ته ڪنهن ان کي واريءَ ڀري مُٺ سمجهيو آهي.... ڪنهن ڪيئن ته، ڪنهن ڪيئن.... نيٺ زندگي آهي ڇا!؟ ڇا زندگي ايئن ئي آهي جيئن ان کي دنيا جي سمجهو ماڻهن سمجهيو ۽ ٻڌايو آهي، يا زندگي ايئن به آهي جيئن اها ڳُري پئي، جيئن اها نظر اچي پئي.... يا زندگي ايئن آهي ئي نه، جيئن اها هجڻ گهرجي؟

زندگي آب حيات آهي يا زهر جو پيالو، زندگي ٻالڪ جي مُک تي لازوال مرڪ آهي يا سالِڪ جي ٺَهري سوچ ويچارَ.... زندگي نوجوان جي اتساهه ڀريُ ڏامر آهي يا ٻُڍڙي جي ٿَڪل وِک.... زندگي سچ جي سهڻي واٽ آهي يا ڪوڙي جي منهن تي بي حيائيءَ جي ڏِک.... زندگي مسلسل جدوجهد جو سفر آهي يا خودڪشيءَ جي فيصلي ۾ وڃائجي ويل جواني.... سنڌ جي لازوال شاعر شيخ اياز چيو آهي: ”ڳالهه آهي زندگيءَ جي، توڙ تائين مچ نه هار!“.... سچ پچ به، زندگي، اهڙي ئي ته لازوال شي آهي جنهن کي ڪمال تي رسائڻو آهي، جنهن لاءِ ڪڏهن به هارَ ناهي مڃڻي.

زندگيءَ جو سهڻو سفر هزارين لکين سالن کان هلندڙ آهي. هن سفر جو پنڌ پراڻو آهي، پر پوءِ به نئون نئون آهي.... اهائي ته زندگيءَ جي گهرج آهي، ته اها سدائين نئين نئين رهي، ڪڏهن به پراڻي نه ٿئي. تڏهن به، دوستو، اسان وٽ عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ زندگي ڇا آهي؟ وٺس، زندگي ٻن ويلن جي نه کُنندڙ ڪٿا آهي يا ڀِيڙا ۽ پوڳنا جي مسلسل ڪهاڻي؟.... زندگي بيمارين جي وَر چڙهي وڃڻ جي قسمت آهي يا صحتيابيءَ جي آرزوءَ ۾ گذرندڙ وقت جي قيمت؟.... زندگي خوف جي پاڇي ۾ رهندڙ ماڻهن جي لاچاري ۽ بي وسي آهي يا منٿلِيون، ڀُنگ ۽ غُنڊا ٽئڪس ڀري جيئرو رهڻ جي خوش فهمي؟ پر ان سڀ ڪجهه باوجود زندگي.... جي ها، زندگي ايئن به آهي ڏک ۾ رهندي سُک جي ڳولا، پنهنجي سُک ۾ گذاريندي سيني لاءِ سُک، امن ۽ سلامتيءَ جي ڳولا....

زندگي ڪيڏي نہ حسين آهي، پر زندگيءَ بابت اسان ڪڏهن سوچيو آهي تہ اها ڪيئن ۽ ڪهڙن ڪمن ۾ گذري وڃي ٿي؟.... ُاها اجائي گذاريون ٿا يا سجائي ڪيون ٿا؟ زندگي هڪڙو ڀيرو ئي ملي ٿي، تہ ڀوءِ اها سقلائتين ڪارگذارين ۾ صرف ڪيون ٿا يا رسمي طرح گذاري ماضيءَ جو وساريل باب بڻجي وڃون ٿا؟.... زندگيءَ ڪي اجا وڌيڪ خوبصورت ۽ ڪارائتو بڻايون ٿا يا زندگيءَ جي حسناڪين کان محروم رهجي، مرحوم بڻجي وڃون ٿا؟ ...... مها ڪوي شيخ اياز، زندگيءَ بابت ڪيڏو نہ سهڻو نظم چيو آهي:

هِيءَ شي جا روپوش ٿِي،
ُلِري ٿي جذبات ۾
لرزي ٿي تلوار ۾
تارن جي اک ڇنڀ جئن
آ ساري سنسار ۾،
باکُ ڦٽيءَ رابيل جي
ٿڙيل آهي تار ۾،
هيءَ جا منهنجي گيت جي
آهي هر سُر تار ۾-
هيءَ ئي آهي زندگي
هيءَ ئي آهي زندگي!

زندگي موسمن جي ڦرڻ گهرڻ جو نالو ناهي، نہ ئي اها چئن مُندن جي واري سِر ڦرڻ جو نانءُ آهي، پر زندگي تہ انيڪ موسمن جو وٽندڙ گلدستو آهي..... ماڻهوءَ جي من ۾ ڪڏهن بهار آهي تہ اتي ئي پَن ڇڻ جا پِريلا پن بہ، پر پِيلن پنن جي خوبصورتيءَ کان ڪير تو انڪار ڪري سگهي. اها ئي خوبصورتي، اها ئي سونهن اسان ڪي زندگيءَ ۾ پيدا ڪرڻي آهي جيڪا خوشين ۽ سرمستين جو خزانو هجي.

زندگيءَ ۾ گهڻن ئي ماڻهن سان اسان جو واسطو پوي ٿو. ڪجھ ماڻهن ڪي اسان پسند ڪيون ٿا، تہ ڪجھ ڪي ناپسند ٿا ڪيون.... ڪجھ ماڻهو ڏسندي ئي اسان جي نيڻن ڪي وڻڻ ٿا لڳن، تہ ڪجھ ماڻهو، باوجود ڪيئي سال ڪٺي گذارڻ جي بہ اوپرا ئي اوپرا ٿي رهن..... ڪجھ ماڻهو بنا دير، دل ۾ محبت جون مُرڪون ٿا پڪيڙڻ لڳن، تہ ڪجھ ماڻهو سدائين لاءِ ڏک ۽ ارمان جو سبب بڻجي ٿا وڃن.... ايئن ڇو آهي؟ اسان زندگيءَ ڪي محبتن جي خوشبوءِ ڇو نہ ٿا ڏيون، ڇو ٿا نفرتن جِي پرچار ڪيون! محبت ۾ ئي تہ زندگي آهي ۽ محبت ئي تہ زندگي آهي. سنڌ جي نالي واري شاعر راشد مورائيءَ ڪيڏو نہ سهڻو شعر چيو آهي:

گذريون جي اوهان ساڻ گهڙيون، ياد ڪنداسين!
مُڪڙيون جي محبت جون ٽِڙيون، ياد ڪنداسين!
ڪِن ٿوڙي ڇڏيون ٿي، ڪِنين مضبوط ڪيون ٿي،
سي قرب ۽ الفت جون ڪڙيون، ياد ڪنداسين!

زندگيءَ ۾ عشق به اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. عشق زندگيءَ جي زندگي آهي، ته عشق ئي زندگيءَ جي بندگي به آهي. زندگي جڏهن عشق سان پيچ اٽڪائي ٿِي ته هڪ سرمستيءَ ڀري جهان ۾ آٽي رهائي ٿي.... ان جهان ۾، جنهن ۾ دنيا جا غم هڪ پاسي آهن، ته خوشيون ٻئي طرف. عشق ئي ته زندگيءَ جي وجود جو سبب آهي، زندگي عشق ڪان سواءِ ڪيڏي نه ٻُسي آهي!

لکين ماڻهو پنهنجيون زندگيون گذاري، مٽيءَ ۾ ملي، مِٽجي ويا! اهي ڪنهن کي ياد آهن؟ ڪنهن کي به نه.... پر، اهي ماڻهو ئي تاريخ ۾ محفوظ رهيا آهن، انهن ماڻهن کي ئي ياد رکيو ويو آهي، جن پنهنجيون حياتيون عام ماڻهن جي ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيون، جن پنهنجيءَ حياتيءَ جو پل پل انسانذات جي سنوار ۽ سڌار لاءِ سجايو ڪيو.

پياري ماڻهوءَ کي سوچڻ ۽ اهو به محبت منجهان سوچڻ، ڪيڏو نه سهڻو لڳندو آهي! جڏهن پياري ماڻهوءَ جا خيال اسان جي سوچن ۾ لهرن وانگر لِرندا آهن ته ڪيئن نه بي خوديءَ جون مُرڪون منهن تي پکيڙجي وينديون آهن.... پرينءَ کي سوچڻ به عبادت وانگر آهي. ان عبادت وانگر، جنهن ۾اسان جو هڪ هڪ ساهه "پرين، پرين" پڪاريندو آهي. اها پڪار، جيڪا فقط پرينءَ جي دل تائين ئي رسندي آهي، ٻيو ڪو به اها پڪار ٻُڌي نه سگهندو آهي ۽ نه ئي ان پيار کي محسوس ڪري سگهندو آهي. پيار صرف محبوب لاءِ ئي آهي، ٻئي ڪنهن لاءِ نه.

زندگيءَ ۾ انهن ماڻهن کي ئي امرتا ملي آهي جن سچ جو ساٿ ڏنو آهي ۽ سُولين جي به پرواهه ناهي ڪئي. زندگي سچ آهي ۽ اها سچائيءَ سان ئي جيئڻي آهي. زندگيءَ کي ڪوڙ سان جي نه ٿو سگهجي. ڪوڙ ڪچ آهي، جنهن جي ڪا حيثيت ناهي..... حيثيت صرف ۽ صرف ان پل کي حاصل آهي جيڪو زندگيءَ کي بامقصد بڻائي ٿو:

يقين ڪهڙو رکي سگهندو اهو 'تنوير' ڪنهن شيءِ ۾،
نه جنهن کي زندگيءَ ۾، زندگيءَ تي اعتبار آيــو.

زندگيءَ جو سفر روان رهڻو آهي. ان سفر کي روڪي نه ٿو سگهجي، پر خوبصورت بڻائي سگهجي ٿو.

***

(لکيل: 6 فيبروري 2011ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 26 جون 2011ع)

# درد زنده رکندو آهي....

سنڌ جي آڪاس تي بادل ڇانيل آهن ۽ ماحول ۾ ٺڏڪار رچيل آهي. ڪڪر وسڻ جا ويس ڪري آيا آهن ۽ پنهنجي سونهن ڀِسائي رهيا آهن. ان سهڻي سمي شاهه سائينءَ جو بيت ذهن تيَ تري آيو آهي:

ڪڪر منجهه ڪپار، جهڙ نيٽؤن نہ لهي،
جهڙا منهنجا سپرين، تهڙا ميگهه ملارَ،
ڪڻ اکيون، ڪِل يارَ، وجن سُور سنڌا ڪيون.

سنڌ جا شهر ۽ ٻهراڙيون ڪنهن نہ ڪنهن وٿندڙ حوالي سان ڄاتا سڃاتا وڃن ٿا. مثال طور، ميهڙ جي ميندِي مشهور آهي، تہ رتي ديري جا پيڙا مشهور آهن.... شڪارپور جي ڪٽاڻ نالي ڇڙهي آهي، تہ ماهوٽن جا زيتونَ شوق سان کاڌا ويندا آهن.... سکر جو ساڌ ٻيلو مشهور آهي، تہ دادوءَ جو جادو ماڻهن کي موهي وجهندو آهي.... ڪراچيءَ جو سمنڊ انوکي ڇڪ ۽ سِڪ رکي ٿوءِ تہ ٺٽي جي ڪينجهر ڍنڍ جي ڳالهہ ئي ٻِي آهي.... اسان جو لاڙڪاڻو تہ وري باغن جو شهر چيو ويندو هو. هاڻي تہ انهن باغن جي خوشبوءِ ۽ رنگارنگين کي ٿورو ڏ َڪو جناح باغ ۽ ذوالفقار باغ ۾ ئي ڀِسي سگهجي ٿو.... پر هڪ شيءِ، جا سنڌ جي ٻهراڙين کي مجموعي طرح خوبصورت بڻائي ٿي، اهي انهن واهڻن ۽ وستين جا ڪيتَ آهن، جيڪي ڳوٺاڻن جي محبتي دلين وانگر خوشبوئن ۽ رنگن سان سينگاريل آهن....سائين منهنجا، سرنهن جي سهڻي پِيلاڻ ڪان ڪير ٿو اکيون ٻوتي سگهي! رابيل جي معصوم سُرهاڻ ۽ نِرملتا کي ڪير ٿو وِساري سگهي! رات جي راڻيءَ جي خوشبوءِ کي ڪيئن ٿو ساهن ۾ سمائجڻ کان روڪي سگهجي! ڪنول ُگل جي ڪوملتا ٻڌائڻ لاءِ ڪهڙن لفظن جو انتخاب ڪجي! سورج مُکيءَ جي سچ سان محبت تہ عالم آشڪار آهي، پر سمورن گلن جي بادشاهہ گل.... گلاب جي گل جي حُسن ۽ خوشبوءِ جي ڇا ڳالهہ ڪجي! گلابُ عاشقن جو گل آهي، گلابُ محبوبَ جي زلفن جو سينگار آهي، گلابُ تحفو آهي هڪ محبتي دل لاءِ، ٻِيءَ چاهت ڀِري دل جو....

***

سنڌ جي مها ڪوي شيخ اياز کي سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ وڏي حيثيت حاصل آهي. شيخ اياز جنهن ريت پنهنجي بي پناهہ فڪرِي ۽ فني گهرائي رکندڙ شاعريءَ سان، سنڌي ٻوليءَ کي وسعتون ڏنيون، تن جي ڪٿ ڪرڻ ڪو سولو ڪم ناهي. ان لاءِ عالمي سطح جي علم، ادب ۽ تاريخ جو مطالعو ڪرڻو پوندو، تڏهن ئي شيخ اياز جِي عظمت کي سمجهي سگهبو. اهو ئي ڪارڻ آهي، جو سندس شاعريءَ جي باري ۾، علمي ۽ ادبي حلقن ۾ چيو ويندو آهي، تہ شيخ اياز جي فڪر ۽ فن جو اپياس بہ ايئن

ئي صدين تائين ٿيندو رهندو جيئن سنڌ جي پتائيءَ شاهه عبداللطيف جو مطالعو صدين کان مسلسل ٿِي رهيو آهي، پر اجا تائين شاهه سائينءَ جي ڏاهپ پرين بيتن ۾ واين ۾ سمايل فڪر ۾ فن جو درياهه بادشاهه اڻ ڪٿ وهندڙ آهي ۾ شاهه جي فڪر ۽ فن توڙي سندس موسيقيءَ جا نوان نوان رُخ پڌرا ٿي رهيا آهن.... دوستو! شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز ئي اهو شاعر آهي جنهن سنڌي شاعريءَ کي ڪمال جي نـَئين اُوچائين تي پهچايو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لِڪل حسناڪين کان رُوشناس ڪرايو. اياز سنڌي ماڻهن سان محبت جا، سڄي دنيا جي انسانذات سان پيار ۽ ُل جي آزاديءَ جا ۽ فطرت جي سونهن جا گيت ڳاتا....

شيخ اياز کي اسان کان وِڇڙي، 13 ورهه گذري ويا آهن، پر افسوس ته اجا تائين، شيخ اياز جي مطالعي جِي، صحيح طرح پرک ۽ پروڙ جِي شروعات نه ٿي آهي.... ان مقصد کي ڌيان ۾ رکندي، لاڙڪاڻي جي علمي ۽ ادبي تنظيمن، سال 2011ع کي ”شيخ اياز سال“ ڪري ملهائڻ جو طي ڪيو آهي ۽ هيءُ سڄو سال شيخ ايازجي شاعريءَ ۽ سندس سرجيل نثر جي مطالعي جي حوالي سان پروگرام رٿيا آهن.... ڏاڍي خوشيءَ جي ڳالهه آهي، ته ”شيخ اياز سال“ ملهائڻ جي سلسلي هيٺ، اڄ صبح، پريس ڪلب لاڙڪاڻي ۾، هڪ سيمينار ”شيخ اياز ـــ بحيثيت شاعر“ منعقد ٿيو.... هن پروگرام جي صدارتُ لپ کنڊ ”پاڪ-هند“ جي دانشور ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ ڪئي ۽ خاص مهمان سنڌ جو مشهور شاعر ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾، سنڌي شعبي جو اڳواڻ ڊاڪٽر ادل سومرو، سنڌي ادبي سنگت سنڌ جو سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر مشتاقُ ڦل، آرٽس ڪائونسل لاڙڪاڻو جو وائيس پريزيڊنٽ ڊاڪٽر نذير شيخ ۽ نالي وارو اديب ۽ ”شيخ اياز سال ڪاميٽيءَ“ جو سيڪريٽري فياض لطيف هئا. ان موقعي تي نالي وارن اديبن ۽ سڄاڻ شخصيتن اياز جي فڪر ۽ فن بابت اپياسي مقالا ۽ مضمون پڙهيا ۽ شاعرن شيخ اياز کي خراج پيش ڪيو...

سِرُ سرچو ساٿيهه سان، متيءَ سان ماڻو،
ڪونهي تنهن کاٽو، اوچو آهيُ لِي کان. (اياز)

***

سائين منهنجا! ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ 14 فيبروري مستقبل مان نروار ٿِي، حال جي هنج ۾ هلِي ايندي. هِن تاريخ کي دنيا ۾ پيار ڪندڙ دلين پاران ”محبت ۽ پيار جي عالمي ڏينهن“ جِي حيثيت حاصل آهي.... ”لورس ڊي“! جي ها، هن ڏينهن تي ڪروڙين ماڻهو گلن جي صورت ۾، محبتي مِنين جي روپ ۾، پنهنجي پنهنجي انداز سان، پنهنجين ثقافتي روايتن موجب، پنهنجن پيارن کي محبت جي پيتا پيش ڪندا. هي ڏينهن نفرتن جو ناهي، پر هي ڏينهن مرڪون ونڊڻ جو آهي.... پر، دوستو، اسان ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ ريت ان ڏينهن کي ملهائينداسين؟ اسان وٽ عالمي ڏينهن ملهائڻ جو لاڙو مِڙيوئي گهٽ آهي. ڪٿي ايئن ته نه ٿيندو، ته هي الفت ۽ چاهت جو

ڏينهن بہ، ٻين عام ڏينهن وانگر اسان جي ماضيءَ ۾ شامل ٿي ويندو ۽ 14 فيبروريءَ جون ڪي بہ يادون، اسان جي سوچن جو يادگار حصو بڻجي نہ سگھنديون؟ سياڻي، چو نہ اسان بہ گلن جا تحفا، سونهن ۽ سُرهاڻ جون سوڪڙيون، پنهنجن پيارن دوستن، سنگتين ۽ ساٿين، گھر ڀاتين ۽ سڄڻن کي ڏيون، ۽ انهن کي بہ ڏيون جن سان اسان جو ناتو هڪ انساڻ هجڻ وارو آهي، اسان هڪ انسان هئڻ ناتي هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهيون....

***

سائين منهنجا! دل جي دنيا بہ حيرت ڀري دنيا آهي! دل جا عاشقاڻا رنگ، ان جون مدهوش ڪندڙ خوشبوئيون، ان جون ُقرب ڀريون ڪيفيتون اچرج جوڳيون بہ آهن، تہ حسناڪيءَ واريون بہ.... دل سائنسدانن جي نظر ۾، پلي تہ هڪ عضوو هجي جنهن جو ڪم جسم کي صاف رت ڏيڻ هوندو آهي، پر دل، عاشقن جي نظر ۾، اهو وجود آهي جيڪو دل جِي دنيا کي محبتن جون روشنيون بخشيندو آهي ۽ هڪ ماڻهوءَ کي ٻئي ماڻهوءَ سان پيار ڪرڻ سيڪاريندو آهي.... پر دل جا ڪي معاملا اهڙا بہ هوندا آهن جيڪي عاشق کي پوڳنا ڏيندا آهن، اهڙي پِيڙا ڀسائيندا آهن جنهن جهڙي پيڙا شايد ئي ٻِي ڪا هجي..... انهن پِيڙائن مان هڪڙي پيڙ، هڪڙو دردُ بيوفائيءَ جو درد بہ آهي، جيڪو عاشق کي جيئري ئي ماري ڇڏيندو آهي.... اهو دردُ زنده تہ رکندو آهي، پر احساسن جو انت آڻي ڇڏيندو آهي، تنهن باوجود، عاشق کي هڪ ئي وائي واتِ هوندي آهي تہ مان وفا ڪندس، ٻيهر وفا ڪندس، هر هر وفا ڪندس، پوءِ پلي تہ پاڻ سان بيوفائي يا دغا ئي ڇو نہ ڪرڻي پوي....

***

(سرجيل: 13 فيبروري 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 22 مئي 2011ع)

# نيڻ ڳڻن ٽا خواب

اڪثر چيو ويندو آهي ته زندگي ڏاڍي مختصر آهي، جيتوڻيڪ ڪيئي ماڻهو ان مختصر زندگيءَ ۾ به وڏا وڏا اهم ڪم، ماڻهن جي مستقبل ڪي سنواري ڇڏيندڙ، اهڙا يادگار ڪم ڪري ويندا آهن، جو حيرتون لڳنديون آهن. سنڌ جي نالي واري شاعر شيخ اياز چيو آهي: "هيءَ زندگي بلڪل مختصر آهي، ۽ ان ڪري مون ڪي ان تي ايئن پيار ايندو آهي جيئن محبوب جي جوانيءَ تي اچي." تڏهن به، اها مختصر زندگي، جيڪا عام ماڻهو جِيئن ٿا، ايئن ڳُرندي گذري وڃي ٿي جو ويرم ئي نه ٿي گذري، پر ڄڻ ته سال گذري وڃن ٿا. اهڙي مختصر زندگيءَ جو جوڀنُ ته ٽِهائين مختصر آهي. اهو ته اختصار جو به اختصار آهي! ڄڻ ته حصي جو به حصو! ته پوءِ ان جوڀن ۾، جيڪو بنهه ٿورڙن ڏينهن تي مدار رکي ٿو، ڪيئن ٿو جيون جي سرمستين کي ماڻي سگهجي! جوڀن جا ٿورا ڏينهڙا ته اکيون ڇنڀڻ جيان گذري ۽ ڳُري وڃن ٿا. اهي جوڀن وارا به ٿي ڏينهڙا ئي ته آهن جيڪي حياتيءَ جي حسناڪين جو به روپ آهن، ته ان جي دلفريبين جو لاجواب شڪار به.... سنڌ جو مشهور ڪهاڻيڪار امرجليل پنهنجي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ چوي ٿو: " جوڀن ۽ جواني خزان جا سُڪل پن آهن، ڏينهون ڏينهن وڃن سُڪندا، ٻُرندا، پڇندا."

***

دنيا ۾ ته لکين ڪروڙين، اجا به اربين ماڻهو موجود آهن، جن مان اسان جو واسطو ٿورن ئي ماڻهن سان پوي ٿو، پر انهن ٿورن ماڻهن ۾ به، ڪي بنهه ٿورا ماڻهو آهن جيڪي اسان جي زندگيءَ جو اهم حصو هوندا آهن. اجا به ايئن چوڻ وڌيڪ درست ٿيندو ته اسان جي زندگيءَ جو لازمي جزو آهي، يا جن کان سواءِ اسان جي زندگي اڌوري آهي. انهن مِنڙن ماڻهن سان وقت گذاريندي، ڪچهريون ڪندي، روح جا راز اوريندي، اسان کي بيحد سرور ايندو آهي. اسان چاهيندا آهيون ته انهن سان گهڻي کان گهڻو ويجها رهون، انهن جي محبتن جي ڇانوري ۾ هجون. اهڙن پيارن ۽ منڙن ماڻهن ۾ پيءُ ماءُ، ڀائرَ ۽ ڀينرون، دوستَ ۽ ساٿي ته شامل آهن ئي آهن، پر دل ٻُڌريو ۽ دلبر ماڻهو، يار ۽ سڄڻ، جيڪو اسان جي زندگيءَ جو، اسان جي محبت جو، هيڪلو ئي حقدار هجي ٿو، ڪو هڪ ئي ٿئي ٿو، جنهن سان اسان جو جيءُ جڙجي ويندو آهي، جنهن لاءِ سِر جي پرواهه به ناهيون ڪندا ۽ جنهن سان اسان جو سِر لڳندو آهي، جيڪو دل جي ڌڙڪڻ جو راز هوندو آهي ۽ جيڪو من جي وسيع ڪائنات ۾ رهندو آهي....

***

نيٽن ۾ خوابن جو پاڻ ۾ گھرو واسطو آهي. نيڻ خوابن بنا ريگستان جي رُڃ مثل آهن، تہ خواب وري خوبصورت نيٽن کان سواءِ بِسا بُسا هوندا آهن. پر ٻنهي تي جڏهن سوچيون ٿا تہ محسوس ٿئي ٿو تہ نيڻ خوابن کان سواءِ تي سگھن ٿا، تہ خواب بہ نيٽن کان سواءِ ممڪن آهن، تہ پوءِ، ڪهڙي حالت وڌيڪ بھتر آهي، جنهن جي تمنا ڪري سگھجي! ڇا خوابن بنا نيڻ هجن؟ يا نيٽن بنا خواب هجن؟

هن دنيا ۾ تمام گھڻا ماڻھو اهڙا آهن جن وٽ نيڻ تہ آهن، پر وٽن ڪي بہ خواب ناهن، وٽن ڪي بہ اميدون ناهن، چو تہ خوابن ڪي سياڻن ۾ سمجھو ماڻهن آئيندي جي اميد بہ ڪوٺيو آهي. اها آئيندي جي اميد جنهن ۾ جيئڻ جي آس آهي، ڪجھ بھتر ڪرڻ، انسانذات کي ڪجھ ڏئي وڃڻ جي خواهش آهي، پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ آهن جيڪي قدرتي طرح هن دنيا جون خوبصورتيون تہ ڏسي نہ ٿا سگھن، جن وٽ بظاهر تہ فطرت جي بي رنگي آهي، پر اصل ۾، انهن وٽ سپنن جو سندر ديس آباد آهي، جنهن ۾ اهي پنهنجي اندر جي حسناڪيءَ سان سھڻا سھڻا خوابَ لئي سگھندا آهن. اهڙا ماڻهن جا نيڻ پنهنجن خوابن وسيلي هن ڪائنات کي ڏسندا آهن، ۽ ڪڏهن تہ پاڻ بہ اهي هڪ سپنو بڻجي جيئندا آهن.

جيئن تہ خوابن ۾ راز بہ هوندا آهن ان ڪري ئي انهن جون تعبيرون بہ ڏاڍي ڪشش رکنديون آهن. ماڻهو چاهيندو آهي تہ سندس خواب جي تعبير سٺي هجي، اها تعبير اهڙي هجي جيڪا خوشي ڏيندڙ هجي، جنهن ۾ ڪا چڱائي لڪل هجي، جنهن ۾ ڪنهن خواهش، ڪنهن آرزوءَ جو پُورائو هجي.

***

مشهور عالمي اديب ۽ مفڪر خليل جبران ڪيترن ئي خوبصورت ڪتابن جو ليکڪ آهي. سندس مشهور ۽ معروف ڪتابن ۾ "پيغامبر"، "پگل ڪنيزاتيون"، "غلامي"، "ساحل ۽ سمنڊ"، "پهاڙن ۾ پڪار" ۽ ٻيا ڪيئي ڪتاب شامل آهن.... وڻندڙ انداز تحرير جي ڪري، جبران کي سڄيءَ دنيا ۾ ڏاڍي پيار ۽ پاٻوهہ منجھان پڙهيو ويندو آهي. هُو پنهنجي پهرين شعري مجموعي "آبشار" (ڊپروسيشن) ۾ لکي ٿو:

"هن ڌرتيءَ تي ڪي ٿورا انسان هوندا،
"جيڪي زندگيءَ مان لطف اندوز ٿين ٿا،
" ۽ فطرت جي عطا ڪيل بي بها نعمتن مان ڪِڪ نہ ٿا تين.
"يا وري زندگيءَ جي وهندڙ شفاف آبشارن ڪي
" پيالي ۾ بند نہ ٿا ڪن،
" جنهن جي سطح تي هنن جا خيالُ ڏندا ۽ ترندا رهن ٿا."

واقعي بہ ايئن ئي تہ آهي! فطرت ۾ ڪيڏي نہ خوبصورتي آهي! ان جو اندازو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن اسان ٻهراڙين ۾ نڪري پئون ٿا ۽ فطرت جي حسين نظارن کي ڏسون ٿا.... شهرن ۾ ڪٿي رهي آ اها ترتيب ۽ سُهٽائي، جيڪا شهرن کان ٻاهر ڇوڏسا

پڪڙيل فطرتي سادگيءَ ۽ يِي سُونهن ۾ هنڌين ماڳين پکڙيل آهي. شال! اسان کي فطرت جي انهن نعمتن مان ڪڏهن به ڪِڪِ ٿيڻ جو موقعو نه ملي ۽ اسان باوجود ڏکن ۽ تڪليفن کي سهندي، زندگيءَ مان لطف اندوز ٿيندا رهون....

***

ڏينهن جي وٿ پڪڙ ۽ ڪمن ڪارين کان پوءِ، شام ٿيندي ئي دوستن، سنگتين ۽ ساٿين سان ملڻ ۽ ڪچهريون ڪرڻ لاءِ اسان جو منُ سٿون هٿڻ لڳندو آهي. دل چاهيندي آهي ته ڪي پل پنهنجن پيارن سڄڻن سان قرب جون ڳالهيون ڪجن. هنن جا احوالُ ٻڌجن ۽ کين پنهنجون وارتائون ٻڌائجن. دنيا ۾ ڇا ٿو وهي واپري، ان تي ڪجهه ڳالهائجي، ڪي ويچار ونڊجن، يا ڪي پل خاموشيءَ سان هڪ ٻئي جي نيڻن جي گهراين ۾ سمائجي وڃجي. هر انداز ۾ پنهنجي خاص دلچسپي آهي. ان طرح، ڪڏهن قرب ڀريون ڪچهريون ڪري سگهندا آهيون، ته ڪڏهن شام جو به مصروفيتن يا ٿڪاوٽن جو شڪار ٿي گهرن ۾ ئي ويهي رهندا آهيون.... ڇا به هجي، دل جو حال ونڊڻ سان من هلڪو ٿي پوندو آهي ۽ ماڻهو پاڻ کي ڏاڍو هلڪوُ ڦلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. ڪڏهن اوهان به پنهنجن پيارن سان دل جا احوال اوري پاڻ کي سهنجو محسوس ڪندا ڪيو ۽ خوشين جا گهڙيون وڏائيندا ڪيو....

***

لطيف سائينءَ جو سڄو رسالو چڻ ته هيرن ۽ جواهرن سان جڙيل بيتن ۽ وائين سان سينگاريل آهي. شاهه لطيف رسالي جي سُرن ۾ جيڪي فڪر جا واهڙ وهايا آهن، تن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! شاهه سائين سُر مومل راڻي ۾ فرمائي ٿو:

شمع ٻـارينـدي شبّ، پِـرهه ٻاکون ڪڍيُون،
موٺ مران ٿي، ميندرا! راڻا ڪارڻ ربّ
تنهنجِي تاتِ طلبِ، ڪانگ ڏايم ڪاڪِ جا.

مُومل ـــ حُسن ۽ سُونهن جي راڻِي، ناز ۽ انداز جي ملڪہ، جنهن سان سُومل سياٽيءَ جو ساٿ، ۽ پوءِ وري راڻي جو رسامو ڪري هليو وڃڻ! ان صورت ۾ مومل ڪيئن نه ڪوڪون ڪندي ۽ ايلاز ڪندي راڻي کي پرچڻ لاءِ:

رُسُ م، رُسڻ گهـورِيـوُ ڪ اوراهـون ڇـوڙ،
تو ريءَ ڪاڪِ ڪڙيَ ٿِيي، ساڻ سِرَڪنڌ سوڙهه،
اڃي چنـڊڻ چـوڙ، ته سوڍا! سُڪِياٽِي ٿِيـان.

***

نماڻا نيڻ هر ڪنهن دل کي موهي وجهندا آهن. اهڙي سمي اکين جي اها ئي آس هوندي آهي ته اهڙن منڙن ۽ نماڻن نيڻن ۾ گم ٿِي وڃجي. اهي نماڻا نيڻ ئي هيءَ سڄي ڪائنات ٻڏجي پون، ٻيو ڪجهه نه رهي. سڀ رنگ انهن سندر نيڻن واريءَ ڪائنات جا هجن، پر جڏهن اهي نيڻ نماڻا اسان جا ئي نيڻ ٻڏجي پون ۽ پياري پرينءَ

لاءِ ويڳاڻا ٻڻجي پونِ، ته پوءِ ڇا ڪجي! هِنَ ماڻهن سان پريل دنيا ۾ ماڻهو اڪيلو رهجي وڃي، ميلي ۾ ئي تنها هجي، ته پوءِ ڪهڙيءَ واٽ تي هلجي؟ ڪيئن پنهنجي اڪيلائي ۽ ويڳاڻپ ختم ڪجي؟

ڇا به هجي، پر سڀ کان بهتر اهو ئي لڳندو آهي ته پياري پرينءَ کي ٻڌائجي ته تنهنجي لاءِ منهنجا نيڻ ويڳاڻا ٻڻجي پيا آهن. تون ايندين، ته اها ويڳاڻپ ختم ٿيندي، تو سان ملڻ سان ئي منهنجين تنهائيون پڄاڻيءَ تي رسنديون.

***

(سرجيل: 20 ۽ 27 فيبروري 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 24 جولاءِ 2011ع)

# اڪين جو سمنڊ اڻ جهل آهي

سهڻيءَ سنڌ جو آسمان گهڻي ڀاڱي بادلن سان ڀريل رهيو آهي، ڪٿي مينهن پيا آهن ته ڪٿي تن ۾ من کي ناريندڙ هوائون ُگهليون آهن، جن اونهاري جي گرميءَ کي ماحول منجهان پنتي ڌِڪي ڇڏيو آهي ۽ هوائن کي رُومان ۾ ڀِڳاءَ ڀَريو ٻٽائي ڇڏيو آهي.... ٻئي طرف، برساتن اسان جي شهرن کي گندو به ڪيو آهي. رستن ۽ گهٽين ۾ برسات جو پاڻي بيٺو آهي، روڊن تي مسافرن کي اچ وڃ ۾ ڏاڍي ڏکيائيءَ سان مُنهن ڏيڻو پوي ٿو،ُگپ چڪ مان گذرڻو پوي ٿو، خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن کي وڏي تڪليف سان اچ وڃ ڪرڻي پوي ٿي. ان صورتحال ۾ جڻ ته برسات جي سندرتا کي مات اچي وئي آهي ۽ ماڻهو برساتن مان بيزار ٿيڻ لڳا آهن. رحمت زحمت ۾ بدلجي وئي آهي.... انتظاميا ته جيڪي ٻُڌاءَ وني ۽ جڏهن به اپاءَ وني، اميد ته وقت سِر ڪٿي نه ڪٿي ونندي هونديجيڪا يقيناً ماڻهن کي سهولت ميسر ڪري ڏيندي، پر اسان جو به ڪجهه فرض آهي جيڪو اسان کي ادا ڪرڻ گهرجي. جي ها دوستو، ڏسو ته اسان ڪيئن نه رستن ۽ راهن کي سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. انهن تي صندل هٽي، ريڙهيون بيهاري، دڪانن اڳيان دڪانن جيترا ئي قبضا ڪري اتان ماڻهن جي گذرڻ کي بند ڪري ڇڏيو آهي، فوٽ پاٿن کي ڪنهن نه ڪنهن ريت بند ڪري مانڊٽيون هٽي ڇڏيون آهن جنهنڪري مجبورن ماڻهن کي روڊن تان گذرڻو پوي ٿو، جنهن سان ڪيئي ايڪسيڊنٽ به ٿيا آهن ۽ ماڻهو ويچارا معذور به ٿجي ويا آهن. خسيس فائدن لاءِ ماڻهوءَ کي تڪليف ڏيڻ ڪو چڱو ڪم ته ناهي نه، جو اهو ڪيو رهجي....

***

سائين منهنجا! تعليم جي اهميت کان ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي! شايد اهو ماڻهو ئي تعليم جي مخالفت ۾ ڳالهائيندو جنهن جا ڪي اهڙا مفاد هوندا جيڪي تعليم سان متاثر ٿيندا هوندا، نه ته هر هڪ چاهيندو آهي ته اسان جي قوم ۾ تعليم وڌي، هر هڪ ٻار پڙهي لکي ۽ قوم جو مان مٿاهون ڪري. حضرت محمد ﷺ جي حديث آهي: ”والدين جو پنهنجي اولاد لاءِ سٺي تعليم کان بهتر ڪو به تحفو نه آهي.“ يا حضرت علي عليه السلام جن جي ڏيان ڇڪائيندڙ چوٽي آهي ته ”علم مال کان بهتر آهي، ڇو ته علم تنهنجي حفاظت ڪري ٿو ۽ مال جي توهان حفاظت ڪريو ٿا.“

دوستو! تعليم ڪنهن به قوم لاءِ ڪرنگهي جي حيثيت رکي ٿي. هاڻ جيڪڏهن قوم جو ڪرنگهو سگهارو هوندو، ته اها قوم فخر سان، دنيا سان، وِکون وکن سان ملائي اڳتي وڌي سگهندي. اڄوڪي وقت ۾ اهي قومون ئي اقتصادي طرح دنيا ۾ مضبوط آهن جن جي تعليم سٺي آهي ۽ جيڪي پنهنجيءَ سٺي تعليم جي ڪري سائنس ۽

ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ پڙ آهن ۽ ڏينهون ڏينهن پنهنجيءَ تعليم کي بهتر کان بهتر بڻائي رهيون آهن. اسان کي به ان لاءِ سوچڻو پوندو ۽ پنهنجو تعليمي معيار مٿاهون بڻائڻو پوندو، تہ جيئن نہ صرف پنهنجو مان پريو رُتبو بحال ڪرايون ۽ دنيا ۾ عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺا وڃون ۽ نئين اتساهہ سان پنهنجي ڏيهہ جي ڏاهپ ۽ علم واري سجاڳپ پيدا ڪري سگهون....

***

دنيا جو تمام گهڻو شعر ۽ ادب پيار ۽ محبت جي وڻندڙ تحريرن سان سينگاريل آهي. انهن تحريرن ۾ اديبن ۽ شاعرن جهڙيءَ طرح پيار ۽ پيارن جون ڳالهيون قلمبند ڪيون آهن تن کي پڙهي دل جي ڌڙڪڻ کي محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ جذبن جي ڳهرائيءَ کي من جي سمند ۾ لهرون هڻندي ڏسي سگهجي ٿو.... سنڌ جو سدا حيات شاهہ، حضرت عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو:

چنڊ! چواءِ سچ، جي منو مور نہ پائنين،
ڪڏهين ايرين سنهڙو، ڪڏهن ايرين ڳچ
منهن ۾ ٻوئي مچ تو ۾ ناهہ پيشاني پرينءَ جي.

ٻئي طرف ويهين صديءَ ۾ سنڌ جو آواز مهان شاعر شيخ اياز چوي ٿو:

پيرُ جو آواز تنهنجو، مون سڄاتو آهہ يا نہ!
سچ ٻڌايانءِ ڪيئن آهہ!
ڏرتتيءَ ۾ ڏس تہ نِمَ جي ڇانو لهرائي پئي،
هير ۾ جهولي پيو وڻ، جڻ فضا ڳائي پئي،
سج لهي ويندو تہ ڇا! نمَ ڪان جدا ٿيندي نہ ڇانو،
اي پرين تئن تنهنجِي منهنجِي آهہ هڪ هستِي بہ نانو ـــ
ڇو برابر آهہ يا نہ؟
پيرُ جو آواز تنهنجو، مون سڄاتو آهہ يا نہ!

اڄا بہ سنڌ جو هڪ ٻيو نامور شاعر آثم ناٿن شاهي هڪ شعر ۾ چوي ٿو:

پوپٽ! تنهنجا رنگ جو ٿا پرينءَ سان ملن؟
ڇا تو ان جا انگ پنهنجي پرن سان ڇهيا!؟

هن موقعي تي، قيس بن عامري ’مجنون‘ جي هڪ ڏاڍي خوبصورت شعر جو ترجمو ”اڄ پڻ چڪيم چاڪ“ (مصنف جي.ايم. سيد) ڪتاب مان اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪيان ٿو:

” منهنجا ان شخص کي سلام پهچن، جنهن کي آءٌ هرگز نہ وساريندو آهيان، ۽ نہ جنهن جي ذڪر کان زبان کي ملال ايندو آهي، ۽ نہ اها ٿڪبي آهي،

”چا ٿِي پيو جيڪڏهن اکين ۾ بدن کان اهو دوستُ ڦور آهي؟ چو ته جنهن صورت ۾ ڪيس منهنجيءَ دل ۾ جاءِ حاصل آهي، تنهن صورت ۾ آءٌ ڪيئن ڪيس وساري سگهندس!“

اهڙا شعر ٻُڌي/پڙهي ڪيڏو نه سُڪون ملي ٿو! جڻ ته لطيف سائينءَ جي لفظن ۾ ”ڪيُ ڦور ٻه اوڏا سپرين“ آهن. هڪ طرف ماڻهو ٻن انچن لاءِ هڪ ٻئي سان وڙهڻ ۽ هڪ ٻئي کي مارڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ٿا، ته ٻئي پاسي اهڙا به ماڻهو آهن جن جي دل ۾ اهڙيون جايون ا ـ ڏيل آهن جن جي اڳيان ظاهري ۽ لُڇيون جايون به ٿِڇ آهن.

***

دوستو! سمنڊ ڳوڙهن جي صورت ۾ اکين ۾ هجي يا وشال پاڻيءَ جي رُوپ ۾ ڌرتيءَ جي ڪشادي سيني تي پکيڙيل هجي، ان جي گهرائيءَ، سونهن ۽ تاثير کان ڪنهن به طرح انڪار ڪري نه سگهبو آهي. اکين جو سمنڊڻ جهل آهي، ته ڌرتيءَ جو سمنڊ به وڏي سگهه وارو.... اکين جو سمنڊ ڳوڙها ٻڻجي وهي پوي ته ماڻهوءَ کي لوڏي ڇڏي، ۽ ڌرتيءَ جو سمنڊ مينهن ۽ طوفان ٻڻجيُ ٽلي پوي ته شهرن ۽ وسندين کي لوڙهي ۽ ٻوڙي ڇڏي. اکين جي سمنڊ ۾ جيءَ جذبن جي تڙپ هوندي آهي، ته ڌرتيءَ جي سمنڊ ۾ فطرت جي حسناڪيءَ جون ڇوليون پيون ڇُلنديون آهن.... اکين جي سمنڊ ۾ پرين جو عڪس پيو جهلڪيون پسائيندو آهي، ته ڌرتيءَ جي سمنڊ ۾ لهندڙ سج جو عڪسُ سونهن جي وصف ٻڻجي پوندو آهي.

سائين منهنجا، لطيف سائينءَ فرمايو آهي:

اکين ۾ ٿِي ويهه، آئون واري ڍِڪيانءِ،
توکي نه ڏِسي ڏيهه، آئون نه ڏِسان ڪِي ٻيو.

- ته ٻئي پاسي سمنڊ-ڪناري واريءَ جا گهرَ ٺاهي، ڪيئن نه محبت سان ثمثار جذبن جو اظهار ڪبو آهي. اهڙن جذبن جو اظهار جنهن ۾ پنهنجائپ هوندي آهي ۽ جنهن ۾ محبتي ماحول هوندو آهي....

ها، منهنجا سڄڻو! سمنڊ جي ڪناري تي، رانديون ڪندي، ننڍڙا ننڍڙا واريءَ جا گهرڙا ٺاهڻ ۾ ڏاڍو گهڻو مزو هوندو آهي. ان وقت جيڪڏهن ڪو ساڻُ وينل ان گهر کي لاپرواهيءَ سان ڊاهي ڇڏيندو آهي، ته ڏک ته ڏاڍو ٿيندو آهي ۽ ڪاوڙ به گهڻي لڳندي آهي، پر جڏهن ان ڏک کي نئين جذبي سان ۽ ڪاوڙ کان ڪن لاٿار ڪري ٻيهر واريءَ جو نئون گهر ٺاهڻ شروع ڪبو آهي ته من اندر پڻ چاهتن ۽ محبتن جا نوان احساس جاڳڻ لڳندا آهن ۽ دل پيار وارن جذبن سان پرجي ويندي آهي ۽ فضا مست ٻڻجي پوندي آهي....

***

(سرجيل: 6 مارچ 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 11 سيپٽمبر 2011ع)

# ڳُڙڪ ۽ مُرڪ

”گھرُ“، جنھن لاءِ انگريزي ٻوليءَ ۾ ڏاڍي پيار منجھان چيو ويندو آھي ”ماءِ سُئيٽ ھوم“ (My Sweet Home) يعني منھنجو منڙو پيارو گھر، اھو ”گھر“ جيتوڻيڪ ڏاڍو ننڍڙو لفظ آھي اچارڻ ۾ ٻه، ته لِکڻ ۾ ٻه، پر ان جي معنيٰ ۽ مفھوم ڏاڍو وڏو آھي.

جڏھن اسين گھر جو سچو پچو تصور ڪيون ٿا ته اھو گھرُ صرف شھر جي ڊرائنگ ۽ ڊائننگ وارن ڪمرن توڙي سمھڻ وارن ڪمرن يا ’ھال‘، ورانڊي ۽ آڱر تي مشتمل ناھي ۽ نه ئي اھو گھر ٻھراڙين جي ڪُچن ۽ ڪوٺين وارو گھر آھي. اھو گھر پٽين، چٽين ۽ فرشن تي مشتمل سامان سان سٽيل گھر به ناھي، پر ھيءُ اھو گھر آھي جيڪو ڀلي ته ھزارين ڦُٽن تي پکڙيل وڏي ايراضيءَ تي مشتمل ھجي يا ڪجھه سو ڦُٽن تيَ ڏٺل ھڪ ٻن ڪمرن تي، پر اھو گھر خالي نه ھجي، ويران يا غير آباد، ڄاري ۽ مٽيءَ سان ڀريل ۽ بند پيل گھر نه ھجي، پر ان گھر ۾ ٿورا يا گھڻا ماڻھو رھندڙ ھجن، اھو گھر انساني زندگيءَ کان وانجھيل نه ھجي، نه ته ان کي گھر ڪيئن چئي سگھبو!

ان گھرَ ۾ ھڪ ٻئي جي عزت ڪندڙ ۽ مِٺ محبت سان ڳالھائيندڙ گھر-ڀاتي رھندڙ ھجن، جن جو پاڻ ۾ ساٿ پريو رشتو ھجي. ان گھر ۾ ڪو به ڀاتي پاڻ کي اھنجو محسوس نه ڪري، پوءِ اھو مرد ھجي يا عورت، بزرگ ھجي يا ٻار ۽ ڇوڪرو ھجي يا ڇوڪري.... ان گھر ۾ سڀني ڀاتين جي تعلق جِي تندُ پيار ۽ پنھنجائپ سانُ ٺُهيل ھجي، تڏھن ئي ته ان کي اھڙو گھر ڪوٺي سگھنداسون جيڪو واقعي به لفظ ”گھر“ جو مفھوم ڏئي ٿو.

ھن موقعي تي پنھنجي ھڪ دوست ۽ محبتي ماڻھوءَ جِي گھر جي حوالي سان ھڪ ڀلي ڳالھه ذھن ۾ ٺُھي ٿي اچي. دوست چيو ته ”اھو گھر به ڪھڙو گھر چئبو، جنھن ۾ اسان پنھنجي پيءُ ماءُ ۽ ڀائرن ڀينرن کان الڳ ٿي رھون پيا! اصل گھر ته اھو ھو جنھن ۾ اسين پنھنجي ابي امڙ سان رھندا ھئاسون ۽ ڀائرن ۽ ڀينرن سان ڪچھري ڪندا ھئاسون. گھر جي محبت ۽ سِڪ تہ ُلني ھئي. ھاڻي ته وڏيون وٿيون اچي ويون آھن جو ھڪ گھرُ انيڪ گھرن ۾ ورھائجي ويو آھي، جنھن ۾ اسان پيءُ ۽ ماءُ جي شفقت ۽ محبت کان محروم ٿي ويا آھيون ۽ ڀائر پنھنجن ٻارن ٻچن ۾ قابو ٿي ويا آھن.“

احساس انھن کي ئي وڌيڪ ٿيندو آھي جن جي سِرن تان پيءُ جي شفقت ۽ امڙ جي محبت جي ڇانو سدائين لاءِ ھلي ويندي آھي ۽ سندن لاءِ دعائن جا در بند ٿي ويندا آھن. امڙ جون اھي نگاھون، جيڪي ھوءَ پُٽن جو انتظار ڪندي در ۾ اٽڪايون ويٺي

هوندي آهي، سدائين لاءِ ٻوٽجي ويندا آهن، پوءِ ئي انهن عظيم اکرين جي اوسيئڙي جو ڪٽ ٿيندي آهي.

سنڌ جي نالي واري شاعر اياز گل جي هڪ غزل جو شعر آهي:

من ۾ ڪو مهمان ضروري آ، پيارا!
ٻوڙن جو درمان ضروري آ، پيارا!

هاڻي جي تہ صحيح خبر ناهي، البت ڪجھ وقت اڳ تائين جون ڳالهيون ٻڌون ٿا تہ معلوم ٿئي ٿو تہ گهر جو وڏو ان وقت تائين ماني نہ کائيندو هو جيستائين ڪو يار، دوست، واقفڪار، اجا بہ چئجي تہ مهمانُ اوطاق تي نہ ايندو هو.... حال احوالِ پوءِ ورتا ويندا هئا، پهريائين مهمان جي خدمت چاڪري ڪئي ويندي هئي. سندس هٿ ڌوئرايا ويندا هئا ۽ جيڪو ڪجھ رڌو پڪو هوندو هو، آندو ويندو هو ۽ ماني کائڻ کان پوءِ ئي ميزبانُ سڪون محسوس ڪندو هو. هو مهمانن جي اچڻ تي ڏاڍو خوش ٿيندو هو ۽ ان کي نيڪ شگن سمجهندو هو.... مهمان جي ڪاڏي پيتي جي حوالي سان اها چوڻي عام آهي تہ مهمان پنهنجو رزق پاڻ سان گڏ آڻيندو آهي. ٻئي طرف دنيا جي مشهور مفڪر خليل جبران جو چوڻ آهي: ”جيڪڏهن مهمان نہ هجن تہ گهر قبرستان جو ڏيک ڏئي.“ سچ پچ بہ اهو گهر ڪيڏو نہ ٻاڙو ٿي پوندو آهي، جتي مهمان اچڻ ڇڏي ڏيندا آهن. مهمانن جي اچڻ سان ڄڻ تہ رونق گهر جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين خوشبوءِ وانگر پکيڙجي ويندي آهي....

***

ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي طبيعت ۽ مزاج ۾ فرق ٿئي ٿو. ڪو ڪيئن تہ ڪو ڪيئن. جنهن جي طبيعت ۾ مناڻ هوندي آهي، هرڪو پيو ان کي جيءَ ۾ جايون ڏيندو آهي ۽ چاهيندو آهي تہ ان مني ماڻهوءَ سان جيترو وقت گڏ گذري، اوترو سنو.... جيڪو ٺڏي طبيعت وارو هوندو آهي، ان جا دوست ۽ سڄڻ بہ گهٽا هوندا آهن ۽ ان کي زندگيءَ ۾ گهڻن ئي مسئلن سان بہ رڳو پنهنجي ٺڏائپ جي ڪري مُنهن ناهي ڏيڻو پوندو ۽ زندگيءَ کي ڪاميابيءَ سان گذاريندو آهي، پر ٻيا مزاج ڪيئن بہ هجن، خاص طور چيڙاڪ ماڻهوءَ کان هرڪو پاسو ڪندو آهي، نہ هن وٽ وڃڻ چاهيندو آهي ۽ نہ سندس اچڻ جي هن کي خوشي ٿيندي آهي. اهڙي ماڻهوءَ سان واقفيت بہ جيءَ جو جنجال بڻجي پوندي آهي ۽ جيڪڏهن اهڙي چيڙاڪ ماڻهوءَ کي سامهون ايندي ڏسبو آهي تہ اهو بہ خيال ٿيندو آهي تہ گهٽي ئي مٽي ڇڏجي.... پر جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ سان دل لڳي ويندي آهي تہ پوءِ سڀ مزاج پاساٽا ٿي ويندا آهن. ڇا جي ٺڏائپ، ڇا جي چيڙاڪي، ڇا ٿيو جيڪڏهن اهو ماڻهو ڪاوڙيلو آهي! ڪيس پرچائي ونبو ۽ ان پرچائڻ جو مزو بہ ونبو! ان سان ضرور ڪچهريون ڪبيون، ڀلي تہ سانجهيءَ کان اڌ رات ٿي وڃي، دل گهرندي آهي تہ ڪچهري هلندي رهي ۽ ننڊ نيڻن جي ويجهو نہ

اڇي. پر جيڪڏهن مُحب منڙو ڪهي اچي ئي نه، ۽ مُنهنڙو مٽي وڃي، ته پو ڇا ڪجي. ماڻهو بيوس ٿيو ته ”لاءِ ته نماڻيءَ سان نينهن، مُحبَ ايئن نه مُنهن مٽجي.“

***

اسان هن دنيا ۾ ته جيئون ٿا جيڪا ڌرتيءَ تي آباد آهي، پر اسان مان هر ماڻهو پنهنجيءَ هڪ مخصوص دنيا ۾ به جيئي ٿو ۽ هر ماڻهوءَ جي دنيا جا رنگ ۽ ڍنگ به پنهنجا پنهنجا ٿين ٿا، جن مان ڪي وڻندڙ ٿا ٿين ته ڪي اڻ وڻندڙ.... اها مخصوص دنيا اسان جي ڏيهاڙي گذرندڙ دنيا آهي جنهن ۾ اسان هڪ رواجي زندگي ته ضرور گذاريون ٿا، پر ان مخصوص دنيا ۾ اسان جا ڳوڙها ۽ اسان جون مُرڪون، اسان جي پيار جون سُرڪيون پنهنجيون ئي آهن، ان ڪري ئي سنڌ جي مهان ڪوي شيخ اياز پنهنجي هڪ خوبصورت گيت ۾ چيو آهي:

سڀ ڪا مومل، سڀ ڪو راڻو ـــ
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!
ڳوڙها به سڀ ڪي، مُرڪ به سڀ ڪي،
سونهن پياري سُرڪ به سڀ ڪي،
پيار به سڀ ڪي، پُور به سڀ ڪي،
نينهن ڏنا ناسور به سڀ ڪي،
هار به سڀ ڪي، جيت به سڀ ڪي،
منڙا منڙا ميت به سڀ ڪي،
سڀ ڪي ڳوڙها ۽ ڳاراڻو!
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!
سڀ ڪا مومل، سڀ ڪو راڻو ـــ
پنهنجي پنهنجي ڪاڪ سين ڪي!

اوهان ڄاڻو ٿا ته سنڌ جي مهان شاعر ۽ نثر نويس شيخ اياز جي مڃتا ۾ سنڌ جا اديب سال 2011ع کي ”شيخ اياز سال“ ڪري ملهائي رهيا آهن، ته جيئن شيخ اياز جي فڪر ۽ فن کي عام ڪري سگهجي ۽ ان مان لاڀ حاصل ڪجي، ڇاڪاڻ ته شيخ اياز اهڙو شاعر هو جنهن گذريل ويهين صديءَ جي پورن 50 سالن کي ادبي طور متاثر ڪيو ۽ سنڌي شعر ۽ ٻئي ادب تي پنهنجا اڻ مِٽ اثر ڇڏيا آهن..... شيخ اياز جي سِرجيل شعر سنڌ جي ٽن نسلن کي متاثر ڪيو آهي ۽ اهو سلسلو اڃا هلندڙ آهي. اها سندس شعر جي خوبي آهي ته سندس نالو سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي امرتا ماڻي چڪو آهي جو شاهه لطيف کان پوءِ شيخ اياز جو نالو سنڌ جي شعري آسمان تي چنڊ وانگر جرڪي رهيو آهي....

سنڌ واسين کي اياز جي شعر جو اڀياس ضرور ڪرڻ گهرجي، جو تہ اياز کي پڙهڻ ۽ پُرجهڻ کان سواءِ سنڌي ادب جو مطالعو اڌورو آهي. هن موقعي تي، شيخ اياز جي هڪ خوبصورت وائي پيش ڪيان ٿو:

تو کي ڪِئن ساريان،
سڄڻ تنهنجي ساهہ سان!

اڄڪلهہ آهين اوچتو، تو کي ڪئن واريان!
ڪويل وانگر ڪيترو، تو لئہ پڪاريان؟
اِڄهو اولهہ ۾ لٿو، ڪيسين نهاريان؟
ڪاڻِ ڏِکَ تہ ڏي ڪڏهن، هاڻ نہ ڄئن هاريان!

تو کي ڪِئن ساريان،
سڄڻ تنهنجي ساهہ سان!

***

(سرجيل: 13 مارچ 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 10 جولاءِ 2011ع)

# لاڙڪاڻو حاڪماڻو

لاڙڪاڻي کي سنڌ جي تاريخ ۽ تمدن توڙي جاگرافيائي حوالي سان وڏي اهميت حاصل رهي آهي. خاص ڪري لاڙڪاڻي ضلعي ۾ واقع موهين جي دڙي، سنڌ واسين جو هزارين سالہ تهذيب جي حوالي سان سڄيءَ دنيا ۾ مانُ مٿاهون ڪيو آهي. جڏهن تہ جهڪر جو دڙو پڻ اوسيئڙو ڪري رهيو آهي تہ ان جي بہ کوٽائي ڪئي وڃي ۽ ماضيءَ جي تاريخ ۾ لڪل جي ويل تمدني آثارن کي ظاهر ڪجي.... هي علائقو پنهنجين ٻن وڏين ڍنڍن ڊرگهہ ڍنڍ ۽ لنگهہ ڍنڍ جي حوالي سان پڻ سڄاڻپ رکي ٿو، جن کي پکين لاءِ محفوظ آبي پناهگاهہ جو درجو حاصل آهي. جڏهن تہ ڏاڙهياري جبل ۽ ڪٽي جي قبر جي حوالي سان پڻ هن علائقي جي مشهوري سڄيءَ سنڌ ۾ آهي جيڪا هڪ پلي هِل اسٽيشن جي حيثيت حاصل ڪري سگهي ٿي....

لاڙڪاڻي جي تاريخ، جاگرافيءَ، علمي، ادبي ۽ مذهبي ۽ ٻين موضوعن ۽ شخصيتن جي ذڪر تي مشتمل جيڪو پهريون خاص تاريخي ڪتاب ڇپيو، سو آهي ”لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو“.... هن ضخيم تاريخي ڪتاب جو سرپرست هو قربان علي عباسي، نگران هو ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ مرتب هو گل محمد گاد مرتب.... هي ڪتاب ميونسپل ايمپلائيز يونين لاڙڪاڻو ڇپرائي پڌرو ڪيو جيڪو ڊبل ڪرائون سائيز ۾، 756 سنڌي صفحن، 80 اردو صفحن ۽ 32 انگريزي صفحن جي مواد تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جي هڪ خاص ڳالهہ هيءَ بہ هئي تہ منجهس تمام گهڻيون تصويرون پڻ ڏنيون ويون هيون جيڪي ڪتاب جي اهميت کي وڌائيندڙ هيون....
هيءُ ڪتاب بنا شڪ جي لاڙڪاڻي جي تاريخ بيان ڪرڻ جي حوالي سان پيڙهہ جو پٿر ثابت ٿيو، جنهن جي سنڌي ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، قربان علي بگٽي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، قاضي فضل الله، عبدالغفور پرڪڙي، انيس انصاري، ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو، محمد علي جوهر، جعفري غلام تقيءَ، ڪريم بخش خالد، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر حميده کهڙو، سيد خادم حسين شاهہ، هري دريائي دلگير، ڊاڪٽر محمود شاهہ، ڊاڪٽر غلام علي سانگِي، ڊاڪٽر رحمت الله ابڙي، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ميمڻ غلام مصطفیٰ مشتاق، ڊاڪٽر بشير احمد شاد، محمد حسن محسن چنڻي، ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ، مختار گهمري، لقمان حڪيم، ڊاڪٽر اياز حسين قادري، ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ، ڪشنچند بيوس، جيئل راءِ اوڏ، امان الله شيخ، پنهل قادريءَ، محمد بچل تنيي، مقصود گل، محمد افضل عباسيءَ، علي مرتضیٰ ڌاريجي، قاضي قمر ۽ ٻين جا لکيل مقالا ۽ مضمون شامل هئا.... جڏهن تہ ڪتاب جي اردو ڀاڱي ۾ ڊاڪٽر ڪئپٽن ايس ايم ادريس، پروفيسر وفا صديقي، رشيد تبسم، محمود شرف،

پروفيسر محمود خان، سيد هاشم رضا، غلام رسول سومرو ۽ سعيد الدين جا ليک شامل هئا ۽ انگريزي ڀاڱي ۾ امان الله مشوريءَ جو ليک ۽ ٻيو مواد ڏنل هو.... مان اهي نالا ان ڪري به پيش ڪيا ته جيئن انهن شخصيتن کي سندن ڪم جي نسبت ميجتا پيش ڪري سگهان. انهن نالن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هي ڪتاب ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ ڪيڏي نه ڀرپور مواد تي مشتمل هو، ان ڪري ٿي ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجو نانءُ پيدا ڪري اٿلي تي ويو...هن وقت يقيناً ضرورت آهي ته ضلعي حڪومت يا لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي هن اهم ڪتاب جي ٻئي سڌاريل ۽ وڌايل ڇاپي جو انتظام ڪرائي، ته جيئن هڪ تاريخي دستاويز کي نئين سر پڙهندڙن تائين پهچائي سگهجي ۽ پنهنجي ضلعي بابت آگاهي ۽ نئين معلومات جديد تحقيق آڌار محفوظ بڻائي سگهجي....

لاڙڪاڻي ضلعي جي تاريخ تي تحقيقي ڪم ڪندڙ هڪ اداري ”لاڙڪاڻو ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ“ لاڙڪاڻي جي تاريخ تي ڪجهه ڪتاب ڇپي پڌرا ڪيا آهن، جن ۾ ”لاڙڪاڻو صدين کان“، ”لاڙڪاڻو تاريخ جي آئيني ۾“، ”لاڙڪاڻو تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو“ ۽ ”ويل نه وسريام“ شامل آهن. هي ڪتاب پڻ لاڙڪاڻي ضلعي بابت گهڻ رُخي ڄاڻ ڏين ٿا....

انهن ڪتابن مان هڪ ڪتاب ”لاڙڪاڻو تاريخي ۽ تحقيقي مطالعو“ جي هڪ مضمون ”لاڙڪاڻو حاڪماڻو“ ۾ نالي وارو ليکڪ ۽ ڪهاڻيڪار منظور ڪوهيار لکي ٿو: ”لاڙڪاڻو شهر، بلاشبہ انهن شهرن منجهان آهي، جنهن جو شهري ٿيڻ باعثِ افتخار آهي، جو ته هي شهر ڪلهوڙن جي دور ۾ خوشحاليءَ ۽ فارغ الباليءَ جو مثال بڻيو ۽ پهاڪو ٺهيو: ’هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو.‘ ٽالپرن جي دور ۾ هي شهر باغات، گلن ڦلن، نازنين، ناز پرور ۽ صوفياڻي طبيعت رکندڙ ماڻهن جي ڪري ’لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو‘ سڏجڻ لڳو. انگريزن جي دور ۾ هي شهر علم، ادب، تفريح، سٺي انتظام ۽ امن جي حوالي سان ’لاڙڪاڻو راڄ راڻو‘ ٿي پيو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ، هن شهر جي ماڻهن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻي ڪري، لاڙڪاڻي کي حاڪماڻو ڪيو، جو وقت جا شهنشاهه ۽ حاڪم به هت ڪهي آيا.“

لاڙڪاڻي لاءِ ”لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو“ ۽ ”لاڙڪاڻو راڄ راڻو“ کان سواءِ ٻيون چوڻيون پڻ مشهور ۽ مقبول ٿيون آهن، جهڙوڪ: ”هجئي ناڻو ته گهم لاڙڪاڻو“، ”لاڙڪاڻو شاعرن جو آکيرو“، لاڙڪاڻو باغن ۽ خوشبوئن جو شهر.

***

(سرجيل: 20 مارچ 2011ع)

# ڳالهه چڱي ڪجي...

جن کي ڳوڙ ڳوڙ جو، سبق سور پڙهن،
فِڪرَ قرهِي هٿ ۾، ماٺِ مطالعو ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ ڪي. (شاهه)

اسان جي ملڪ ۾ ڪيئي ٻوليون ڳالهايون، لکيون، پڙهيون ۽ سمجهيون وڃن ٿيون، جن ۾ خاص طور سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، بلوچي، پشتو، اردو ۽ ٻيون ٻوليون شامل آهن، جيڪي ملڪ جي مختلف علائقن ۾ ڳالهائجن ٿيون. انهن ٻولين مان ڪي ٻوليون لڳ ڀڳ سڄي ملڪ ۾ ڳالهايون، سمجهيون، لکيون ۽ پڙهيون وڃن ٿيون، ته ڪي وري هڪڙن صوبن ۾. ڪي ٻوليون ڪِن ننڍن خِطن تائين محدود آهن، ته ڪي وري وڏن علائقن تائين. ڪن ٻولين جا وري لهجا مختلف خِطن ۾ مروج آهن، جيتوڻيڪ اهي مجموعي طور هڪ ئي ٻوليءَ جو ڀاڱو رکن ٿا يا هڪ ئي ٻوليءَ کي جوڙن ٿا، اهي جڻ هڪ ٻوليءَ جا ٻئي ٻئي رنگ وارا گل آهن، جن جي الڳ الڳ خوشبو آهي، ۽ ٻولي انهن رنگدار گلن جو گلدستو آهي.... اهڙيءَ طرح هر ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي خوشبوءِ آهي، الڳ الڳ انداز آهي، جدا جدا رنگ ۽ روپ آهي. هر ٻوليءَ جي پنهنجي پنهنجي خوبصورتي آهي، اهڙي خوبصورتي جيڪا ٻيءَ ٻوليءَ جي خوبصورتيءَ کي گهٽائي نه ٿي، پر پنهنجيءَ خوبصورتيءَ کي به مٿيرو رکي ٿي، ته ٻيءَ ٻوليءَ جي حسن جو به انڪار نه ٿي ڪري.... ان ريت، جيتوڻيڪ سرائيڪي ڪنهن به صوبي جي ٻولي ناهي، پر ملڪ جي وڏي علائقي ۾ ۽ گهڻن ئي مختلف هنڌن تي ڳالهائي ۽ لکي پڙهي وڃي ٿي ۽ مٺي لهجي وارين ٻولين مان هڪ اهم ٻولي آهي، جنهن کي وڏي پيار ۽ پابوهه مان ڳالهايو ويندو آهي ۽ جنهن جي لهجي ۾ هڪ نرالي پنهنجائپ محسوس ٿيندي آهي....

***

”ڪٽنب يعني خاندان يا گهراڻي جو عالمي ڏينهن“ 15 مئي تي سڄيءَ دنيا ۾ ملهايو ويندو آهي. گهراڻو گهڻو ڪري سان واسطيدار آهي، يعني اهو هنڌ جتي شادي شده مرد ۽ عورت رهندا هجن، جنهن ڇت ”هيٺان“ سندن اولاد رهندڙ هجي.... ڏنو ويو آهي ته وقت سان گڏ، اسان وٽ به گهريلو زندگي گذارڻ جا معيار بدلبا رهيا آهن. اڳي، هڪ ئي وڏو ڪٽنب، ڏاڏي کان وني پوٽي تائين، ۽ جيڪي به يا جيترا به ڀائر ۽ ڀيا گهر-ڀاتي هئا، هڪ ئي گهر ۾ پنهنجائپ،خلوص، پيار، ڀرترائي، ميٺ ۽ ملنساريءَ، عزت ۽ احترام سان رهندا هئا، وڏن جي دل ۾ ننڍن لاءِ محبت ۽ شفقت هئي، ته ننڍن جي من ۾ وڏن لاءِ احترام ۽ نِوڙت هئي.... اهي ڪي چار پل گڏ ويهي، هِتان هُتان جون ۽ گهر جون ڳالهيون ڪندا هئا، هڪ ٻئي سان ڏک سور اوريندا هئا، پر هاڻي اها ڳالهه

نظر نہ ٿِي اچي.... هاڻِ وڏن جي طبيعت تي ننڍن جي بي رُخيءَ جي ڪري ڏک ۽ پيڙا جا اثر پيا آهن ۽ اهي اڪيلائيءَ جو شڪار ٿيا آهن، ساڻن ڪو ويهي حال پائي ٿيڻ لاءِ تيار ناهي ۽ سندس عزتِ نفس مجروح ٿِي آهي.... جڏهن تہ ننڍن کي وڏن جون ڳالهيون وڻن ئي ڪو نہ ٿيون، اهي پنهنجي مرضي هلائڻ چاهن ٿا، جيئن وٽين ۽ جتي وٽين وقت گذارڻ گهرن ٿا، سندن هٿن ۾ ننڍڙن ڀائرن ۽ ڀينرن جي هٿڙن ۽ آڱرين بدران موبائيل پڪڙيل آهي، جنهن تي فضول چيٽِ ۾ لڳا پيا آهن.... اڳي هڪ ئي ڪمري يا ڪونيءَ ۾ ڪيئي ڀائر ڀينر ڪِل ٻوڳ سان رهندا هئا، رات جو رهاڻيون ڪندا هئا، راند روند ڪندا هئا، گڏيل پڙهائي ڪندا هئا، هڪ ٻئي کان سمجهندا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهائيندا هئا، پر هاڻي هر هڪ تنهائي پسند ٿِي ويو آهي، هر ڪنهن کي الڳ الڳ ڪمرو ٿو گهرجي، جتي ڪيبل، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهوليت هجي ۽ موبائيل ڊبل سِم واري هر وقت چارج ٿيندي رهي. ٻيا گهر-ڀاتي ڇا ٿا ڪن، ان جي مڙئي پرواهہ هن کي گهٽ آهي....

ڏسجي، تہ اسان وٽ ايشيا ۾ تہ اڃا ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪٽنبي سرشتو هلندڙ آهي، جيتوڻيڪ اهو زوال پذير آهي ۽ ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي، ختم ٿِي رهيو آهي، پر يورپ ۽ آمريڪا ۾ ٻين هنڌن تي اهو ڪافي حد تائين ختم ٿي چڪو آهي. ان ڪري ئي، اتي جيڪا هيڪلائي، تنهائي، چڙواڳي ۽ بيوسي وڌي آهي، ان اتان جي سوچيندڙ ذهنن کي ڏاڍو پريشان ڪيو آهي ۽ اهي سوچي رهيا آهن تہ ڪنهن ريت ان ٽُٽندڙ ڪٽنبي سرشتي کي بحال ڪرائجي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن اهڙيءَ سطح تائين ورائي آڻجي جتي ڪٽنب جي حوالي سان سماجي قدر بحال ٿي سگهن، ڇاڪاڻ تہ ڪٽنب سان ڪيئي ثقافتي ريتون ۽ رسمون بہ لاڳاپيل آهن، جيڪي ڪٽنب جي ٽٽڻ سان پاڻ بہ ٽٽن ٿيون. مثال طور ڪٽنب جي پڄي پور ٿيڻ سان هڪ يونٽ يعني ايڪي جو خاتمو ٿئي ٿو. يونٽ ان معنیٰ ۾ تہ ڪجهہ ماڻهو گڏجي گهر ناهن ٿا، ڪجهہ گهر گڏجي پاڙو جوڙن ٿا، ڪجهہ پاڙا مِڙي ڳوٺ يا شهر جو بنياد ثابت ٿين ٿا، ڪجهہ شهر ۽ ڳوٺ ضلعي، ڊويزن ۽ صوبي يا رياست جا بنياد ميسر ڪري ٿا ڏين، ۽ ڪجهہ صوبا يا رياستون وري ملڪن جي جوڙجڪ ڪن ٿا. ان ريت دائرو وڌندو وڃي ٿو.... هاڻ جيڪڏهن گهر ٽٽندو، ڪجهہ گهر-ڀاتين ۾ عليحدگي ٿيندي، تہ گهر-ڀاتين جي ويڇڙائي ضرور متاثر ٿيندي، ۽ ماڻهو ذهني طور نون روين ۽ رجحانن سان رهڻ لڳندو، جنهن جا لازمي اثر پاڙي تي پوندا ۽ اهو سلسلو وڌي ملڪ تائين پهچندو ۽ ملڪ جي ثقافتي قدرن، روين ۽ رجحانن کي هڪدم تہ متاثر نہ ڪندو، پر ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ ان جا اهي اثر ظاهر ٿيندا، جيڪي ماڻهپي جي بنيادي ۽ اٽل قدرن کي ڏوڏيندڙ هوندا.... ان ڪري ئي ”ڪٽنب يعني خاندان يا گهراڻي جو عالمي ڏينهن“ ملهايو پيو وڃي ۽ ان بابت پروگرام منعقد ٿين پيا تہ جيئن ڪٽنبي سرشتي کي

هر ماڻهوءَ ۾ جيڪڏهن گهٽيون نه، ته به ڪا نه ڪا سگهه ۽ ڪا نه ڪا ڪمزوري هجي ٿي. ”سگهه“ بهتر صفت ۽ ”ڪمزوري“ ظاهر آهي ته بهتر صفت ناهي. سگهه مان ماڻهو پنهنجي لاءِ يا ٻين ماڻهن لاءِ ڪو هڪ يا وڌيڪ چڱا ڪم ڪري سگهندو آهي ۽ ڪمزوري اهڙي چڱي ڪم ڪان روڪيندي آهي.... هڪڙي سگهه يا ڪمزوري جسماني ٿئي ٿي ۽ ٻي روحاني يا ذهني. جسماني سگهه ماڻهوءَ لاءِ ضروري آهي، جو ته صحتمند جسم وڌيڪ سٺيءَ طرح ڪم ڪري سگهندو آهي ۽ ڪمزور جسم اوتري قوت سان ڪم ڪرڻ کان لاچار هوندو آهي. ساڳيءَ طرح روحاني يا ذهني سگهه سان ماڻهو نه صرف اخلاقي ۽ نفسي طور مضبوط هوندو آهي ۽ ماڻهپي جي سگهه سان ڀرپور هوندو آهي، پر هو اهڙو وجود هوندو آهي جنهن کي آڏو رکي ٻيا ماڻهو سنو ٿيڻ جي به ڪوشش ڪندا آهن، جڏهن ته روحاني يا ذهني طور ڪمزور ماڻهو نه صرف پاڻ تي، پر پنهنجي سماج ۽ نيٺ پوري انسانيت تي به بوجهه مثل هوندو آهي ۽ ٻيا ماڻهو ان کان بيزار هوندا آهن ۽ ڪانئس پري رهڻ چاهيندا آهن. اهو ماڻهو ڪهڙي به وقت پاڻ لاءِ ۽ ٻين لاءِ نقصانڪار ثابت ٿي سگهندو آهي.... پر اها سگهه يا ڪمزوري ماڻهوءَ جي پنهنجي وجود سان واسطو رکي ٿي، جڏهن ته هڪڙن ماڻهن جي سگهه يا ڪمزوري ڪو ٻيو ماڻهو به هوندو آهي، جيڪو ڪيس ڏاڍو پيارو هوندو آهي. ان سان اهي ٻئي خاصيتون يا خوبيون ملي سگهن ٿيون يعني سگهه به، ته ڪمزوري به.... اهڙي سمي اهو فيصلو ڪرڻ پڻ انتهائي مشڪل هوندو آهي، ته اهو ماڻهو سگهه آهي يا ڪمزوري. ان جو فيصلو وقت ۽ حالتون ڪنديون آهن....

***

خوش مزاجي هڪ ڏاڍي ڀلي عادت آهي، پر جيڪڏهن اها ڪنهن ماڻهوءَ ۾ آهي ته. خوش مزاجيءَ سان ماڻهو نه صرف اِهو، ته پاڻ سرهو رهي ٿو، پنهنجو وقت سٺيءَ ريت، ڪِلندي مُنهن تي مُرڪ پکيڙيندي، تازگيءَ سان گذاري ٿو، پر ٻئي ماڻهوءَ کي به خوشي ڏئي ٿو ۽ سندس دل تي جيڪڏهن ڪو بار آهي ته ان کي هٽائي ٿو.... ها دوستو، اسان جي دنيا ۾ ڏک گهڻا آهن ۽ خوشيون بنهه ٿوريون، اهڙين حالتن ۾ خوش مزاجي انهن ڏکن کي گهٽائڻ ۾، انهن تڪليفن ۽ اهنجن تان اسان جو ڌيان هٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿِي.... خوش مزاجيءَ سان ماڻهوءَ جي من تان مُونجهه لهي ٿي ۽ انسان جو اندر هلڪو ٿي پوي ٿو. ماڻهوءَ جي دلڙي ڪي پَل اهڙيءَ طرح ڌڙڪي ٿِي جو تازي تازي رت جسم ۾ ڊوڙڻ لڳي ٿي.... ان سان گڏوگڏ خوش مزاجي اڪثرين ۾ جيڪي اميد جا ۽ موج مستيءَ جا خوابُ لڳي ٿي تن جي پيٽ ڪنهن به ڏاڍي وڻندڙ ساڀيان سان نه ٿي ڪري سگهجي، چاڪاڻ ته خواب جي سونهن کي ڀلي ته ساڀيان جو روپ نه ملي، پر اها اهڙي خوشيءَ جو احساس ضرور من ۾ جاڳائي ٿي جيڪا ڏکي زندگيءَ کي جيئڻ ڪاڻ سولو بڻائي ڇڏي ٿي.

جيڪڏهن ماڻهو خوش مزاج آهي، سنڌس ڳالهائڻ ۾ مزو ۽ ميٺاڄ آهي، ته هر ڪو پيو چاهيندو ته اهڙو ماڻهو ساڻس ئي پيو ڳالهائي. چوندا آهن، ته جيڪڏهن ماڻهوءَ جي شڪل چڱي نه هجي ته ڳالهه چڱي ڪري.... اهو ان ڪري ئي چيو ته وڃي ته ڳالهه ۾ ئي سڀ ڪجهه آهي، صورتَ ثانوي حيثيت رکي ٿي، يا جيئن ٻين لفظن ۾ چيو ويندو آهي ته سيرت اصل شي آهي، اها چڱي هجي، صورت ۾ چاهي رکيو! سيرت سدا رهندڙ شي آهي ۽ صورت وقتي رهندڙ وٿ. خوبصورتي زبان ۾ هجڻ گهرجي، نه ڪي مُکڙي جي جوڙجڪ ۾.... مِٺو لهجو ماڻهوءَ کي چانو ۾ ويهاريندو آهي، جڏهن ته نازن نخرن کي ڪو ڪو ئي برداشت ڪري سگهندو آهي. سياڻن ماڻهن جو چوڻ آهي ته اعليٰ زندگيءَ جون چار نشانيون آهن: 1. نيڪ ڪردار، 2. نيڪ نيت، 3. نيڪ گفتار ۽ 4. نيڪ صحبت.....

جيڪڏهن غور ڪنلو ته خوش مزاجيءَ سان ماڻهوءَ جي نيڪ ڪردار جي عڪاسي به ٿئي ٿي، ته نيڪ نيتيءَ جي به. خوش مزاج ماڻهوءَ جي گفتار به نيڪ ۽ سٺي هوندي آهي، ته ڪيس دوستن ۽ ٻين ماڻهن جي صحبت به نيڪ ملندي آهي. اهڙن خوش مزاج ماڻهن‌سان هر ماڻهو پرُرتل هوندو آهي.

***

(سرجيل: 27 مارچ ۽ 15 مئي 2011ع، بہ گڏيل اسڪرپٽ.

ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 25-سيپٽمبر 2011ع)

# آءٌ انهيءَ جي پيرَ پٽي

سچل، سامي، پٽ ڏٽي،
جنهن ۾ پِي ڪا قرب ڪٽي،
آءٌ انهيءَ جي پيرَ پٽي:
چو تہ ُلهو هيءَ ڏرتي آ،
چو تہ چپر مان چاٺ چٽي-
ھُونءَ تہ مون ۾ ’آءُ‘ گھٽي،
ھُونءَ تہ مون ۾ ’آءُ‘ گھٽي. (شيخ اياز)

***

5 اپريل کان سڄي پاڪستان ۾ گھر شماري شروع ٿي آهي، جيڪا 19 اپريل تائين ٿيندي آهي، جنهن کان پوءِ آدم ڳڻپ جو ٻيو سلسلو شروع ڪيو ويندو. اوهان ڄاڻيندا هوندا تہ گذريل آدم شماري 1998ع ۾ ٿي هئي، ۽ ورهي 12 سالن کان پوءِ هي اهم مرحلو شروع ٿيو آهي....
گھر شماري هجي يا آدم شماري، ٻنهي جو مقصد اهو آهي تہ آباديءَ جي، ان جي واڌ جي سُڌ پوي، تہ جيئن پاڪستان جي چئني صوبن ۾ رهندڙ ماڻهن جي وچ ۾ مختلف معاملن کي درست طرح نبيري سگھجي ۽ ڪين وسيلن جي ورڇ ۾ حصو پتي ڏئي سگھجي.... ان حوالي سان، سرڪار مختلف ٽيمون ناهيون آهن جيڪي گھر شماري ڪري رهيون آهن. جيتوڻيڪ ان ڪم جي اهميت کي حڪومتي سياسي ڌُر سميت ٻين سيني سياسي ۽ سماجي ڌُرين محسوس ڪيو ۽ سمجهيو آهي، ان ڪري ان کي بهتر کان بهتر ۽ وڏ ۾ وڏ پرپور ۽ درست بڻائڻ لاءِ لِياءُ ورتا آهن ۽ عوامي جاڳرتا مهمون هلايون آهن، تڏهن بہ ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ اها عوامي سڄاڳيءَ جي مهم گھر-شماري پوري ٿيڻ واري تاريخ 19 اپريل تان ضرور هلي ۽ پوءِ جڏهن آدم شماري شروع ٿئي تہ ساڳئي تسلسل سان برقرار رهي....
ان سلسلي ۾ اوهان پنهنجن پاڙن ۾ ضرور اها ڪوشش ڪيو تہ سڀ گھر ڳڻپ هيٺ اچن، ڪو بہ گھر ڳڻپ کان رهجي نہ وڃي، هر گھر تي نمبر ضرور لڳي، جنهن گھر ۾ وڌيڪ ڪٽنب رهندڙ آهن، اهي الڳ الڳ گھر طور ڳڻپ ۾ اچن ۽ انهن جا الڳ نمبر بہ ٻاهرين مک در تي لڪيا وڃن. اِهو تمام ضروري آهي، ٻيءَ صورت ۾ اهو گھر يا ڪٽنب ڳڻ آهي ئي نہ. اميد تہ انهن گذارشن تي اوهان سوچ ويچار ڪندا ۽ عمل هيٺ آڻيندا.....

***

اڄ اوهان کي قنبر شهر سان تعلق رکندڙ ٻن پلوڙ فنڪار پائرن بابت مختصرًا ڄاڻ ڏيندو هلان، جن گھريلو مجبورين سبب جيتوڻيڪ ٿورا ڪلام ئي ريڊيو تي ڳايا، پر

اهي پنهنجي خاص سنڌي رنگ ۾ رڱيل هئا.... انهن ٻن ڀائرن جا نالا آهن استاد محرم علي ٻرڙو ۽ استاد اشرف علي ٻرڙو. سندن والد جو نالو استاد احمد علي خان ٻرڙو هو. استاد اشرف علي ڪيئي سال اڳ 1996ع ۾ دل جي دوري سبب اوچتو گذاري ويو ۽ استاد محرم علي قنبر ۾ گوشه نشينيءَ جي زندگي گذاري رهيو آهي. ٻئي ڀائر جيتوڻيڪ اسڪول ۾ پڙهائيندا هئا ۽ سندن سڃاڻپ هوشيار ۽ لائق استادن واري هئي، پر موسيقيءَ سان سندن چاهه هو. اهڙو ئي چاهه هنن جو هڪ ٻئي سان به هو، جو ٻئي گڏ ئي ڳائيندا هئا، اڪيلي سِر هنن ڪڏهن به نه ڳايو.... سندن ٻنهه تورا ڪلام ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۽ خيرپور تي رڪارڊ ڪيل آهن، پر اهي پنهنجي سنڌي موسيقيءَ جي حوالي سان اهم آهن. ٻئي ڀائر موسيقيءَ جا مختلف انسٽرومينٽ وڄائڻ ۾ ماهر، جن ۾ خاص ڪري هارمونيم، جلترنگ، پيانو، سِتار، ڪِي بورڊ، بينجو ۽ اڪارڊين به شامل هئا.... ٻنهي ڀائرن ۾ وڏو، استاد محرم علي 12 نومبر 1939ع تي پيدا ٿيو. هن ايم اي تائين تعليم حاصل ڪئي ۽ سڄي حياتي پڙهائڻ ۾ گذاري ۽ 1998ع ۾ رٽائرمينٽ ورتي. موسيقيءَ سان سندس لڳاءُ ننڍپڻ کان ئي ٿيو جيڪو سڄي ڄمار رهيو آهي.... ٻئي طرف سندس ننڍو ڀاءُ استاد اشرف علي نالي وارو حڪيم ۽ هيڊماسٽر پڻ رهيو. هو 20 آگسٽ 1945ع تي پيدا ٿيو. هن پڻ ايم اي پرائيويٽ ڪئي ۽ سڄي ڄمار پڙهائڻ ۾ گذاري. ڪيس موسيقيءَ جي علم جي پڻ وڏي ڄاڻ حاصل هئي. سندس وفات 22 جنوري 1996ع تي، دل جي دوري سبب، قنبر ۾ ٿي.... ٻنهي ڀائرن وٽ ملاقات لاءِ نالي وارو راڳي استاد امانت علي خان پڻ قنبر ڪهي ايندو هو. جڏهن ته سندن ملاقاتون استاد حضور بخش خان، خان محمد ’سائل‘، استاد خورشيد علي خان، استاد سلامت علي خان، استاد نزاڪت علي خان، استاد اميد علي خان، محمد يوسف ۽ عابده پروين سان پڻ رهيون....

اهڙيون شخصيتون ڪجهه ماڻهن کي سدا ياد رهندڙ هونديون آهن، پوءِ ڀلي ته زماني جي گردشن ۾ اهي ماضيءَ جي ُڌنڌ ۾ ڪٿي رهجي به وڃن!

***

ڪجهه ڏينهن اڳ مون کي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڏکڻ ۾ واقع هڪ شهر بادهه ۾، اتان جي هڪ سماجي ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪندڙ تنظيم ”بادهه سوشل فورم“ جي سڏ تي، نالي واري سائنسدان البرٽ آئنسٽائين جي پيش ڪيل ”ٿيوري آف رليٽوِٽي“ يعني ”نسبتي نظريي“ تي ليڪچر ڏيڻ لاءِ وڃڻو پيو.... وين ۾ لاڙڪاڻي کان بادهه وڃي رهيو هيس ته سفر دوران جن ٻن ڳالهين سيني مسافرن کي پريشان ڪيو، تن مان هڪ ته لاڙڪاڻي کان ڏوڪريءَ تائين ڊٻل روڊ جو ڏاڍي خراب حالت ۾ هجڻ هو، جيڪو گذريل ٻن ادائي سالن کان اهڙي خراب حالت ۾ آهي ۽ اجا تائين ٺهي نه سگهيو آهي، جنهنڪري اچ وڃ ۾ وقت به گهڻو لڳي ٿو، ماڻهن پاڻ کي ڏاڍو ڏکيو محسوس ڪن ٿا، ايڪسيڊينٽ جو پڻ امڪان وڌي وڃي ٿو ۽ سڄي وات ماڻهو

گاڏيءَ ۾ ٽڙڪندو رهي ٿو، ۽ ٻيو تہ ڊرائيور ويگن کي ڪٽارا لوڪل بس وانگر هلائي رهيو هو ۽ هِتي هُتي بيهاري رهيو هو....

هڪ گرميءَ جي مُند، ڏينهن ٽپندڙ، ٻيو ٻُگل ٽُل روڊ ۽ ٿيون ڊرائيور جي ان انداز مسافرن کي ڏاڍو پريشان ڪيو، هو دانهون ڪرڻ لڳا، پر ڊرائيور انهن سڀني ڳالهين کان ڪن لاٽار ڪيون پنهنجيءَ ۾ لڳو پيو هو. مسافرن لاءِ اها ڳالهہ اجاڳُڪي هئي، پر هُو ٻيو وڏيڪ ڪري بہ ڇا پئي سگهيا! ان صورتحال ۾ مون کي هڪ ڳالهہ جو ڳُنڪو هو تہ متان ڊرائيور پنهنجي زبان تي ڪنٽرول نہ رکي سگهي ۽ ماڻهن سان بدتميزيءَ سان نہ پيش اچي، ڇاڪاڻ تہ اهڙين حالتن ۾ ڪيئي ڀيرا ڊرائيور مسافرن جي بيعزتي ڪندي بہ دير نہ ڪندا آهن. پر هيءُ ڊرائيور ان لحاظ کان چڱو ماڻهو هو، جو هن اهڙي ڪا بہ ڳالهہ نہ ڪئي ۽ تهمل سان مسافرن جون ڳالهيون ٻڌندو رهيو، جيڪي پوءِ نيٺ صبر ڪري ٿُپ ٿي ويا. چوڻ جو مقصد آهي تہ اها سٺي ڳالهہ آهي تہ اسان ٻئي جي ڳالهہ ٻڌون، پر جيڪڏهن اها سٺي ۽ درست آهي تہ ان تي عمل بہ ڪيون. ان ريت اسان پنهنجي ماحول ۽ سماج کي سهپ جوڳو بڻائي سگهنداسون. مان واسطيدار اٿارٽين کي بہ گذارش ڪندس تہ اهي ماڻهن جي تڪليفن ۽ ڏکيائين تي ڌيان ڏين ۽ انهن کي سهولتون ميسر ڪري ڏين.

***

(سرجيل: 10 اپريل 2011ع)

# شوڪيس ۾ درد رکيل آهن

ايڏو اوندهه منجهه ڳجهنو هڪ به نه جيئڙو!
تارا سڀ تڙجي ويا، چاري ناهه چنڊ
هِي اونداهو ڪَڏ! تڙقي شل ڪو تِرورو! (شيخ اياز)

اسان جون زندگيون ڪيڏي نه مصروفيت ۾ گذرن پيون! ڏسجي ته هر ماڻهو وٽ پڪڙ ۾ لڳو پيو آهي. ڪنهن وٽ به وقت ڪونهي، پوءِ اهو ٻڍو هجي يا ٻار، جوان هجي يا اڌڙوٽ، ۽ مرد هجي يا عورت! جنهن ڪان به پڇبو، پيو دانهون ڪوڪون ڪندو ته ڪم ڏاڍو آ، نبري ئي نه ٿو، واند ئي ناهي.... ماڻهوءَ جون مصروفيتون ايڏيون آهن جو خبر ئي نه ٿِي پوي، ته صبح مان شام ٿِي وڃي ٿِي، ۽ ڏينهن رات ۾ سمائجي ٿو وڃي. وقت اڏامي ٿو پيو، سڄ ڪي ٻو لڳل آهن جيڪي روشنيءَ جي رفتار سان ٿا هلن! ۽ سڄ ڪي ڪنيي وڃي سمند جي گهراين ۾ ٿا لِڪن!

سائين منهنجا! جڏهن انهن مصروفيتن تي سوچيون ٿا ته معلوم ٿو ٿئي ته اهڙيون به مصروفيتون آهن جن ڪي الائي ته ڪنهن مصروفيت جو نالو ڏنو آهي! مثال طور، جيڪڏهن ماڻهوءَ جو وقت هوٽل تي چانهن جي انتظار ۾ ويني ويني گذري ٿو وڃي، ته به هو مصروف آهي.... جيڪڏهن ماڻهو ڪنهن ٻئي شهر وڃي رهيو آهي ۽ ويگن يا بس جي انتظار ۾ بيٺو آهي يا لنهيءَ ۾ وينو آهي، ته به مصروف آهي، جيتوڻيڪ هو اهو وقت ڪنهن چڱي ڪم ۾ گذاري سگهي ٿو يعني ڪو ڪتاب پڙهي سگهي ٿو، اخبار مان مستفيض ٿي سگهي ٿو يا پنهنجيءَ موبائيل تي ايف ايم ريڊيو هلائي ڪا نيوز بليٽن، ڪا سني ڳالهه يا ڪو چڱو ڳانو ٻڌي سگهي ٿو.

ڏسجي ته اهڙيون مصروفيتون جيڪي حقيقت ۾ بهانا ئي آهن ڪن بين ڳالهين يا ڪمن ڪان ڪن لاتار ڪرڻ جا يا پاڻ کي زماني جي وڪڙن ۾ ڏاڍو ڦاٿل هجڻ ظاهر ڪرڻ جا.... پلا جيڪڏهن اسان پنهنجي ڊيوٽي ايمانداريءَ سان ڪيون ٿا ته ان کي مصروفيت تورو ئي چئبو، اها ته حلال جي ماني ٿِي ڪائڻِي، يا جيڪڏهن اسان ڪنهن مريض کان سندس طبيعت پڇڻ يا حال پائي تيڻ وڃون ٿا ته اها مصروفيت ناهي، اها ته هڪ چڱائي آهي، جيڪا انسان هئڻ ناتي اسان جي فرض ۾ شامل آهي.... شايد مصروفيت اهو بهانو آهي جيڪو اسان پاڻ کي ڪنهن ماڻهوءَ کان ملڻ کان لهرائڻ لاءِ ٻڌايون ٿا، يا جيڪو اسان وقت تي ڊيوٽيءَ تي پهچڻ کان بچڻ لاءِ استعمال ڪيون ٿا، يا ڪو چڱائيءَ جو اهڙو ڪم ڪرڻ کان تتائڻ لاءِ ٻڌايون ٿا جنهن ۾ اسان کي پنهنجي وقت ۽ پئسي جي قرباني ڏيڻي پوي ٿِي....

ڪهڙي به ڪم کي نه ڪرڻ لاءِ هزار بهانا جوڙي سگهجن ٿا پوءِ اهي ٺهڪندڙ هجن يا نه، جيتوڻيڪ سمجهي هر ڪو ويندو آهي، پر گذارش اها ڪرڻ ٿو چاهيان ته وقت

واقعي ﺑﻪ وڏي وٿ آهي، جيڪڏهن اهو سجايو ڪيون ٿا. ماضيءَ ۾ نهارڻ سان اسان کي ڪيئي سال، جي ها ڪيئي سال، اهڙا نظر ايندا، جيڪي الائي ته ڪيئن گذري ويا، جيتوڻيڪ اسان انهن کي تنهن وقت ڏاڍي مصروفيت ۾ گذاريو هوندو، ته پوءِ، جيڪو وقت هاڻي ڏاڍي مصروفيت ۾ گذاريون ٿا، اهو ﺑﻪ تي سگهي ٿو ته جڏهن ماضيءَ جو حصو بڻجي وڃي ته ايئن ئي محسوس ٿئي، ڇڻ اجايو ويو. ان ڪري اسان کي پنهنجي سوچڻ جا انداز بيا بڻائڻا پوندا، اهڙا انداز، جيڪي مجموعي طور انسانذات جي چڱائي نه رڳو چاهيندڙ هجن، پر ان لاءِ لوچيندڙ ﺑﻪ هجن.

***

دوستو! درد جون ڪيفيتون ﺑﻪ عجيب ٿين ٿيون. سنڌ جي هڪ پلوڙ شاعر ملڪ نديم جو هڪ تجريدي نظم هن ريت آهي:

بازار جي شوڪيس ۾،
منهنجا درد رکيل آهن.
خوشبودار هر خواب گاهه ۾،
منهنجن غمن جا گلاب آهن.
محبت جي فقط هڪ خوبي آهي،
جو هن کي هر قيمت تي،
غلامي قبول ناهي.

اِن نظم ۾ ڪيڏي نه پيڙا سمايل آهي! بازار جي شوڪيس ۾ درد رکيل هجن ته انهن جي قيمت ته ضرور لڳندي نه. دردوِڪري لاءِ رکي اسان ڪيڏي نه تڪليف مان گذريا آهيون، پر ڪٿي ايئن ته ناهي ته ان مان اسان هڪ سُڪون ﺑﻪ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي! پر درد جون ڪيفيتون ئي ڇا، خود دردُ ﺑﻪ ته عجيب ٿئي ٿو.... درد تڪليف ته ڏيندو ئي آهي، ماڻهوءَ کي پيڙا مان گذاريندو ته آهي ئي آهي، پر دردُ ماڻهوءَ کي سُرور ﺑﻪ ڏيندو آهي. دردمان ماڻهو مزو ﺑﻪ وٺندو آهي.... ها سائين منهنجا! درد جو سرور، درد جو مزو ڪو ڪو ماڻهو ئي وٺي سگهندو آهي، ان سور کي ڪو ڪو ماڻهو ئي محسوس ڪري سگهندو آهي ۽ ان سرور مان لطف اندوز ﺑﻪ ٿي سگهندو آهي. اها هر ڪنهن جي ڳالهه ناهي.... اوهان سوچيندا هوندا ته پلا درد مان سرور ڪيئن ملندو؟ ڪيئن درد مان مزو ملي سگهندو؟ اها ﺑﻪ ڪا سياڻپ جي ڳالهه چئبي! هي ته ٺيون ٺهيون ڳالهيون ناهٺيون....

پر، ايئن ناهي. درد واقعي ﺑﻪ مزو ڏيندو آهي، ان مان سچ پچ ﺑﻪ سرور ملندو آهي، جيڪڏهن اهو درد ڏيندڙ ڪو پرين پيارو هوندو آهي ته ان درد مان سُڪون ملندو آهي. جيڪڏهن درد ڏيندڙ هٿ ريشم جهڙا نرم هجن، ته ان درد جي لذت روح کي نرم بڻائي ڇڏيندي آهي. جيڪڏهن درد ڏيندڙ نيڻ خماريل هجن ته رات جا سڀ سپنا خمارن ۾ ونجي ويندا آهن.

***

خواهشن جي دنيا بہ ڏاڍي عجيب دنيا ٿئي ٿي! ڪڏهن ڏاڍي وڻندڙ، تہ ڪڏهن ڏاڍو پريشان ڪندڙ. ڪڏهن وجود ٺاريندڙ، تہ ڪڏهن نِهوڙي ڇڏيندڙ. ڪڏهن خوشين ۾ مستي پريندڙ، تہ ڪڏهن افسوس جي جهان ۾ رُلائي ڇڏيندڙ.... انسان چاهيندي يا نہ چاهيندي بہ خواهشن جي دنيا ۾ ضرور ويندو رهندو آهي ۽ خوش فهمين ۾ مگن ٿي، پاڻ لاءِ الائي ڇا جو ڇا چاهيندو رهندو آهي. هو ڪڏهن آسمان جيڏو اوچو بڻجڻ جي آرزو ڪندو آهي، تہ ڪڏهن خدا جيان سڀ ڪجھ ڪري سگهندڙ سگھ جو مالڪ بڻجڻ جي خواهش ڪندو آهي!.... هو ڪڏهن تہ سڄيءَ دنيا جو مالڪ ٿيڻ چاهيندو آهي ۽ ڪڏهن پنهنجون ٽي يا پنج خواهشون پوريون ٿيڻ جو طالب رهندو آهي، ۽ ان لاءِ هزارين حيلا هلائيندو آهي. خواهش پوري ٿِي تہ واھ واھ، نہ تہ ارمان ۾ ونجي ويندو آهي....

ڪي خواهشون انفرادي ٿينديون آهن، تہ ڪي اجتماعي. انفرادي خواهشن ۾ ماڻهو عام طور پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ٻارن لاءِ اهڙيون شيون چاهيندو آهي جيڪي هن کي سک ۽ سهولتون ڏين، مثال طور سنو گهر يا بنگلو، نئين گاڏِي، پِلي نوڪري، نوڪر چاڪر، وڏن ماڻهن سانُ لڱ ويهڻ، ناماچاري، بئنڪ بئلنس وغيره، مطلب تہ سماجي اسٽيٽس، جنهن مان سندس اميري ۽ خوشحالي ظاهر ٿئي.... ۽ اجتماعي خواهشن ۾ قوم ۽ ملڪ جي بهتري، ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي واڌ ويجهہ، انسانذات سان چڱائيءَ ڀرئي رويي جو ڦهلاءُ، سڀپ جو مادو پيدا ٿيڻ، تعليم ۽ صحت جو گهٽي ۾ گهٽو هجڻ، وغيره شامل آهن.

هِتي هڪ خوبصورت سنڌي شاعر ايم ڪمل جو شعر آهي:

خواهشون ننڍڙيون ٿِي ويون،
ٻـار هـاڻـي وڏا ٿـيـا آهـن.

اِن شعر ۾ وري خواهش جو ٻيو رُخ پيش ڪيل آهي، پنهنجين ذاتي يا فردِي خواهشن کي ڇڏي ٻارن جي خواهشن جو ذڪر ڪيل آهي، جن کي پُورو ڪرڻو آهي. پر اهو سڀ ڪجھ ڪيڏو نہ عجيب آهي! اسان خواهشن جي پنيان ڀڪڻ جو نہ ٿا ڇڏيون! ڇو نہ ٿا اهڙو ڪجھ ڪريون جيڪو خواهشن جي رُڃ پنيان هلائڻ بدران حقيقت جي پيچري تي اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهي، پوءِ پلي تہ ان اتساهہ جي سفر ۾ اسان جون خواهشون پنهنجو پاڻ پوريون ٿينديون وڃن....

***

دنيا جي مشهور مفڪر، شاعر ۽ اديب خليل جبران جو چوڻ آهي: "ياد رکڻ بہ ملاقات جي هڪ صورت آهي ۽ وساري ويهڻ بہ جدائيءَ برابر." الا! ڪيڏِي نہ وڏي ڳالھ آهي! اسان انساني سماج ۾ رهندڙ آهيون، جنهن ۾ اسان جو واسطو هڪٻئي سان رهي ٿو. ان صورت ۾ بين انيڪ ڳالهين سميت اسان ڪڏهن، ڪنهن سمي ڪنهن هڪ يا گهڻن ماڻهن سان

گذاريون ٿا، تہ ڪنهن وقت ڪجهہ بين ماڻهن سان. ڪجهہ ماڻهن سان اسان جا ناتا وقتي ٿين ٿا، تہ ڪجهہ سان گهڻ وقتي، ۽ ڪجهہ ماڻهن سان وري اسان جا ناتا ڪل وقتي هوندا آهن، جن ڪان اسان ڪڏهن بہ ڇڃي نہ سگهندا آهيون. ان صورت ۾ پنهنجن ڪهڙن عزيزن ۽ قريبن، سنگتين ۽ ساٿين، يارن ۽ دوستن، سڄڻ ۽ سُونهن ۽ بين انهن انيڪ ماڻهن ڪي ياد رکون ٿا ۽ ڪهڙن ڪهڙن کي وساري ويهون ٿا، جن جو اسان جي زندگيءَ ۾ ننڍو يا وڏو، ٿورو يا گهڻو ۽ اهم يا غير اهم ڪردار آهي، پوءِ ان ياد رکڻ يا وساري ويهڻ جو ڪارڻ جائز هجي يا مڙئي سِڙئي. اهو هڪ اهم سوال آهي.... بيو تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ياد رکڻ جا بہ ڪيئي طريقا ۽ انداز آهن. مثال طور جڏهن، ڪٿي ڪا ڪچهري ٿيندي هجي تہ ان ماڻهوءَ جو ذڪر ڪيون، سندس چڱاين جي ڳالهہ ڪيون ۽ سندس ڪنهن اهڙيءَ ڳالهہ بابت ڳالهايون جيڪا ڏاڍي وڻندڙ هجي.... ڪڏهن اڪيلا هجون تہ ان ماڻهوءَ جي سارَ کي هڪ پيار وانگر پنهنجي من ۾ محسوس ڪيون ۽ سندس وجود جي سرهاڻ سان واسجي وڃون.... اهڙي ياد ويل ان ماڻهوءَ کي هڪ ايس ايم ايس ڪري ڇڏيون، تہ ڪيس احساس ٿئي تہ هو اسان کي ڪنهن وقت ياد آهي، اسان ڪان وسريو ناهي.... جيڪڏهن اهو ماڻهو اسان ڪان ڪاوڙيل آهي، اسان سان نہ ٿو ڳالهائي بولائي، تہ ان ڪان پڇون تہ ڇو اسان ڪان ناراض آهين، نيٺ اسان ڪان ڪهڙي خطا ٿي آهي، اسان ڪهڙي غلطي ڪئي آهي، جو سزاوار ٿيا آهيون....

***

دوستو! اثرائتين ڳالهين، قولن، جملن، گفتن يا چوٽين ۽ پهاڪن، خاص طرح گهر جي وڏڙن جي ڳالهين ۾ وڏي ڏاهپ لڪل هوندي آهي. يقين ڪيو، تہ اسان کي ڪو بہ اندازو نہ هوندو آهي تہ ڪنهن وقت ڪا بہ ڳالهہ دل ۽ دماغ تي اهڙو پائدار، ڦور رس ۽ ڪارگر اثر ڪري ويندي آهي، جنهن جي اسان کي ڪا بہ ڪٿ نہ هوندي آهي، پر اها ڳالهہ اڳلي جي زندگيءَ ۽ سوچن کي نئون موڙ ڏئي ويندي آهي.... اهڙيون ڪجهہ اثرائتون ڳالهيون اوهان اڳيان پيش ڪيان ٿو، جيڪي ڪتابن مان ڪوريون اٿم:

* ”معاشري جي مڙني برائين جي پاڙ شخصي ملڪيت آهي.“
* ”غير ضروري بحث، ڪنهن بہ دوست کي جدا ڪري سگهي ٿو.“
* ”ڪرسي ۽ دولت ناڪافي آهي. انسان ان مان ڌاپندو ئي ناهي.“
* ”سفر جي مفاصلي جو دارومدار مسافر جي حوصلي تي هوندو آهي.“
* افلاطون چيو آهي ”اڪثر ڪري انسان ان ڪري نقصان ۾ ويندو آهي جو هو ڪنهن سان بہ مشورو ئي نہ ڪندو آهي.“

ڳالهيون گهڻيون آهن، پر هن ڀيري صرف اهي ئي.

***

(سرجيل: 17 اپريل 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 4 سيپٽمبر 2011ع)

# سُکي ئي نہ ٿو پورهيتن جو پگهر

پڙاڏو سو سڏ ورُ وائيءَ جو جي لهين،
هـئـا اڳهـيـن گـڏ، بـدڻ ۾ بہ ٿِـيـا.

اڄ پهرين مئي آهي، ۽ هي ڏينهن سڄيءَ دنيا جي 80 ملڪن ۾ ”مزورن ۽ پورهيتن جي عالمي ڏينهن“ طور ملهايو ويندو آهي. انهن ملڪن ۾ پاڪستان بہ شامل آهي.... سنڌ جي نالي واري شاعر ۽ لاڙڪاڻي واسي مرحوم واجد جو ان حوالي سان هڪ خوبصورت شعر آهي:

هِـي سـنـڌ ديـس آ يـا شـڪـاگـو نـئـون،
جو سُکي ئي نہ ٿو پورهيتن جو پگهر.

جيتوڻيڪ ان شعر ۾ سنڌ ۾ پورهيتن جي پِيڙا ڀري حياتيءَ جي تصويرڪشي ڪئي وئي آهي، پر اسان ڏسي سگهون ٿا تہ سڄي ننڍي ڪنڊ ۾ پورهيتن ۽ مزورن جي اهڙي ئي ُ ڳري حالت آهي. سندن جيئڻ جنجال بڻيل آهي، پل پل سور ۽ تڪليف ۾ گذري ٿو ۽ اهي وڏن مسئلن سان منهن مقابل ٿين ٿا.... پورهيتن جي زندگي ڏاڍي ڪٺن گذري پئي، اهو ئي سبب آهي جو سندن پگهر سُکي ئي نہ ٿو تہ ڪين ڀِري مزوري ڪرڻي ٿِي پئي، تڏهن ئي اهي حياتيءَ جي تند کي جيئڻ تيئڻ ڪري ڳنڍيل رکي سگهن ٿا....

منهنجي هڪ دوست، هڪ ايس ايم ايس ۾ اجوڪي ”پورهيتن جي ڏينهن“ جي حوالي سان هڪ سهڻو شعر لکي موڪليو:

سو جاتي هين فوٽ پاٿ پي اخبار بِڇا ڪر،
مزدور ڪڀي نيند ڪِي گولِي نهين کاتي.

مزورن جي تحريڪ جو بنياد پهرين مئي 1886ع تي تڏهن پيو، جڏهن اتر آمريڪا جي لکين پورهيتن، ڏهاڙي ڪم جو وقت 8 ڪلاڪ مقرر ڪرائڻ لاءِ شڪاگو شهر ۾ هڙتال ڪئي. ان موقعي تي مظاهرو ڪندڙ هڪ وڏي فارم اپليمينٽ فئڪٽريءَ ۾ پڪڙجي ويا، جيڪا يونين جي ڪارڪنن لاءِ بند ڪئي وئي هئي.... ان کان پوءِ 3 مئي تي مظاهرو ڪندڙن ۽ ڪجهہ مخالف مزورن جي وچ ۾ چڪريءَ دوران پوليس ٻن مزورن کي گوليون هڻي ماري ڇڏيو. ٻئي ڏينهن هيمارڪيٽ چوڪ تي هڪ احتجاجي ريليءَ دوران پوليس تي هڪ بم اڇليو ويو، جنهن جي رد عمل ۾ پوليس مظاهرو ڪندڙن تي انڌا ڌنڌ گوليون هلايون. ان دوران 8 انارڪسٽ اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا، جن کي ڪيس هلائي موت جي سزا ڏني وئي. جڏهن تہ انهن مان ٽن ڄڻن پوءِ معافي

ورتي.... انهن واقعن جي ڪري اڳتي هلي مزورن طرفان بين الاقوامي سطح تي احتجاج شروع ٿي ويا ۽ 1889ع ۾ نئين سوشلست پارٽيءَ جي، جيڪا ڪارل مارڪس جي 1860ع واري ڏهاڪي ۾ منظم ڪيل پهرين انٽرنيشنل جي جاءِ نشين هئي، تہ ان پارٽيءَ جي ٻِي انٽرنيشنل جي پهرين ڪانگريس ٿي، جنهن ۾ مزورن کي پهرين مئي تي مزدورن جي طاقت واري اتحاد جي سالياني مظاهري طور هڙتال ڪرڻ جو سڏ ڏنو ويو....

سچو ڏيھ ڏاتا ڪري جيُ ليا،
لکين عيد جا، چنڊُ لِري پون.

ان ڏس ۾ مظاهرو ڪندڙن خاص سڌارن جو مطالبو ڪيو. مزدورن جي انهيءَ تحريڪ سبب يورپ ۾ مزدورن جو نئون طبقو ۽ انهن جون نيون سياسي پارٽيون اڀريون، جن جلد ئي مزدورن جي ڪمن جي ڪلاڪن، سندن هفتيوار موڪل ۽ ٻين حقن واري جدوجهد کي تيز ڪري ڇڏيو، جنهن ڪان پوءِ مجبور ٿي ڪم جا 8 ڪلاڪ مقرر ڪيا ويا ۽ مزدورن کي ٻيون بہ سهولتون ڏنيون ويون.•

جڏهن تہ اسان وٽ پورهيتن جي حالت اجا تائين غربت ۾ گذرندڙ آهي. ان حوالي سان نئين ٿهيءَ جي هڪ مشهور شاعر آسي زمينيءَ جو شعر آهي:

ُ لنوءِ لٽو ۽ اجهو، ڳوليندي يارو!
پورهيت ويچارو، سدا ساڳي حال ۾!

پهرين مئي جو ڏينهن اڄ بہ انهن شڪاگو جي شهيدن جي مجتا ۾ ملهائجي ٿو. اڄوڪي پهرين مئي تي سوين شهرن ۾ ريليون ڪڍيون وڃن ٿيون، ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ٿين ٿا، مزورن ۽ پورهيتن جا عوامي ميڙ ڪوٺايا وڃن ٿا، جتي مزورن ۽ سندن حقن جي حمايت ۾ ۽ سرمائيداريءَ جي مخالفت ۾ ويچار ونڊيا وڃن ٿا ۽ مجموعي طور مزورن جي مسئلن تي گفتگو ڪئي وڃي ٿي..... پر ان ڏينهن ملهائڻ جو خاص مقصد ڪهڙو آهي؟ هي ڏينهن ملهائڻ جو ضروري آهي؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي سوال ضرور اسان جي ذهنن ۾ اُڀرن ٿا، ان ڪان سواءِ ٻار بہ جڏهن پهرين مئي جو ذڪر ٻُڌن ٿا تہ پڇن ٿا تہ پهرين مئي مزورن جو ڏينهن ڇو آهي؟

پهرين مئي مزورن سان هڪ ٿيڻ، سندن ساٿ ۾ ساٿ ڏيڻ جو ڏينهن آهي، هي ڏينهن انهن شهيدن کي ڀيٽا آهي جن پنهنجن مزور ڀائرن سان ساٿ ڏيندي پنهنجيءَ جانِ جي بہ پرواهہ نہ ڪئي.... هي ڏينهن ان تحريڪ جي تجديد آهي تہ اڄ بہ جيڪڏهن ڪنهن مزور سان انياءُ ٿيندو تہ اهو مزور اڪيلو نہ هوندو، سڀ مزور ان جي ساٿ ۾ هوندا، هي ڏينهن صنعتڪارن ۽ سرمائيدارن کي ياد ٿو ڏياري تہ اوهان مزورن جي حقن تي

• ذريعو: روزاني "ڪاوش" حيدرآباد

ڏاڙو هٽي نہ ٿا سگهو، نہ ئي ڪانئن بيگر وٺي سگهو ٿا، هي ڏينهن مزور کي سجاڳ ٿو ڪري تہ تنهنجو ناتو صرف پنهنجو پاڻ سان ناهي، پر ان سڄيءَ دنيا جي ڪميونٽيءَ سان آهي، جنهن کي دنيا پورهيت جي نالي سان سڃاڻي ٿي.

سنڌ جي نالي واري شاعر استاد بخاريءَ جو هڪ خوبصورت چوسٽو آهي:

جن وٽ پورهيو، پيار، صداقت، سي ويڳاڻا ڇو؟
جن وٽ داڻا، ڇاڻا، ناڻا، سي سڀ راڻا ڇو؟
هر هڪ ڏينهن هزارين تاڪيا، ٺاهي ٺِپي هر ”مِل“،
انگءُ گهاڙا جن نہ ڍڪايا، سي آڏاڻا ڇو؟

***

دوستو! بهار جي موسم موڪلائي چُڪي. هاڻي جهولا پنهنجو زور وٺندا پيا وڃن ۽ ماڻهو سج جي تاءُ کي بيزاريءَ منجهان سهي رهيو آهي.... اونهاري جو سج جيءَ تي باهہ جاءُ لاءُ اجلائڻ لڳو آهي، جنهن جي لڳ ساڙيندڙ تپش من کي مُونجهو پئي ڪري.... ان صورتحال ۾ ڇا ڪجي؟ ڪيئن گذارجي ان ڪٺن سمي کي، جنهن ۾ بجلي پڻ بيوفا محبوبا جيان، محبوبا چئجي بہ يا نہ، پر جڻ تہ بيوفا محبوبا جيان هر ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ رُسي وڃي ٿي ۽ وڏي انتظار کان پوءِ اچي ٿِي، تہ بہ پڪ نہ ٿي رهي تہ ڪيترو وقت هوندي! ٻيهر ايندي بہ الائي نہ، ڪا خبر ناهي، پر منهن ڏيٺو آهي. اڳ بہ اهڙا ڏينهن سَنا آهن، تہ هيل بہ سهي وڃبا! پر سوال آهي تہ ڪيسين؟ ڪٽي ايئن تہ نہ، تہ جيسين تن ۾ ساهہ آهي، پيو اونهاري جو جهولن ۽ بجليءَ جي اٿهوند کي سهبو ۽ ڪڏهن آسمان کي شڪايتي نظرن سان ڏسبو، تہ ڪڏهن بيٺل پکي ۽ وساميل بلب کي ميارون پيون ڏبيون.... بهرحال، ماڻهوءَ سان مسئلا هزار آهن، کي فطرتي، تہ کي انساني، يعني پنهنجا پيدا ڪيل. هِڪڙا مسئلا ختم ٿين ٿا تہ ٻيا ڪر ڪنيو بيٺا آهن. ماڻهو پنهنجي وس آهر پيو جاکوڙي. اوهان بہ اسان سان گڏ، هن اونهاري کي سهڻ جي ڪوشش ڪجو، ڇو تہ ان کان سواءِ ٻِي ڪا واٽ سُجهي نہ ٿي. سج جي تاءَ کي پاڻ گهٽائي نہ ٿا سگهون، جو موسم قدرتي آهي، ان تي اسان جو ڪو اختيار نہ هلندو، البت ڪيُ لپاءَ وٺي سگهون ٿا.... مثال طور، سڀ کان پهرين تہ وقفي وقفي سان پاڻي پيئندا رهون تہ جيئن جسم ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ نہ ٿئي، ممڪن هجي تہ ليمو-پاڻي ضرور پيئون، ٿڌيون شيون واپرايون، خاص طور هنداڻي جو مزو بہ وٺون تہ فائدو بہ، ۽ ٻيون ڪيئي ڳالهيون....

***

دوستو! اهي ننڍڙيون ۽ مختصر ڳالهيون، جن ۾ وڏي ڏاهپ لڪل آهي، جن ۾ ٿورن لفظن ۾ گهڻو ڪجهہ چيل آهي، جن جي لغوي معنیٰ پنهنجيءَ جاءِ تي، پر اصطلاحي معنیٰ سوچ کي نئين مٿانهينءَ تي رسائي، ۽ مجموعي طور جيڪا ڳالهہ ماڻهوءَ کي

اجا وڏيڪ بهتر ماڻهو بڻائي، جيڪا ڪيس عقليت پسند بڻائي ۽ انسانيت جي ويجهو ڪري.... اهڙيون ڪجهه منتخب ڳالهيون، مطالعي جي ميز تان:

* خليل جبران چيو آهي: ”محبت هڪ نوراني لفظ آهي، جنهن کي نوراني هٿن، نوراني ڪاغذ تي لکيو آهي.“

* حڪيم سقراط جو چوڻ آهي: ”مرد اک آ ته عورت ان جي نظر، مرد گل آهي ته عورت ان جي خوشبو.“

* ڀڳت ڪبير جو چوڻ آهي: ”سوتيلي ماءُ سان به برو سلوڪ نه ڪر، چاڪاڻ ته هوءَ تنهنجي پيءُ جي گهر واري آهي.“

* ڪنهن چڱي ماڻهوءَ جو چوڻ آهي: ”ڪنهن ماڻهوءَ جي عظيم هجڻ جون به نشانيون آهن، ته هن کي ٻارن ۽ غريبن سان ڪيترو پيار آهي.“

***

(سرجيل: پهرين مئي 2011ع)

# جِيجل منهنجو جيئاپو

پنهنجي ٻوليءَ ۾، ميان! جي تون چوندين ماءُ،
توکي اهڙو ساءُ ڏيندِي ٻِي ٻولي ڪٿي!

اڄ 8 مئي جو ڏينهن، جِيجل امڙين يعني ”مائرن جو عالمي ڏينهن“ (Mother’s Day) آهي.امڙ زمين ۽ آسمان تہ ڇا، ڪائنات جي عظيم هستي آهي، جنهن سان ڪا بہ ٻِي هستي ٻيٽي نہ ٿي سگهجي. جيڪو اهڙو ٻيٽ ڪندو سو ڄڻ تہ چرياڻ چئبو، ڇاڪاڻ تہ امڙ اهڙو وجود آهي، جنهن جهڙو دنيا ۾ ٻيو ڪو وجود ناهي، ٻِيو هر وجود ثانوي آهي. امڙ جي عظمت هر هستيءَ ڪانُ لَمَ آهي، ٻي ڪا بہ شيءِ ان جي عظمت سان ٻيٽي نہ ٿي سگهجي. ٻئي طرف ٻيءَ هر شيءِ جي ڪا نہ ڪا ڪٿ ڪري سگهجي ٿِي، پر امڙ جي محبت جِي ڪَٿ ڪري ئي نہ ٿي سگهجي.... ماءُ جي محبت جو پُورو احساس ان ماڻهوءَ کي ئي هوندو آهي، جنهن کان ماءُ ننڍي وهيءَ ۾ ئي وڇڙي ويندي آهي ۽ پوءِ اهو ماڻهو سڄي ڄمار ماءُ جي محبت لاءِ تڙپندو رهندو آهي. ڪنهن سياڻي جو چوڻ آهي: ”ماءُ جي محبت ۾ گِهرائيءَ جو سمنڊ آهي، جنهن جي ماپڻ جو ڪو اوزار، ڪا ڪَل ناهي.“ اڃا بہ ڏسجي تہ ماءُ جي محبت ڪائنات وانگر ڪشادي، وسيع ۽ کُليل آهي، ان جي اڱيان ڪا محدودائپ ناهي. هر هڪ ڪشادائي ان اڱيان گهٽ آهي. امڙ جي محبت اڱيان نُوري سال يعني لائيٽ اِيئر جا فاصلا بہ ڪمتر آهن. ماءُ جي منڙي نظر هر ننڍي مفاصلي کان ويجهي بہ آهي، تہ هر وڏي مفاصلي کان وڏِي بہ آهي.ان نظر جي پنهنجائپ ٻِيءَ هر پنهنجائپ کان مٿاهين آهي. جنهن ماڻهوءَ کي ماءُ جي ممتا ميسر آهي، ان کي ڄڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي نعمت مليل آهي....

امڙين کي محبت جي ڀيٽا رڳو ڪنهن هڪ ڏينهن تي پيش نہ ٿي ڪري سگهجي. جيڪڏهن اسان پنهنجي زندگيءَ جو پل پل امڙين کي ارپيون تڏهن بہ سندن لاثاني محبت جي موٽ نہ ٿا ڏئي سگهون، پر هي ڏينهن ان ڪري مائرن لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي تہ جيئن اسان پنهنجين مصروف زندگين مان، ڪمن ڪارين جي گهڻائيءَ مان، هڻ وٺ جي گذرندڙ حياتيءَ مان، سال جي 365 ڏينهن مان جيڪڏهن صرف هڪ ڏينهن امڙين لاءِ وقف ڪيون ٿا تہ اهو بہ سندن محبتن جي موٽ ۾ هڪ تحفو آهي. هي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد ماءُ جي اهميت کي ڇٽو ڪرڻ آهي، جيڪا زندگيءَ جي ڀڄ ڊُڪ ۾ ڪٿي وڃائجي يا رهجي وئي آهي. اها اهميت جيڪا اسان نظر انداز ڪري ڇڏي آهي ۽ جنهن کي ياد ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. امڙين کي محبتن جِي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ يعني ”مائرن جي عالمي ڏينهن“ لاءِ انين مئي ڪا مقرر تاريخ ناهي، پر هر سال مئي مهيني جي ٻئي آچر تي هيءُ ”مائرن جو عالمي ڏينهن“ ملهائجي ٿو.

حاصل ڪيل ڪجھ ڄاڻ موجب، مختصر طور اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته 1876ع ۾ آمريڪا جي هڪ رياست ورجينا جي هڪ ڇوڪرِ ائنا جاروز سان هن جي ماءُ اپني ميريءَ خواهش جو اظهار ڪيو ته جيڪڏهن ماءُ جهڙيءَ هستيءَ لاءِ ڪو هڪ ڏينهن ئي ملهايو وڃي، جنهن ڏينهن هن کي پيار، ٻاجھ ۽ محبتن جي پيتا ڏجي، ته ڪيڏو نه سنو ٿئي...... ائنا پنهنجيءَ ماءُ جي حياتيءَ ۾ ته اهڙو ڏينهن منظور ڪرائي نه سگهي، پر ماءُ جي وفات جي ٻن سالن کان پوءِ 1907ع کان هوءَ ان ڏينهن ”مائرن جي عالمي ڏينهن“ جي پڌرائيءَ يا منظوري ڪرائڻ لاءِ گهٽي سرگرم ٿي وئي. نيٺ 1911ع ۾ تنهن وقت جي آمريڪي صدر اهڙو اعلان ڪيو ته هر سال مئي مهيني جي ٻئي آچر تي ”مائرن جو عالمي ڏينهن“ ملهايو ويندو. ان سان گڏ هن ان ڏينهن تي موڪل جو اعلان پڻ ڪيو....

اسان جمون ٿا ته مختلف ماڻهن سان اسان جا ڪيئي رشتا نهي پون ٿا: ڪو پيءُ، ڪا ماءُ، ڪو ڀاءُ ته ڪا ڀيڻ، ڪو چاچو ته ڪو مامو، ڪو سوٽ ته ڪا ماساتِ ۽ ٻيا ڪيئي انيڪ رشتا. پر ڏسبو ته انهن سڀني رشتن مان جيڪو رشتو سڀ کان ويجهو، مٺڙو ۽ پيارو هجي ٿو، سو ماءُ جو رشتو ٿئي ٿو. ماءُ جي رشتي جهڙو ٻيو ڪو رشتو آهي ئي نه. ڇو ته اها ماءُ ئي آهي جيڪا تڪليفون سهي اسان کي پنهنجي پيٽ ۾ سانڍي ۽ سنڀالي ٿي ۽ وڏيءَ پيڙا سان اسان کي هن دنيا ۾ آڻي ٿي. جيڪڏهن ماءُ جهڙي هستي نه هجي ته اهو پيدائش جو عمل ڪيئن ٿئي! ان ڪري ئي ماءُ کي تخليقڪار جي به حيثيت حاصل آهي. سنڌ جي نالي واري هڪ شخصيت ماهتاب اڪبر راشدي به آهي. ”مائرن جي عالمي ڏينهن“ جي حوالي سان سندس چوڻ آهي: ”هر ملڪ، پوءِ اهو کهڙي به رنگ، نسل ۽ مذهب سان واسطو رکندڙ هجي، اهو هن ڏينهن کي ڪڏهن به مِس نه ڪندو، ڇو ته ماءُ تخليقڪار آهي. خدا تعالىٰ جيڪي به رشتا خلقيا آهن، انهن ۾ هيءُ بي غرض رشتو آهي. اسان کي صرف هيءُ ڏهاڙو ملهائڻ نه گهرجي، پر ماءُ جي رشتي کي سمجهڻ به گهرجي. ماءُ کي صرف ’ آءِ لَوُ يو‘ چوڻ سان ان جو حق ادا نه ٿو ٿئي، پر ان کان پيرن تي هٿ رکي دعا به وٺڻ گهرجي.“

سائين منهنجا! ماءُ دعائن جو در هوندي آهي، جتان اولاد لاءِ سدائين پيون دعائون ٻُرنديون آهن، پوءِ ڀلي ته اها اولاد سٺريل هجي يا اڻ سٺريل. ماءُ جي دل اهو ناهي ڏسندي، ته پٽ يا ڌيءَ ڪيئن آهي، اها ته هر لمحي، هر پل پنهنجي اولاد جو ڀلو چاهيندي آهي....

اهو ماڻهو خوش نصيب آهي جنهن جي ماءُ حال حيات آهي، ۽ اهو ماڻهو هڪ وڏي نعمت کان محروم آهي جنهن کان ماءُ وڇڙي وئي آهي يا جنهن ماءُ کي وساري ڇڏيو آهي، ۽ اهو ماڻهو ته تهائين بدنصيب ۽ انتهائي نفرت لائق آهي جنهن پنهنجيءَ ماءُ کي تڪليف ڏني آهي، ڪيس ڪو هڪڙو به اهنج رسايو آهي يا نظر انداز ڪيو آهي. جڏهن اسان جي ماءُ اسان کي نظر انداز نه ٿي ڪري، ته اسان ڪيئن ٿا اهڙو ڪڌو

ڪم ڪري سگھون! جيڪڏھن اسان ڪان اھڙي ڪا خطا ٿي آھي، تہ اسان کي گھرجي تہ بنا دير پنھنجيءَ امڙ جي پيرن ۾ ويھي، سندس منڙا ھٿ پنھنجن ھٿن ۾ جھلي، ڪائنس پلي تہ معافي نہ بہ وٺون، رڳو ڪيس اھو چئون تہ تون منھنجي جيجل آھين، جنھن مون کي جيئاپو ڏنو آھي، پنھنجي چاتيءَ سان لاتو آھي، آب حيات جھڙي ٿڃ پياري آھي، مان تنھنجي ئي ڪري اڄ موجود آھيان، مون کي پنھنجي جھوليءَ ۾ پناھہ ڏي.... اوھان يقين ڪيو تہ ماءُ اوھان کي ڀُل بہ نہ چوندي ۽ اوھان کي پنھنجيءَ ھنج ۾ سُڪون سان سمھاري، وري بہ اوھان لاءِ دعائون گھرندي. ھن ڪان اھو سچو ڏِنگو ورتاءُ وسري ويندو جيڪو اوھان ساڻس رکيو ھوندو....

سنڌ جي نالي واري ليکڪ سلطانہ وقاصيءَ جو چوڻ آھي: ”اولاد لاءِ اھو چوڻس تہ پنھنجي ماءُ جو خاص خيال رکن. جيڪڏھن اوھان ھِن جھان ۽ اڳئين جھان ۾ ڪاميابي چاھيو ٿا تہ ماءُ سان محبت ڪريو، سندس خدمت ڪريو، تہ جنت جي چابي اوھان وٽ ئي رھندي.“

ھونءَ بہ جنت ماءُ جي قدمن ۾ آھي. ان جو مقصد ۽ مطلب آھو ئي آھي تہ ماءُ جي پيرن ڪان مٿاھان نہ ٿيو، ان اڳيان نوڙت سان پيش اچو ۽ سندس خدمت ڪريو. جنھن جي دل ۾ ماءُ جي جڳھہ آھي، جڻ ان جي دل ۾ ڪائنات جي اتم ۽ مھان ھستيءَ جي جڳھہ آھي، جنھن ۾ صرف ۽ صرف پيار پريل آھي.

”مائرن جي عالمي ڏينھن“ جي نسبت سان امڙ، جيجل بابت چوند چوڻيون، منتخب قول ۽ ڪجھہ ڏاھپ پريون ڳالھيون:

* پڙھيل لکيل استاد اڻ پڙھيل مائرن جا شاگرد رھي چڪا آھن.
* مائرن جي آڏو اظھار دانش نہ ڪندا ڪيو. مائرون دانش تسليم نہ ڪنديون آھن. اھي سادگيءَ تي مسڪرائي ڏينديون آھن.
* مائرن جي جھوليءَ ۾ معصوم ٻارن واريون تصويرون ھر چوڪ تي ھنيون وڃن تہ ڪو گمراھہ نہ ٿيندو.
* جيڪڏھن مائرون نہ ھجن تہ انسان جو وجود چند سالن ۾ ختم ٿي وڃي.
* دنيا جي بھترين شيءِ ماءُ ۽ صرف ماءُ آھي.
* ماءُ جو غصو فرضي ھوندو آھي.
* عورت جو حسين ترين روپ ماءُ آھي.
* ماءُ اھا ھستي آھي، جنھن جي دامن ۾ ڪندا بہ ڪِرن تہ گل ٿي پون.
* ماءُ جي جھولي انسان جو پھريون اسڪول آھي.
* ماءُ خوشبوءِ جو اھڙو گل آ، جيڪو ڪڏھن بہ مرجھائجي نہ ٿو.
* ماءُ جي خوشبو گل جيان آھي، جنھن سان گھر ٻھڪندو رھي ٿو.
* ماءُ جي لولي منو ۽ افضل گيت آھي.

مائرن جي عالمي ڏينهن جي لحاظ کان ڪيئي ايس ايم ايس پڻ آيا اٿم. انهن ميسيجن ۾ پڻ ماءُ جي عظمت ۽ محبت بيان ڪيل آهي:
* مشهور ڪهاڻيڪار وفا اسلم شيخ ميسيج ڪيو:
”ايڪ دِن زندگي ني مجھ سي سوال ڪيا، تم اپنِي مان ڪا ساٿ ڪب تڪ چاهتي هو؟“
”مين ني ايڪ آنسو سمندر ۾ گرا ديا اور ڪها جب تڪ تم اس ڪو ڍونڊ نہ لو.“
اس پر سمندر پي رو پڙا، اور ڪها: ڪاش ميري ڀي مان هوتِي.
* نالي واري شاعر ساجد سنڌيءَ سهڻو شعر لکي موڪليو:
”لوگ مسجدون ۾ جنت تلاش ڪرتي هين غالب!
فرصت اتنِي نهين هوتِي ڪہ قدم مان ڪي چوم لين.........
* سائنس جي هڪ شاگرد آفتاب چانڊيي شعر لکي موڪليو تہ
جب ڀي ميري دل ڪِي مسجد ۾ تيري ياهون ڪِي آذان هوتِي هي اي مان!
مين اپني ئي آنسئون سي وضو ڪرڪي تيري جِيني ڪِي دعا ڪرتا هون.
***

(سرجيل: 8 مئي 2011ع)

# ”جي تو وٽ ڪوئِي گيت نہ آ“

ماڻهن جي مزاجن جا تہ انيڪ قسم آهن پر انهن مان هِڪڙا ماڻهو خاموش طبع هوندا آهن، جيڪي عام طور ماٺ رهڻ پسند ڪندا آهن. اُهي يا تہ پنهنجيءَ سوچ ويچار ۾ رهندا آهن يا وري ماٺ ذريعي پاڻ کي پُرسڪون رکندا آهن. انهن ماڻهن جي دنيا ئي ڌار هوندي آهي، جنهن ۾ هو پاڻ سان يا پنهنجي اندر ۾ موجود هستيءَ سان مگن هوندا آهن. اهڙن ماڻهن کان ٻيا ماڻهو عام طور بيزار نہ ٿيندا آهن، ڇاڪاڻ تہ ماٺ رهندڙ ماڻهن جي زبان کان ٻيا ماڻهو بچيل رهندا آهن، صرف اهي ئي انهن کان بيزاريءَ جو اظهار ڪندا آهن جيڪي يا تہ ڪچهرين جا ڪوڏيا هوندا آهن يا وري اهڙا لباڙي هوندا آهن.... چيو ويندو آهي تہ تلوار جي ڦَٽ مان تہ ماڻهو ڇُٽي ويندو آهي، پر زبان جو ڏنگيل سدائين سور سهندو رهندو آهي. ٻئي پاسي، تلوار جو ڦٽ جسم کي ۽ زبان جو ڏنگ روح کي گهائل ڪندو آهي، ان ڪري خاموش رهندڙن جي زبان جي ڏنگ کان بہ ماڻهو بچي سگهندو آهي.... ڏٺو وڃي تہ دنيا جي ڏاهن ۽ سياڻن ماڻهن اڪيلائيءَ ۽ تنهائيءَ کي بيحد پسند پئي ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ تنهائيءَ ۾ ڪين دنيا جهان ۽ ان جي اسرارن ۽ رمزن تي سوچڻ ويچارڻ جو موقعو ملندو آهي. ان ريت اهي نہ صرف ڪائنات جي اسرارن کي پنهنجي اندر جي سوجهري سان سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر زندگيءَ جي رمزن کي بہ پروڙڻ ۽ پرکڻ لڳندا آهن....

ٻيا ماڻهو وري ِگهڻ ڳالهائو هوندا آهن. انهن کي ڳالهائڻ کان سواءِ مزو ئي ناهي ايندو، پوءِ اهو ڳالهائڻ ڪم وارو هجي يا اجايو، ان مان ڪو مطلب نڪري يا نہ، اهي ڳالهائڻ ئي پسند ڪندا آهن. ڏسجي، تہ عام طور سندن ڳالهين ۾ اجايون ۽ فضول ڳالهيون ئي هونديون آهن، ڇو تہ اهڙن ماڻهن کي بس ڳالهائڻو ئي هوندو آهي، بنا ڪنهن ڪاما يا ُفل اسٽاپ جي. اهي نان اسٽاپ هوندا آهن.... ڪنهن ڏاهي جو ڪجهہ هن ريت چوڻ آهي تہ مان ڳالهائيندي، ڳالهہ جي خراب ٿيڻ کان ڊڄان تو.... ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ آهي، تہ ڳالهہ تہ ڪجهي، اها بہ ڪم جي، پر ان ۾ بہ اهو ُڪنڪو رهي، تہ متان ڳالهہ ۾ لفظن جو فرق ٿي وڃي ۽ مورڳو ئي ڳالهہ خراب ٿي پوي ۽ برائي پکيڙي! پر ڳالهائو ماڻهو، اِهو ڏسندا ئي ناهن، تہ ڳالهہ خراب ٿئي پئي يا نہ، انهن کي تہ بس پنهنجي وات ۾ زبان کي مروتا سروتا ڏيڻا هوندا آهن. اهي پاڻ کي ڪچهرين جا مور سمجهندا آهن، جڏهن تہ سندن لباڙ تي ڪو اياڻو ماڻهو ئي خوش ٿي سگهي ٿو. سياڻو تہ انهن کان پاسو ڪيون گذري ويندو آهي. ان ڪري واتوڙين کان بچڻ انتهائي ضروري آهي. انهن وٽ ويهڻ کي قيمتي وقت وڃائڻ ئي چئبو. انگريزيءَ ۾ چوڻي آهي: ”He who kills the time, he is a killer“ يعني جيڪو وقت وڃائي ٿو، اهو قاتل آهي. ان ڪري وقت جو قدر ڪرڻ ضروري آهي. گذري ويندڙ وقت ڪنهن بہ

ورائي ناهي آندو، پوءِ اهو ڪيڏو نه بدتر ٿيندو ته اسان پنهنجو وقت واتوڙين ۽ بڪواس ڪندڙن وٽ ويهي وڃائي ڇڏيون ۽ هر لحاظ کان ڏوهي بڻجي پئون....

ٻئي طرف ڏسجي، ته صفا خاموش طبع هجڻ به سٺو ناهي ۽ نه ئي رڳو واتوڙي هجڻ يا گهڻ ڳالهائو هجڻ به ڪو چڱو آهي. وچين واٽ بهتر آهي، يعني نه ته ماڻهو ڳالهائي ئي نه، يا جنهن وقت ڳالهائڻ ضروري هجي، ته ان وقت به ماٺ رهي، ۽ نه ئي ماڻهو رڳو ڳالهائيندو رهي، پوءِ ڪو ٻڌي يا نه، يا ٻڌي ته وينو بيزاريءَ مان نهاري ۽ مُنهن گهنجائي ۽ دل ۾ وينو گاريون ڏئي يا غلط سلط سوچي.... پاڻ سڳورن جو فرمان آهي: ”سچي ۽ مِٺي ڳالهه به صدقو آهي.“ ڏسجي ته اها ڳالهه ڀنهي فردن سان لڳي ٿي، يعني خاموش طبع ماڻهو مڙيوئي گهٽ ڳالهائيندو، ان ڪري سچي ۽ مِٺي ڳالهه به گهٽ ڪندو، جڏهن ته گهڻ ڳالهائوءَ کي اها خبر ئي نه پوندي ته هو سچ ٿو ڳالهائي يا ڪُچ ۽ مِٺو ٿو ڳالهائي يا ڪڙو.... حضرت علي عليه سلام جن جو قول مبارڪ آهي ته ”جهالت سان ڳالهائڻ ۾ ڪا ڀلائي نه آهي، حڪمت سان ڳالهائڻ ۾ ڀلائي آهي.“ ٻئي هنڌ پاڻ چيو اٿن: ”توهان جون ڳالهيون توهان جي عمل کان وڌيڪ نه هجن.“ وڌيڪ چون ٿا: ”سٺو ڳالهايو، جيئن اوهان جي سڃاڻپ ٿي سگهي، ڇو ته انسان پنهنجيءَ زبان هيٺان لڪل آهي“.... ٻئي ڪنهن مفڪر جو چوڻ آهي: ”خبردار، تنهنجي زبان، تنهنجي خيال کان اڳتي نه هلي وڃي.“

هي سڀ چڱائيءَ ڀريون ڳالهيون، جنهن طرح اسان کي ٻڌائن ٿيون، ته حد کان وڌ ڳالهائڻ اجايو آهي، ماڻهوءَ کي گهرجي ته هو سٺيون ڳالهيون ڪري، پر اهي عمل کان وڌي لباڙ ۾ شامل نه ٿين. جيڪڏهن لباڙ ۾ ڳالهه شامل ٿي وئي ته ان کي جهالت کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو سڏي سگهجي....

سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز ڪيڏو نه چڱو چيو آهي ته:

ايڏي ڇُپ اپار
چڱي ته ناهي يار!

جي تو وٽ ڪوئي گيت نه آ،
ڪا جيءَ منجهان جهونگار.

ايڏي ڇپ چڱي ته نه آهي!
ٻُڌ جهڻ، ڪا پٽڪار!

زنجيرن لئه زور نه آ هُو جي،
ڪا جهيڻي جهڻڪار!

ڪاري رات ابد تائين آ،
اوندهِ تارون تار.

پوءِ بہ ٿي ڪا جيءَ جھروڪا،
لُڏ ۽ لڏ منجھ لغار!

پوءِ بہ ڏئي ڪا واءُ وراڪا،
ڪونجڙين ڪٽڪار!

چڱي تہ ناهي يار!
ايڏي ڇپ اپار.

***

(سرجيل: 22 مئي 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 16 آڪٽوبر 2011ع)

# تون ئي آهين، جنهن سان مان آهيان

سنڌ ڌرتيءَ جي مشهور عوامي شاعر استاد بخاريءَ جو هڪ خوبصورت شعر آهي:

گلن جي گلستان تائين نہ پهتاسين،
محبت جي ميدان تائين نہ پهتاسين.
ڏِس، ماڻهو چنڊ تي وڃي پهتا ”بخاري“،
مگر اسين هڪ انسان تائين نہ پهتاسين.

استاد بخاريءَ هنن چئن سٽن ۾ ڪيڏي نہ ڌيان ڇڪائيندڙ ڳالهہ بيان ڪئي آهي! هُو زندگيءَ جي ٻن حقيقتن بابت اسان کي ٻڌائي ٿو، جيڪي انتهائي اهم آهن. ڏسجي، تہ هڪ طرف ماڻهو پولار ۾ اڳتي پريهندي، چنڊ تي، ڪو وقت ٿيو جو وڃي پهتو، اتان جي مٽيءَ کي پنهنجن پيرن هيٺ آڻي ۽ سنڌس سُونهن کي پسي ڇِڪو، ۽ اڳتي وڌندي مريخ ۽ ٻين سيارن سميت آسمان کي سر ڪري رهيو آهي.... هُو اوچي کان اُوچو ۽ مٿانهينءَ کان مٿاهون ٿِي رهيو آهي ۽ جيئن پوءِ تيئن فلڪ ۾ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ نين دنيائن جي تلاش ڪري رهيو آهي، نوان ستارا ۽ سيارا ڳولي رهيو آهي ۽ بليڪ هولن جي هولناڪين کي پرکي ۽ پروڙي رهيو آهي.... پر ٻئي طرف، جيڪي شيون سنڌس ويجهو آهن، جن کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي، جن کان سواءِ انسان جو گذارو ڪرڻ چڱ تہ ناممڪن آهي، تن کان پرانهون ٿي رهيو آهي. هُو پاڻ جهڙي ئي ٻئي ماڻهوءَ کان پرتي ٿِي ويو آهي، ڪائنس محبت جو ميدان ڇڏائجي ويو آهي ۽ هُو گلن ۽ خوشبوئن کان پريرو ٿي رهيو آهي. اهي شيون جيڪي سنڌس جياپي کي خوبصورت بڻائن ٿيون، جن وسيلي هُو سماج ناهي، ان ۾ ميٺ محبت سان رهي سگهيو آهي، تن کان ڇڄي رهيو آهي.... اهو هڪ الميو، هڪ ڏک جي گهڙي آهي، جيڪا انسان جي زندگيءَ ۾ هلي آئي آهي. ان المئي کان، اسان جو بهترين شاعر استاد بخاري اسان کي آگاهہ ڪري ٿو ۽ چتاءُ ٿو ڏئي تہ سائنسي ترقيون تہ هڪ پاسي ٿِي رهيون آهي، پر هڪ انسان جو، هڪ ماڻهوءَ جو، ٻئي ماڻهوءَ تائين پهچڻ انتهائي لازمي آهي يعني سنڌس من ۾ جڳهہ بڻائڻ بي انتها ضروري آهي، ان کان سواءِ ماڻهو اڻپورو آهي ۽ هُو اڻپورو ئي رهندو جيڪڏهن ماڻهوءَ جي دل ۾ محبت جو جذبو مؤجزن نہ ڪندو....

محبت بابت گهڻو ئي ڳالهايو، لکيو ۽ سوچيو ويچاريو ويو آهي، تڏهن بہ محبت بابت سدائين نئين کان نوان جذبا ۽ احساس ماڻهوءَ جي من ۾ ڪر موڙيندا رهيا آهن. عام احساس هيٺ محبت بہ عام جذبو هوندي آهي، پر خاص احساس هيٺ، جڏهن

ماڻهوءَ جي اندر جي ڪائنات جاڳڻ لڳندي آهي، جڏهن ان سڄاڳيءَ ۾ خمار به هوندو آهي ته قرار ۽ انتظار به هوندو آهي، تڏهن محبت خاص جذبو بڻجي پوندي آهي.... ان لمحي محبت جي معنيٰ ڪا هڪ مخصوص ۽ سادي معنيٰ ناهي هوندي، جيڪا ڊڪشنريءَ ۾ لکيل هجي يا جنهن جو ذڪر محبت تي لکيل ڪتابن ۾ سولائيءَ سان ملي وڃي، پر ان محبت جي وسعت هن وشال سنسار وانگر وسيع ٿي ويندي آهي....

اهڙي لمحي محبت جو اظهار ڪڏهن احساس ڪندا آهن، ته ڪڏهن وري گيتن ۾ سمايل لفظ، ڪڏهن اظهار سنئون سڌو، سادو ۽ صاف لفظن ۾ هوندو آهي ته ”منهنجو توسان پيار آهي، مان تو سان ئي پيار ڪيان ٿو، ٻئي ڪنهن سان به نه، تون ئي اها هستي آهين جيڪا هن سڄيءَ ڪائنات ۾ وڏ ۾ وڏ مون ڪي پياري آهين، ٻي هر هستي تو بنا بي معنيٰ آهي، مون ڪي جيڪڏهن سو حياتيون هجن ته اهي به تو تان قربان ڪري ڇڏيان....“ ته ڪڏهن وري لفظ اظهارجي نه سگهجندا آهن، لفظن جي پلي پلي ۾ پلي چونڊ به اٿپوري محسوس ٿيندي آهي، اکر ڳُلندا ئي نه آهن ۽ دل ئي دل ۾ منڙي محبتي ماڻهوءَ کي چئي سگهبو آهي ته تون ئي آهين جنهن سان مان آهيان، تون ناهين ته مان ناهيان....

***

ويجهڙ ۾ هڪڙي سني آکاڻي پڙهڻ جو موقعو مليو، جنهن ۾ ڪجهه دلچسپ سوال ۽ جواب هئا، جيڪي چاهيان ٿو ته اوهان سان ونڊيان. ان آکاڻي جا ڪردار بادشاهه، وزير ۽ ٻڪرار هئا، جن مان بادشاهه وٽ سوال، وزير وٽ عام جواب ۽ ٻڪرار جي جوابي ڳالهين ۾ وڏي ڏاهپ لڪل هئي.... بادشاهه هڪڙو سوال پڇيو ته“ روشني ڪهڙي سني؟“ جنهن تي وزير وراڻيو ته ”چنڊ جي!“ پر سياڻي ٻڪرار چيو ته ”روشني سني اکين جي نُور جي، جيڪڏهن نور نه هوندو ته چنڊ به ڏسڻ ۾ ڪو نه ايندو“..... وري بادشاهه ٻيو سوال پڇيو ته ”ميون ۾ ميوو ڪهڙو مِٺو؟“ جنهن تي وزير وراڻيو ته ”سپني ميون ۾ مٺو انب“. تنهن تي ٻڪرار چيو ته ” ميون ۾ ميوو مِٺو َاِن، جيڪڏهن اِن نه هوندو ته ڪهڙو به مٺو ميوو کائبو، ته به پيٽ ڪو نه ڀربو“.... وري بادشاهه پڇيو ته ”آواز ڪهڙو سٺو؟“ تنهن تي وزير وراڻيو ته ”آواز سني ۾ سٺو بلبل جو!“ پر سياڻي ٻڪرار چيو ته ” آواز سني ۾ سٺو جنڊ جو، جو ته جنڊ هلي ته پيٽ ٻُڪئي ڪي آسرو ٿئي، ان وقت جنڊ جي آواز اڳيان بلبل جو سريلي کان سريلو گيت به ڦڪو ٿيو پوي“....

انهن لوڪ آکاڻين ۾ ڏسجي، ته ڏاهپ جون اهڙيون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايل آهن جيڪي اسان جي زندگيءَ کي سنئين ڏگ تي لائڻ لاءِ ڏاڍيون ڪارگر آهن، ضرورت صرف انهن مان مستفيض ٿيڻ جي آهي....ٻي ڳالهه جيڪا هنن لوڪ آکاڻين مان پڌري ٿئي ٿي، ته بادشاهن جا وزير ۽ مشير عام طور ايڏا سياڻا ناهن هوندا، چاڪاڻ ته سندن زندگيءَ جا تجربا عام ماڻهن جي تجربن، تڪليفن ۽ پيڙائن کان پري هوندا

آهن، ان جي پيٽ ۾ ريڍارن، ٻڪرارن، ميهارن، هارين ۽ عام ماڻهن جا تجربا زندگيءَ جي ڪڙين حقيقتن ۽ سچائين سان پرپور هوندا آهن، ان ڪري وٽن لوڪ ڏاهپ به پرپور هوندي آهي جيڪا سچ سان سلهاڙيل هوندي آهي....

***

اوهان کي ٻڌائيندو هلان، ته 29 مئي تي "گڏيل قومن جي امن قائم رکندڙن (Peacekeepers) جو بين الاقوامي ڏينهن" ملهايو ويندو آهي. گڏيل قومن يعني يونائيٽيڊ نيشنس جو ادارو، دنيا جو هڪ اهم ادارو آهي، جنهن جو پاڪستان به ميمبر آهي.... گڏيل قومن جا ڪيئي ذيلي ادارا پڻ آهن، جهڙوڪ يونيسيف، ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن، يونيسڪو، يُو اين اينوائرونمينٽ پروگرام وغيره. اهي سيئي ادارا مختلف موقعن ۽ واقعن يا اهميتن جي لحاظ کان سڄو سال ڪيئي ڏينهن ملهائيندا آهن، ته جيئن انهن ڏينهن تي اهڙين شين ۽ واقعن جي اهميت اجاگر ڪري سگهجي.... 29 مئي تي "گڏيل قومن جي امن قائم رکندڙن" جو ڏينهن ملهائڻ جا ٻه مقصد آهن: نمبر هڪ ته امن قائم ڪرائڻ دوران جن ماڻهن پنهنجيون حياتيون قربان ڪيون آهن تن جي يادگيريءَ ۾ مجتا ڪجي، ۽ نمبر ٻيو، ته انهن سيني مردن ۽ عورتن کي شاباس ڏجي جن گڏيل قومن جي امن قائم رکندڙ آپريشنن ۾ پنهنجون خدمتون پوريءَ ارپنا، ڪم جي قابليت ۽ بهادريءَ سان سرانجام ڏنيون آهن يا ڏئي رهيا آهن....

يقيناً هيءُ هڪ عظيم مقصد آهي ته دنيا ۾ امن قائم ڪرائجي. مختلف ملڪن جي اتحادن سان اڳي به اهڙي قسمن جا ادارا ٺهندا رهيا آهن، پر گڏيل قومن جو ادارو هڪ اهم ادارو آهي، جيڪو ٻي عالمي جنگ کان پوءِ قائم ٿيو ۽ اجا تائين فعاليت سان ڪم ڪري رهيو آهي.... پر افسوس آهي ته ان اهم اداري تي به ڪجهه ملڪن جي حاڪميت قائم آهي، خاص ڪري هڪ سپر پاور ملڪ آمريڪا، گڏيل قومن تي ڇانيل آهي، جيڪو ان اداري جي هڪ ٻئي اداري سلامتي ڪائونسل کي به پنهنجن مقصدن لاءِ متاثر ڪري رهيو آهي.... بهرحال، اهي وڏا بحث آهن جيڪي اسان هتي ڪو نه ٿا ڪيون، مقصد صرف بين الاقوامي ڏينهن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ هو....

29 مئي تي ٿيل اهم واقعن مان ڪجهه چونڊ واقعا، اوهان جي ڄاڻ خاطر، پيش ڪريان ٿو:

* 29 مئي 1886ع تي، ڪيميادان جان پيمبرٽن ڪوڪا ڪولا جي پهرين ايڊورٽائيزمينٽ ڇپرائي جيڪا ائٽلانٽا جنرل ۾ ڇپي.

* 29 مئي 1919ع تي، دنيا جي مڃيل سائنسدان البرٽ آئنسٽائن جي پيش ڪيل نظريي "عام نسبتي نظريي" جي ڇڪاس ڪئي وئي، جيڪا پوءِ درست ثابت ٿي.

* 29 مئي 1973ع تي، ٽام براڊلي آمريڪي رياست ڪيليفورنيا جي شهر لاس اينجلس جو پهريون سياهه فام ميئر منتخب ٿيو.

* 29 مئي 1990ع تي، بورس يلتسن کي روسي پارليامينٽ صدر طور چونڊيو.
* 29 مئي 1999ع تي، خلائي شٽل ڊسڪوري بين الاقوامي اسٽيشن سان پهريون ڀيرو ڳنڍيو ۾ آئي.

ان کان سواءِ 29 مئي تي جيڪي هستيون پيدا ٿيون، تن ۾ حسابن جو ماهر انگريز سائنسدان همفري ڊٽن 1675ع ۾، فلڪي علمن جو جرمن ماهر جان هينرخ وان ميڊلر 1794ع ۾، آمريڪا جو پنجٽيهون صدر جان ايف ڪينيڊي 1917ع ۾، اڳوڻو پاڪستاني صدر مرحوم فاروق لغاري 1940ع ۾ شامل آهن.... جڏهن ته جيڪي هستيون 29 مئي جي تاريخ تي وڇڙي ويون، تن ۾ انگريز ڪيميادان همفري ڊيوي 1829ع ۾ ۽ نوبل انعام ڪٽنڊڙ اسپيني ليکڪ جان ريمن جمينيز 1985ع ۾، شامل آهن.

***

(سرجيل: 29 مئي 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 23 آڪٽوبر 2011ع)

# محبوب بنا وقت ڪا حيثيت نہ ٿو رکي

تاڙيان تند نہ ٻڪري، جيءُ نہ منهنجو جاءِ،
ساجن ڏاران سرتيون، سڀ ئي مون نہ سُهاءِ،
جِيڻ ڪين جڳاءِ، آيَل ٻاروچن ري.

اسان پنهنجي وقت کي ٽن مرحلن ۾ ورهائي پنهنجي زندگي گذاريندا آهيون. اهي ٽي مرحلا ماضي، حال ۽ مستقبل آهن. ماضي، جنهن ۾ اسان جي گذريل زندگيءَ جو سمورو تفصيل سمايل آهي. حال، جنهن ۾ اسان جي ڏهاڙيءَ جي سرگرمي تي رهي آهي ۽ مستقبل، جيڪو اڻ ڏِٺو ۽ اڻ ٻُڌو آهي.... اسان جي گذريل زندگيءَ يعني اسان جي ماضيءَ ۾ اسان جي ڏهاڙيءَ جي سرگرمين يعني اسان جي حال ذريعي مسلسل واڌارو ٿيندو رهي ٿو ۽ اسان جي حال کي وري مستقبل ملندو رهي ٿو. ان ريت ماضيءَ سان حال ۽ حال سان مستقبل جڙيل آهن. هڪ لمحو گذريو تہ ماضي آ، هڪ لمحو گذري ٿو تہ حال آ ۽ هڪ لمحو ايندڙ آهي تہ مستقبل آهي.... تئي هڪ ٻئي کان ڌار بہ آهن تہ هڪ ٻئي سان ڳنڍيل ۽ سلهاڙيل بہ آهن. هڪڙو ٻئي کان ۽ ٻيو ٽئين کان ڌار رهي پنهنجو وجود برقرار رکي نہ ٿو سگهي، ٽئي ـــ ماضي، حال ۽ مستقبل ـــ هڪ ٻئي جو موت ۽ حيات آهن. ماضي حال کان سواءِ ڪُني ٿُتي پوندو، حال ماضيءَ کان سواءِ ٻي طرفو رهندو ۽ مستقبل کان سواءِ جياپو قائم رکي نہ سگهندو ۽ مستقبل وري حال (۽/يا ماضيءَ) کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو....

وقت جو سفر سدائين اڳتي کان اڳتي هلندو رهيو آهي، پر اهو دراصل مستقبل کان ماضيءَ ڏانهن هلندو رهيو آهي. ايئن ڪڏهن بہ ناهي ٿيو تہ وقت واپس موٽيو هجي يعني ماضي ٻيهر حال ۽ مستقبل بڻيو هجي. گذريل وقت ٻيهر ڪڏهن بہ ناهي وريو، اهو يادگيري بڻجي ويو آهي جيڪا ماضيءَ، حال ۽ مستقبل تي محيط آهي....

وقت سچ پچ بہ عجيب "شيءِ" آهي. ان کي "شيءِ" چئجي بہ يا نہ!؟ وقت جي سادي وصف ان ريت ئي ٻڌائي ويندي آهي تہ وقت ڪنهن بہ واقعي يا عمل جي شروع ۽ ختم ٿيڻ واري وِٿي آهي.... وقت کي اسان صدين، سالن، مهينن، هفتن ۽ ڏينهن، يا ڪلاڪن، منٽن ۽ سيڪنڊن ۾ تہ ورهائي ڇڏيو آهي، پر ڏسجي تہ اصل ۾ وقت اسان کي ورهائي ڇڏيو آهي ۽ اسان وقت جا قيدي بنجي ويا آهيون ۽ وقت کي پاڻ تي حاوي ڪري ڇڏي رهيا آهيون. جڏهن تہ زندگيءَ جو اصل مزو وقت کي پنهنجي وس ۾ بڻائي جيئڻ ۾ آهي. جن ماڻهن وقت جي واڳ موڙي آ، انهن ئي سوين ماڻهون آهن، نہ تہ وقت سڀ تي فتح ماڻيندو ويو آهي.

اسان جا احساس، اسان جا جذبا، اسان جا ڏما ۽ اسان جا ارمان، اسان جا سُک ۽ ڏک انهيءَ وقت کي، اجا بہ چئجي تہ وقت گذرڻ جي رفتار کي گهٽ ۽ وڌ ڪندا رهندا آهن. ايئن حقيقت ۾ تہ ناهي هوندو، پر وقت جي احساساتي ماپ ڪجھ اهڙا ئي انومان ڏيندي رهندي آهي. مثال طور ڪڏهن تہ خوشيءَ ۽ سرمستيءَ جي احساس ۽ ڏمن هيٺ وقت ايئن اڏامي ويندو آهي، جڻ پَرَ لڳل هجنس، تہ ڪڏهن وري ڏک ۽ تڪليف توڙي وڇوڙي جي مرحلن ۾ ايئن رڙهندو آهي جڻ ڄڻوءَ پير گذري رهيو هجي، اجا بہ بيهجي ويو هجي....

وقت کي روڪي وجهندڙ اهي احساس ۽ ارمان، جيڪي ڪيفيتن جا محتاج هوندا آهن، ڏاڍا انوکا هوندا آهن. انهن ڪيفيتن هيٺ ماڻهوءَ ماضيءَ، حال ۽ مستقبل يعني وقت کان اوپرو بڻجي پوندو آهي. وقت هن لاءِ بي معنیٰ بڻجي پوندو آهي. ان پَل وقت جي حيثيت ثانوي بڻجي ويندي آهي، ماڻهو وقت کي ڀانئيندو ئي ناهي. وقت موجود هوندي بہ، موجود ناهي هوندو، اهو موجود مان لاموجود بڻجي پوندو آهي. ماڻهوءَ لاءِ ان پل وقت جيڪڏهن هوندو آهي تہ اهو محبوب جي صورت ۾، ان جي روپ ۾ هوندو آهي. وقت محبوب کان بنا ڪا حيثيت ناهي رکندو، وقت جي هر حيثيت، ان جي هر اهميت محبوب سان لاڳاپيل هوندي آهي.

ساجهر جاڳي ننڊ مان، ورتم تنهنجو نانءُ،
منهنجو پنهنجو آنءُ، پيهي ويو پاتار ۾. (شيخ اياز)

محبوب بنا وقت جيڪڏهن گذري رهيو بہ هوندو، تہ اهو اوپرو اوپرو ۽ بيڏل هوندو، ان جي اسان جي من ۾، اسان جي دل ۾ ڪا واقفيت نہ هوندي. ها، جيڪڏهن دل جي ويران رڻ تي وقت ڪڪر جي صورت ۾ وسي رهيو آهي، تہ پوءِ بہ زبردست قسم جي شيءِ آهي، اها شيءِ جنهن سان اسان پيار بہ ڪري سگهون ٿا....

***

اسان جي ماضيءَ توڙي حال ۾ انيڪ ماڻهو شامل هوندا آهن، جن مان ڪن سان اسان جي زندگيءَ جا ڪي پل، ڪي ڏينهن، ڪي هفتا ۽ سال گڏ گذريل هوندا آهن، تہ ڪن ماڻهن سان وري اسان جي زندگي اجا گذرندڙ هوندي آهي، پوءِ اهي اسان جي اکين اڳيان هجن يا نہ. هِي جو شاهہ سائينءَ چيو آهي:

”ڪي ويجهہ هُئي ڏور، ڪي ڏور بہ اوڏا سپرين،
”ڪي چڙهن نہ چت تي، ڪي وسرن نہ مور،
” جيئن مينهن ڪنديءَ پور، تيئن دوست وراڪو دل سين.“

- تہ اهو ايئن ئي تہ نہ چيو آهي نہ! هونءَ بہ ڪي ماڻهو ويجهو صرف ان ڪري ئي هوندا آهن جو اهي اسان جي پرسان رهندڙ هوندا آهن يا جن سان اسان جي عام زندگيءَ جي اٿاويهيءَ ۾ ملاقات پئي ٿيندي رهندي آهي، پر اهي ماڻهو اصل ۾ اسان

جي ويجهو ناهن هوندا، چاڪاڻ ته اهي اسان جي دل جي ڌڙڪنن کان پري پري هوندا آهن..... ان جي پيٺ ۾ ڪي ماڻهو، ڪي دل گهريا دوست، ڪي محبتي ماڻهو، ڪي سِڪ وارا سڄڻ، ڪي سونهن پريا سُپتيا ماڻهو جيڪي اسان کان پري رهندڙ هوندا آهن، پر اهي پنهنجي ورتاءَ، پنهنجي پيار، پنهنجي ملنساريءَ، پنهنجي محبت سبب اسان کي ويجها هوندا آهن.... اهي ماڻهو اسان کان ڪڏهن به وسري نه سگهندا آهن، جو ته اهي اسان جي زندگي هوندا آهن، انهن کان سواءِ اسان جي حياتيءَ جا ساهه اڻپورا ڪجندا آهن. اهي منڙا محبوب ماڻهو، پرين پيارا ئي اصل ۾ اسان جي وقت جي ڪٿ هوندا آهن. جيڪڏهن اهي نه هجن ته اسان جو وقت اڻ مُلهيو ٿي پوي، ان جي حيثيت هڪ ردي شيءِ واري بڻجي وڃي....

***

اردو ٻوليءَ جي نالي واري شاعر، اديب ۽ انيڪ فلمون پروڊيوس ڪرڻ سوڌو مرزا غالب جي حياتيءَ تي شاهڪار ڊرامو لکندڙ گلزار صاحب جو هڪ خوبصورت نظم هن ريت آهي:

"يہ راهہ بهت آسان نهين
"جس راهہ پہ هاٿ ڇڙا کر تم
" يُون َتن تنها چل نکلِي هو!
"اس خوف سي شايد، راهہ ڀٽڪ جائو نہ کهين
"هر موڙ پہ مين ني نظم ڪڙي کر رکِي هي!
"ٿڪ جائو اگر
"اور تم کو ضرورت پڙجائي
"اِڪ نظم کِي انگلِي ٿام کي واپس آ جانا!"

يقيناً اوهان کي هيءُ نظم بيحد پسند آيو هوندو! هڪ شاعر ڀلا پنهنجي دلبر ساٿيءَ کي ٻيو ڪهڙو ساٿ ڏئي سگهي ٿو! هن جا نظم، هن جا غزل، بيت، گيت ۽ وايون منڙي محبوب جي لاءِ ئي ته هوندا آهن.... هن نظم ۾ گلزار پنهنجن سمورن نظمن کي هڪ واضح ڪارج ڏنو آهي، ته جنهن ڀلي ته انهن نظمن مان ڪنهن هڪ نظم جِي ٻه جيڪڏهن سندس پياري پرينءَ کي ضرورت پوي ته اهو سندس ساٿ ڏيڻ، ڪيس پاڻ تائين موٽائي وٺي اچڻ لاءِ موجود هجي، اهو ئي سندس نظمن جو مقصد آهي.... گلزار صاحب جي غزلن مان ڪي چوند شعر:

ڦولون کِي طرح لب کول کبهي،
خوشبو کِي زبان ۾ بول کبهي.

بتائين کيا، وہ آفتاب تا کوئِي،
گيا تو آسمان ساٿ لي گيا.

وو بي پناھ پيار ڪرتا تا مجھي،
گيا تو ميري جان ساٿ لي گيا.

روان هين ڦڙ پي ڙڪي هين وهين پي صديون سي،
بـڙي اداس لـگـي جب پـــي آبـشـــار ڏِڪـــي.
ڪيـي تو چونڪ ڪي ديکي ڪوئي هماري طرف،
ڪسِـي ڪِي آنک ۾ هـم ڪـو پـي انتظار ڏِکي.

***

اڄ 5 جُون تي، سڄيءَ دنيا ۾ ”ماحول جو عالمي ڏينهن“ ملهايو پيو وڃي. هن ڏينهن جا هر سال مختلف موضوع مقرر ڪيا ويندا آهن. سال 2011ع ۾ ان جو موضوع ”فاريسٽ، نيچر ائٽ يوئر سروِس“ آهي.... ”ماحول جو عالمي ڏينهن“ ملهائڻ جي شروعات 1972ع کان ٿي. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اسان جي قدرتي ماحول کي درپيش خطرن کان سڄيءَ دنيا جي حڪومتن ۽ عوام کي آگاھ ڪرڻ آهي، تہ جيئن اهو قدرتي ماحول جنهن ۾ اسان ساھ کڻي جي رهيا آهيون ۽ جنهن سان اسان جون زندگيون قائم ۽ دائم آهن، تنهن کي صاف سٿرو رکي سگهجي ۽ ان کي درپيش خطرن کان بچڻ لاءِ جوڳا اپاءَ وٺي سگهجن....
گلوبل وارمنگ يعني عالمي تپش اهڙو عالمي مسئلو آهي، جنهن کان سڄيءَ دنيا جا سڄاڻ انسان ڊنل آهن ۽ چاهن ٿا تہ ڌرتيءَ جو گرمي پد جنهن تيزيءَ سان مختلف ڪارڻن جي ڪري وڌي رهيو آهي، تنهن تي ضابطو رکجي، تہ جيئن انسانذات ۽ ٻين سمورن جاندارن جي زندگين کي لاحق خطرن کان بچي سگهجي....

اسان جي ماحول ۾ جيڪا گدلاڻ مختلف طريقن سان پکيڙجي رهي آهي، تن ۾ خاص طور آواز جي گدلاڻ، پاڻيءَ جي گدلاڻ، ماحول جي گدلاڻ وغيره شامل آهن. اسان جو سنڌ صوبو ۽ سنڌو درياءُ پڻ ماحولي گدلاڻ کي منهن ڏئي رهيا آهن. سنڌ جي مختلف شهرن، خاص ڪري ڪراچيءَ، حيدرآباد ۽ سکر ۾ موجود سوين صنعتي يونٽ وڏي صنعتي گدلاڻ پکيڙي رهيا آهن، خاص ڪري انهن صنعتن مان نڪرندڙ فضلو ۽ گندو پاڻي سنڌو درياءَ ۽ سمنڊ کي سخت نقصان رسائي رهيو آهي. جڏهن تہ لاکڙا پاور هائوس ۽ ٻين پاور اسٽيشنن مان نڪرندڙ گندي ۽ زهريلي گئس ماحول کي سخت شيهو رسايو آهي. انهن حالتن ۾ تمام وڏي ضرورت آهي تہ اهڙا اپاءَ ورتا وڃن تہ جيئن سنڌو درياءَ ۾ گندي پاڻيءَ جو نيڪال نہ ٿئي ۽ فلٽر پلانٽن جو جار وڇايو وڃي، جن شين جي ري سائيڪلنگ ممڪن آهي، تن کي ٻيهر استعمال جوڳو بڻائجي، ٻيلن ۽ وڻن جي واڍيءَ کي روڪجي ۽ انهن کي وڌائجي ۽ آبي وسيلن جي حفاظت ڪجي....

***

5 جونِ عوامي شاعر گل حسن گوپانگ "شاد" جي وفات جي پڻ تاريخ آهي. هُو 1997ع ۾ اسان کان سدائين لاءِ وڇڙي ويو، پر سندس يادون اسان جي ذهنن ۾ اڄ بہ محفوظ آهن ۽ هو پنهنجن شعرن وسيلي جيڪي مختلف ڪتابن جي صورت ۾ ڇپيل بہ آهن، تہ فنڪارن جي آواز ۾ ڳايل بہ آهن، اسان سان محبتي ڳالهيون ونڊيندو رهندو آهي....

شاد صاحب پهرين جنوري 1933ع تي ضلعي قنبر شهدادڪوٽ جي تعلقي ميرو خان جي ڳوٺ ڪرم خان گوپانگ ۾ پيدا ٿيو. 1950ع ۾ هن سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيو ۽ پرائمري استاد طور پڙهائڻ لڳو. جتان 1989ع ۾ هن رٽائرمينٽ ورتي، جنهن کان پوءِ حڪمت شروع ڪيائين. شاد صاحب شاعريءَ جي شروعات 1946ع ۾ ڪئي. شاعريءَ ۾ سندس استاد مشهور شاعر دادن فقير ۽ نظام الدين "نظام" گوپانگ هئا. شاد صاحب 1984ع ۾ قنبر لڏي آيو. هُو سنڌي ادبي سنگت قنبر شاخ جو ميمبر پڻ رهيو ۽ "بزمِ طالب المولىٰ" سان لاڳاپيل ۽ "سنڌي اردو ادبي سنگت شهدادڪوٽ" جو صدر پڻ رهيو. شاد صاحب جي شاعريءَ جا جيڪي مجموعا ڇپيل آهن، تن ۾ "تحفہ عشق"، "شانِ پنجتن"، " ڪوثر جا ڦُڪ"، "ديوانِ شاد" ۽ "شانِ رسول" شامل آهن. شاد صاحب جي تمام گهڻي شاعري آڊيو ڪئسٽن ۾ پڻ ڳائي وئي. خاص ڪري استاد مڪڻي فقير 75 جي لڳ ڀڳ ڪئسٽن ۾ سندس ڪلام ڳايو ۽ ٻين فنڪارن ۾ قمر سومري، گلشن زنگيجي، فيروز گل، روبينہ حيدريءَ، گل حسن ميراڻيءَ، ممتاز لاشاريءَ، جلال چانڊيي ۽ برڪت علي گوپانگ سندس شاعريءَ کي ڳايو ۽ عام ڪيو.

شاد صاحب جو هڪ شعر هن ريت آهي:

منٺا منٺا ٻول ٻڌائڻ ڪو ڄاڻي،
ماڻڪ موتي لعل ورهائڻ ڪو ڄاڻي.
لُوڻ ڦِن تي ٻُرڪڻ ايندو سڀ ڪنهن کي،
زخمي دل جا زخم ڇٽائڻ ڪو ڄاڻي.

***

(سرجيل: 5 جُون 2011ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 30 آڪٽوبر 2011ع، عنوان " ڪي ڦُور بہ اوڏا سپرين")

# ميلاپ ڪان وڌ وڇوڙو آهي

تنهنجي آڌو ذرو بہ ناهيان سائين،
ٿُبڪڙي جيترو بہ ناهيان سائين.

تو ڪان ڪجھ پَرو پرو بہ ناهيان سائين،
اڻ ڏٺل اوپرو بہ ناهيان سائين.

معتبر مٿيرو بہ ناهيان سائين،
۽ صفا تَرو بہ ناهيان سائين.

تون ’مدهوش‘ ڪي جيترو سمجهين ٿو،
سچ پُڇين ايترو بہ ناهيان سائين. (احمد خان ’مدهوش‘)

***

اسان جون زندگيون انيڪ ماڻهن جي ساٿ ۽ سنگت ۾ گذرن پيون، پوءِ اسان ميڙن جي موجن ۾ هجون يا اڪيلائيءَ جو عذاب پوڳيندا هجون. اسان سان ڪي ماڻهو گڏ هوندي، تہ گڏ هوندا ئي آهن، پر ڪي ماڻهو پري هوندي بہ گڏ هوندا آهن ۽ انهن جي دُوري ڪا معنيٰ ناهي رکندِي، پر انهن سڀني ماڻهن جي سنگت ۽ ساٿ مان جنهن ماڻهوءَ جي ساٿ جو تمنائي ماڻهو رهندو آهي، اهو ڪا اهڙي شخصيت ئي هوندو آهي جنهن سان دل جو ناتو هوندو آهي، جنهن جو واسو من ۾ هوندو آهي ۽ جيڪو اکين کان اوجهل هجي يا نہ هجي، پر اهو اکڙين جي درين ۾ رهندڙ هوندو آهي. اهڙي وقت اها ئي دل جي خواهش هوندي آهي تہ اسان جو سڄڻ اسان جي اکڙين آڏو موجود هجي، اسان سندس اکڙين ۾ سمايل هجون، جڏهن تہ، هو تہ اسان جي اکڙين ۾ سمايل هوندو ئي آهي. اهڙي وقت نہ اسان کي پنهنجي سُڌ رهندي آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ٻئي جي خبر رهندي آهي، هيءَ ڪائنات ڄڻ تہ اسان ۽ پياري پرينءَ جي اکڙين ۾ سمائجي ويندي آهي، ان جون سڀ وسعتون، ان جون هڙ پکيڙون، ان جون ڪل ئي حد بنديون توڙي لاحد بنديون اکڙين جي ڪائنات جو حصو بڻجي وينديون آهن. هڪ اهڙيءَ دلرُبا ڪائنات جو حصو جيڪا حسناڪين سان پرپور ۽ زندگيءَ جي چاهتن سان سينگاريل ۽ سنواريل هوندي آهي....

***

مرڻا اڳي جي مُئا، مري ٿيا نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جِيا. (شاهہ)

ڪالهه رات ڪان ڏاڍي ڏک ڀري خبر سڄيءَ سنڌ جي ادبي فضا کي سوڳوار ڪري وئي آهي تہ سنڌ جو نالي وارو اديب، ناول نگار، ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طارق عالم ابڙو اسان ڪان سدائين لاءِ وڇڙي ويو. هُو بهترين مصور ۽ ڊرامہ نگار پڻ هو. هُو هڪڙو منفرد ۽ اهڙو اديب هو جنهن جي لکڻين ۾ اصليت جهلڪندي هئي. ان ڪري ئي سندس مشهوري ملڪ ۾ ۽ ملڪ کان ٻاهر پڻ هئي. هاڻ صرف سندس لکيل ڪتاب ئي آهن، جيڪي سندس ياد کي اسان جي من ۾ سدائين لاءِ روشن ۽ قائم دائم رکندا، ۽ ساڻس گذاريل وقت اسان جي ساروڻين جو يادگار حصو ٿِي رهندو.... طارق عالم جو لکيل يادگار ناول ”رهجي ويل منظر“ آهي جيڪو 1985ع ۾ ڀهريون ڀيرو ڇپيو ۽ نوجوان ٿهيءَ جو پسنديده ناول رهيو ۽ جنهن کي هنن شوق ۽ پيار منجهان پڙهيو، ۽ جنهن جا ڀوءِ ڪيئي ڇاپا ڇپرا ٿيا. جڏهن تہ سندس لنڊن جو لکيل سفرنامو ”لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ“ (1992ع) پڻ پنهنجي نرالي انداز ۽ منفرد مواد سبب ڏاڍو پسند ڪيو ويو. ان ڪان سواءِ سندس ڪهاڻين جا مجموعا ”سڄاڻپ جي ڳولا ۾“ (1998ع)، ”رات، سانت ۽ سوچون“ (1981ع) ۽ شاعريءَ جو مجموعو ”مورن اوچا ڳاٽ“ (1990ع) ڇپيل آهن....

طارق عالم جي شاعريءَ مان ڪجهه شعر اوهان جي خدمت ۾:

دل دروازو کول پيارا، ٺڪ ٺڪ ٿئي ٿِي،
دل تي هٿ ڌري ڏِس، ڪيڏي ڌڪ ڌڪ ٿئي ٿي.

منهنجو من ڀي آهي ڪائي ريل پراڻي،
ماضيءَ جي پٽڙين تي ڪيڏي ڇڪ ڇڪ ٿئي ٿي.

ماڻهوءَ ڪان گم ٿِي ويو پاڇو ماڻهوءَ جو،
ڪٿن تي الزام تراشي ناحق ٿئي ٿي.

دروازي کي کول، دريءَ مان ڏِس تہ سهي!
شايد ’سچل‘ بينو آهي، ’حق حق‘ ٿئي ٿي.

چنڊ جيان ٿا چمڪن منهنجي ڳوٺ مٿان،
روشن جن سان ٻنيون ٻارا ـ تنهنجا خط.

وڻ جي سيني ۾ دل ڌڙڪي مالهيءَ جي،
منهنجيءَ دل ۾ ڌڙڪن سارا تنهنجا خط.

ڪٿي ڪُٽي ٿي وڃي رات، ڪا خبر ناهي،
ڪٿي ُٺٽي ٿي وڃي بات، ڪا خبر ناهي.

اسين فقير، مسافر، محبتن جا سفير،
پڇو ٿا ڪهڙي اٿئون ذات، ڪا خبر ناهي.

دل تي هٿ ڏريندي آيس ياد پرين،
دردوڇوڙي تي ڪيڏو پڇتايو پئي.

شاعر، ڪوري ڪاڳر تي اتهاس لکي،
لفظن جو ناراض نسل پرچايو پئي.

طارق عالم قنبر جي نامور مصور ۽ قنبر شهر جي پهرئين فوٽوگرافر سائين محمد عالم ابڙي جي گهر ۾ 10 اپريل 1958ع تي قنبر ۾ پيدا ٿيو. 1960ع ۾ سندس ڪٽنب جام شوري لڏي ويو، جتي هن پرائمري تعليم 1965ع ۾ پرائمري اسڪول جام شوري، مئٽرڪ (پرائيويٽ) جامعه عربيه حيدرآباد، انٽر آرٽس سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد، بي اي (پرائيويٽ) 1988ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ايم اي (پرائيويٽ) 1993ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پاس ڪئي. هن پڙهڻ دوران سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيليفون اٽينڊنٽ ۽ سوشيالاجي ڊپارٽمينٽ ۾ سيمينار انچارج طور هڪ سال پڻ نوڪري ڪئي. 1989ع ۾ هو سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي ادبي رسالي ٽماهي ”مهراڻ“ جو سب ايڊيٽر مقرر ٿيو. هو سنڌي ادبي بورڊ جو ڪجهه وقت سيڪريٽري به رهيو. هن ايڊيٽر ماهوار ”گل ڦل“ طور پڻ ڪم ڪيو، جنهن ڪان پوءِ ڪيس ”مهراڻ“ جو ايڊيٽر مقرر ڪيو ويو هو. طارق عالم 1975ع ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو، جڏهن سندس پهريون نظم ”ماروئڙا“ رسالي ۾ ڇپيو. سندس پهرين ڪهاڻي ”پائلي“ 1978ع ۾ ڇپي، جنهن ڪان پوءِ هو مسلسل لکندو رهيو. طارق عالم جي ناول ”رهجي ويل منظر“ کي 1985ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ پاران سال جي بهترين ادب جو ايوارڊ ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن پاران نسيم کرل گولڊ ميڊل ڏنو ويو. سندس اڻ ڇپيل ڪتابن ۾ ”سار آهي ستل ڊائريءَ ۾“ (شاعري)، ”بي روپ چهري جي ڪهاڻي“ (ڪهاڻيون) ۽ ”مٽي“ (ناول) شامل آهن. طارق عالم پاڪستان ٽيلي ويزن لاءِ ڊراما (ٽيلي پلي) پڻ لکيا آهن. سندس لکيل پهريون ڊرامو ”چنڊ رهين تو دور“ 1979ع ۾ ٽيلي ڪاسٽ ٿيو، جيڪو سندس پنهنجي ئي هڪ ڪهاڻيءَ کي ڊراماٽائيز ڪيل هو. طارق عالم جا 25 کان وڌيڪ ڊراما نشر ٿي چڪا آهن. هن پنهنجي لکيل ڊرامي ۾ اداڪاري پڻ ڪئي جنهن جو نالو ”سچ لهڻ ڪان اڳ“ هو. جڏهن ته طارق عالم 1992ع ۾، روزاني عبرت حيدرآباد ۾ ، ڪالم/ڪهاڻي جي سري سان هفتيوار ڪالم پڻ لکيا. آرٽسٽڪ خاندان جو فرد هئڻ ناتي طارق عالم مصور پڻ هو. سندس فن پارن جي نمائش 2003ع ۾ سنڌالاجيءَ ۾ ٿي. فن مصوريءَ ۾ هن جو پين ورڪ ۽ آئل ورڪ ڪيل هو....

بهرحال، طارق عالم جي وفات جو اسان کي بيحد ڏک آهي. ان ڏک ۾ اسان اوهان کي به ڀاڱي ڀائيوار ڪريون ٿا. طارق عالم کي ايئن ٻڪين جي فيل ٿيڻ ۽ ساهه جي تڪليف سبب نه مرڻ گهربو هو، پر هُو هن ٻي حِس سماج جي ظلمتن، ناانصافين ۽ اڻ برابرين اڳيان هارجي ويو، اهو سماج جيڪو ڪٿي ته لک ٿو وڃائي ڇڏي ۽ ڪٿي ڪوڏي به سجائي نه ٿو ڪري....

***

اڄ ڄڻ ته تعزيت نامي جي ڪڙيون آهن، جيڪي اوهان سان ونڊيان پيو. هونءَ به زندگي سُک کان وڌيڪ ڏک ۽ سهولتن کان وڌيڪ تڪليف ڀري آهي. هتي ميلاپ کان وڌيڪ وڇوڙو آهي ۽ زندگيءَ کان ڏاڍو موت آهي....

هڪڙي ٻِي پڻ ڏک جي خبر آهي ته سڄيءَ دنيا ۽ خاص ڪري ننڍي کنڊ جو مشهور ۽ معروف مصور ايم.ايف حسين ڪجهه ڏينهن بيمار رهڻ کان پوءِ، لنڊن جي هڪ اسپتال ۾ تورا ڏينهن اڳ لاڏاڻو ڪري ويو. ڪيس پاڙيسري ملڪ ڀارت جو پڪاسو سڏيو ويندو هو ۽ ڪيس سڄيءَ دنيا ۾ مڃتا حاصل هئي.... ايم.ايف حسين جو پورو نالو مقبول فدا حسين هو ۽ 96 ورهين جو هو، پر هندو انتها پسند تنظيمن جي ڌمڪين سبب پنهنجيءَ زندگيءَ جا پڇاڙڪا ورهيه لنڊن ۾ جلاوطنيءَ ۾ گذاري رهيو هو. سندس صحت سٺي هئي، پر ڪجهه ڏينهن اڳ هو بيمار ٿي پيو هو، جڏهن ته سندس اوچتيءَ وفات جا ڪارڻ معلوم ٿِي ناهن سگهيا.... ايم.ايف حسين ڀارتي رياست مهاراشٽر جي هڪ غريب ڪٽنب ۾ پيدا ٿيو هو. هن مصوريءَ جي شروعات فلمي پوسٽر ناهڻ کان ڪئي، پر پنهنجين تخليقي صلاحيتن ۽ مصوريءَ سان لڳاءَ، مهارتن ۽ محنت سبب جلد ئي هُو مشهور ۽ مقبول ٿي ويو، تڏهن به سندس طبيعت انڪساريءَ واري رهي. سيئي ڄاڻو ماڻهو ان ڳالهه تي متفق آهن ته جديد هندستاني آرٽ کي دنيا جهان ۾ متعارف ڪرائيندڙ ايم.ايف حسين ئي آهي. ڪيس ڀارتي لوڪ گيتن، ديو مالائي آکاڻين، ثقافت سان پيار هو جنهن کي بهتر طور سمجهي سگهندو هو. هن کي اتان جو سڀ کان عظيم فنڪار مڃيو وڃي ٿو. البت سندس ڪجهه تصويرن تي انتها پسندن کان ڌمڪيون به مليون هيون ۽ سندس تصويرن جي نمائشن ۾ ڀڃ ڊاهه به ڪئي وئي هئي ۽ مٿس ڪيس به هلي رهيا هئا، جنهنڪري هُن بيزار ٿِي، احتجاجن قطر جي شهريت به اختيار ڪئي هئي ۽ لنڊن ۾ به رهندو هو. ذري گهٽ هڪ صديءَ تي مشتمل، پنهنجيءَ وڏي ڄمار ۾ به هُو تصويرون ٺهيندو رهندو هو ۽ هُو عرب تهذيب تي هڪ وڏي پراجيڪٽ جي شروعات به ڪري چڪو هو، جيڪو ڪيس قطر جي شاهي خاندان سونپيو هو. (ذريعو:ٻِي.ٻِي.سِي)

شاعر، فنڪار، مصور ۽ آرٽسٽ ڪنهن به هڪ ملڪ جو ورثو ناهن هوندا، پر سندن تعلق سڄيءَ دنيا جي ماڻهن سان هوندو آهي. هُو سڄيءَ دنيا جي ماڻهن لاءِ سوچيندا،

ويچاريندا ۽ پنهنجيون زندگيون گذاريندا آهن، ايم.ايف حسين ۽ سندس تخليقي ڪاوشون پڻ ان جي گواهي ڏين ٿيون تہ هو سڄيءَ دنيا ۽ انسانذات جو ورثو هو....

***

اڄ 12 جون جي تاريخ آهي. اڄوڪو ڏينهن، گريگورين ڪئلينڊر ۾، هن سال 2011ع جو 163-هون ڏينهن آهي، ۽ پنتي اڃا 202 ڏينهن 2011ع جا رهيل آهن....

12 جون جي تاريخ انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن پاران "ٻارن جي پورهئي خلاف بين الاقوامي ڏينهن" آهي ۽ موڪل لاءِ منظور ٿيل آهي، تہ جيئن اقتصادي ۽ فوجي شعبن ۾ ٻارن جي پورهئي خلاف سجاڳي پيدا ڪري سگهجي ۽ عملي اپاءَ وٺي سگهجن. هن ڏينهن ملهائڻ جي شروعات انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن پاران 2002ع ۾ ڪئي وئي، جنهن ڪان پوءِ اهو هر سال ملهايو وڃي ٿو.

اسان وٽ پڻ ٻارن کان جبري پورهيو ڪرايو وڃي ٿو ۽ سندن حقن جي پائمالي ڪئي وڃي ٿي، جنهن کي روڪڻ جي سخت ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻار اسان جي ملڪ جو مستقبل آهن، جيڪڏهن انهن جي بهتر تربيت ۽ تعليم ٿيندي تہ اهي ملڪ کي بهتر ۽ ڪارگر مستقبل ڏئي سگهندا. اسان وٽ جيتوڻيڪ ڪيئي اين جِي اوز ٻارن جي حقن ۽ سندن فلاح بهبود لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن، پر اهو عملي طور گهٽ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ٻارن جو استحصال ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. ان طرف پڻ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

اڄوڪي 12 جون جي تاريخ، آمريڪا ۾ "لَونگ ڊي" طور پڻ ملهائي ويندي آهي، اها "روس جو ڏينهن" يعني "رشين ڊي" پڻ آهي ۽ 1898ع ۾ اسپين کان "فلپائين جي آزاديءَ جو ڏينهن" پڻ آهي........

اڄوڪي تاريخ 12 جون تي ٿيل ڪجهہ اهم تاريخي واقعا هن ريت آهن:

* 1665ع ۾، نيويارڪ ۾، انگلينڊ ميونسپل نظام لاڳو ڪيو.
* 1812ع ۾، نيپولن رشيا تي حملو ڪيو.
* 1839ع ۾، آمريڪا ۾، پهرين بيس بال راند کيڏي وئي.
* 1845ع ۾، جارج ايبرنيٿيءَ کي اوريگان ملڪ جو پهريون گورنر بڻيو.
* 1849ع ۾، ليوس هيسليٽ گئس ماسڪ کي پنهنجي نالي رجسٽر ڪرايو.
* 1860ع ۾، رشيائي شهنشاهيت جي اسٽيٽ بئنڪ قائم ٿي.
* 1936ع ۾، 150 ڪلو واٽ جي پهرين آمريڪي ريڊيو اسٽيشن قائم ٿي.
* 1942ع ۾، ايني فرينڪ کي سندس مشهور ڊائري ٻرٿ ڊي سوکڙي طور ملي.
* 1948ع ۾، مشهور ڪرڪيٽر برئڊ مئن ٽرينٽ برج ۾ پهرين ٽيسٽ ڪرڪيٽ ۾ 138 رنسون ناهيون.

* 1964ع ۾، هاڪاري آفريقي سياسي اڳواڻ نيلسن منڊيلا کي جيل ۾ تاحيات عمر قيد جي سزا ٻڌائي وئي.
* 1965ع ۾ ڪائنات جي نهڻ بابت هڪ نظريي ”ٻِگ بئنگ“ کي ان دريافت سان سگهه مِلِي ته ڪائنات ۾ نِيرُبون ڪهڪشائون موجود آهن.
* 1978ع ۾ آمريڪا جي پارليامينٽ لائيو ريڊيو ڪوريج جي اجازت ڏني.
* 1991ع ۾ بورس يلتسن کي رشين فيڊريشن جو صدر چونڊيو ويو.

ٻئي طرف ڪجھ شخصيتون، جيڪي اڄوڪيءَ تاريخ 12 جُون تي پيدا ٿيون، تن ۾ نوبل انعام ماٽيندڙ آمريڪي سائنسدان، بايو ڪيمسٽ، فرٽز البرٽ فِتمئن 1899ع ۾، آمريڪا جو ايڪيتاليهون صدر جارج ايچ.ڊبليو. بش 1924ع ۾، پاڪستاني عالم، ليکڪ ۽ اردو لسانياتدان جميل جالبي 1929 ع ۾، حسابن جو ڄاڻو روسي ولاديمر آرنالڊ 1937ع ۾، نوبل انعام ماٽيندڙ سائنسدان، جرمن فزيالاجسٽ برٽ سئڪمئن 1942ع ۾ ۽ مشهور پاڪستاني ڪرڪيٽر ۽ ڪوچ جاويد ميانداد 1957ع ۾، شامل آهن.

***

(سرجيل: 12 جُون 2011ع)

# اکين کي بہ دل جي سفارش ٿِي ماري

سنڌ جي سدا حيات ۽ عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعري اسان لاءِ راهه جي مشعل وانگر آهي. هن جي بيتن ۾ واين ۾ ڪي عام خيال ناهن ٻڌايل، پر انهن ۾ تہ زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي حقيقتن جيُ لِٽار ڪيل آهي. اسان جي خوش قسمتي آهي تہ شاهه سائينءَ جا اهي اڻ ملهہ بيت ۽ وايون "شاهه جي رسالي" ۾ سانديل آهن، جتان اسان انهن کي پڙهندا رهون ٿا ۽ انهن بيتن ۽ واين ۾ روايتي قصن ۽ داستانن کي بنياد بڻائي شاهه لطيف جيڪي زندگيءَ جا راز ٻڌايا آهن ۽ جدوجهد جا ڏس ڏنا آهن، اهي اسان جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ جو ڪارج گذريل ٽن سو سالن کان مسلسل ڪري رهيا آهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو شاهه سائينءَ جا بيت ۽ وايون اسان جي عام ماڻهن جي سينن ۾ پڻ دل اندر ڌڙڪي رهيا آهن.

اکيون مُنهن ميهار ڏي، رکيون جن جوڙي،
ريءَ سنڌ سيد چئي، تار گُهڙَن تـوڙي،
تـنِـين کي ٻـوڙي، سائِرُ سگهي ڪين ڪِي.

اسان کي گهرجي تہ وري وري پيا شاهه جي رسالي جو مطالعو ڪيون، ان کي سمجهون ۽ سمجهايون. "شاهه جو رسالو" ڪو عام شعرن جو ڪتاب ناهي، هيءُ تہ اسان سنڌين لاءِ ۽ تِهان پوءِ ٻين سمورن انسانن لاءِ خاص الخاص ڪتاب آهي، جيڪو ڏاهپ ۽ زندگيءَ جي تجربن سان ڀرپور ڪتاب آهي.

شاهه سائينءَ جا بہ مشهور بيت هن ريت آهن:

چاوت پائي چت ۾، سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن، ڪو داخل نہ ڪيو.

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، لَڪ توريو ئي ا ـ گهائِيو.

پهرئين بيت ۾ هڪ خاص لفظ "چاوت" آيو آهي جنهن جي معنىٰ آهي "نفرت". شاهه سائين ان بيت ۾ فرمائي ٿو تہ ڀلي تہ ڪيڏو بہ نفاست وارو ڪم ڪجي، ڪيڏو بہ سهڻو ڪم ڪجي، پر جيڪڏهن ان ڪم ۾، ان ڪتڻ ۾، ماڻهوءَ من ۾ نفرت رکي آهي، تہ پوءِ پرکيندڙ يعني صراف ان کي ڪنهن بہ ليکي ۾ نہ آڻيندا ۽ چئي تہ اهو ڪم اجايو هوندو.... وري ٻئي بيت ۾ شاهه سائين فرمائي ٿو تہ ڀلي تہ ڪو معمولي، گهٽ اهميت رکندڙ، رواجي نظر ايندڙ ڪم ڪجي، جنهن لاءِ اهو چئجي تہ رڳو رندا روڙيا آهن، پر جيڪڏهن اهو ڪم محبت منجهان ڪيو ويو آهي، تہ پوءِ ان جي تور تڪ ڪرڻ کان سواءِ ئي، ان ڪم جا پرکيندڙ، ان کي سمجهندڙ، اهو ڪم اگهائي

ڇڏيندا، اهو قبوليت جوڳو هوندو.... هاڻي اهو اسان تي ڇڏيل آهي ته اسان نفرت منجهان ڪو نفاست وارو ڪم ٽا ڪريون يا وري محبت منجهان رندا روڙيون ٽا. مقصد ڪي ثانوي ۽ نيت کي پهرين حيثيت حاصل آهي. اوهان پاڻ به ڏاها ماڻهو آهيو، زندگيءَ جي تجربن مان گذريا آهيو ۽ مسلسل ان عمل مان گذري رهيا آهيو، ڪيئن ٽا سمجهو! اوهان انهن بيتن کي پنهنجيءَ زندگيءَ جي ڪِرتن سان لاڳو ڪري سوچيو، ياد ڪيو، ته اوهان ڪهڙا ڪم چاوت منجهان ۽ ڪهڙا ڪم محبت منجهان ڪيا آهن؟ اسان اهي ڪهڙا ڪم ڪيا آهن جيڪي ڪارگر آهن سڄيءَ انسانذات لاءِ يا ڪجھ ماڻهن لاءِ، ۽ اهي ڪهڙا ڪم ڪيا آهن جيڪي نقصانڪار آهن ٻين انسانن لاءِ، ۽ ان طرح اسان لاءِ پڻ.

***

پو ملامت ڪرءِ ضمير متان!
ڪيڏِي چڪتاڻ آ، نڪر ته گهران!

رات هيءَ آ، چڪور هلِي آءُ!
چنڊ ٻڄجي وري پران، نه پران.

معاف ڪر اي حساس ماڻهوئڙا!
تنهنجِي دهليز ڏي متان، نه وران.

ر ڻ سان تنهنجو هي ضد اجايو آ
شام ڪان اڳِ نران، ته ڪيئن نران!

موت ”آڪاش“! ناهه ڪو مهٽو،
بس دعا ڪر، غدار تِي نه مران.

سنڌ جي نوجوان ۽ بهترين شاعر علي آڪاش جو هيءُ خوبصورت غزل اوهان جي نذر.... اسان جي شاعرن ۾ وٽنڌڙ ذات ۽ ڏانءُ آهي ۽ انهن جي فڪر ۽ فن ۾ سٺي سگهه آهي. اسان جي شاعرن جي سوچ ۽ سمجھ عام ماڻهوءَ جي مسئلن ۽ مامرن کي سمجهي ٿي ۽ انهن جو اظهار پنهنجن شعرن ۾ ڪري ٿي. سنڌن محبت جا جذبا عام ماڻهوءَ جي محبت جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا ۽ انهن جذبن، احساسن ۽ لمنگن کي خوبصورت لفظن جو لباس اوڍائن ٿا....

ٻئي طرف، سنڌ جي نالي واري ۽ لِيجينڊ شاعر شيخ اياز شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جو وڏو شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ انيڪ رنگ ۽ روپ آهن. هُو ٻوليءَ جو وينجهار هو، جنهن نثر ۽ نظم جي انيڪ صنفن ۾ خوبصورت تصنيفون سرجيون. خاص ڪري سندس قومي ۽ رومانوي شاعريءَ کي وڏي حيثيت حاصل آهي. هو اهڙو شاعر هو، جنهن سنڌ جي ٽن نسلن کي متاثر ڪيو. سندس ذڪر

ڪان سواءِ سنڌي ادب جو ذڪر اڌورو رهندو. هن پنهنجيءَ شاعريءَ سبب جيل ۾ ڪاٽيا، ته تڪليفون ۾ سنيون. هن بيت، وائيءَ، گيت، غزل، نظم ۽ ٻين ڪيترين ئي صنفن ۾ بهترين شاعري ڪئي آهي. ڪيس جيترو ۾ خراج پيش ڪجي، گهٽ آهي. سنڌ جون ادبي ۽ تحريرون ۽ تحريڪون شيخ اياز جي فني ۽ فڪري اثرن ڪان آجيون ناهن.... شيخ اياز جو سرجيل هڪ خوبصورت گيت هن ريت آهي، جنهن ۾ پڻ وڇوڙي جا وڍ اظهاريل آهن:

رات جا تارا چون ٿا،
تون نه ايندين،
ڪيترا جگنو هِتي آيا ويا،
پو به سڀ چارا چون ٿا-
تون نه ايندين،
دل ته تو سان ايتري هئي، جا چئون!
پو به سڀ چارا چون ٿا-
تون نه ايندين،
ڪيترو ڪينجهر اڪيلو ٿو لڳي،
پو به سڀ چارا چون ٿا-
تون نه ايندين،
پيار ڪي جينجهاڙيو آهي اِئين!
پو به سڀ چارا چون ٿا-
تون نه ايندين،

***

اڄ 26 جون تي، منشيات يعني ”نشي جي استعمال خلاف عالمي ڏينهن“ سڄيءَ دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي. اوهان پليءَ پتِ ڄاڻو ٿا ته نشي جي عادت اهڙي آهي، جو جنهن ماڻهوءَ کي لڳندي آهي، نه رڳو ان کي تباهه ۽ برباد ڪندي آهي ۽ کيس موت جي حوالي ڪندي آهي، پر اهڙيءَ ماڻهوءَ جو سڄو ڪٽنب به تڪليف ۽ پيڙا مان مسلسل گذرندو رهندو آهي.... نشي سان نه رڳو سوين جوان پنهنجي حياتي وڃائي ويٺا آهن، پر ڪيترا ته بيمارين جي ور چڙهي پل پل عذاب مان گذرندا رهندا آهن. اسان کي پنهنجي چوڌاري اهڙا انيڪ ڪٽنب نظر ايندا جن جا فرد ڪنهن نه ڪنهن نشي جو شڪار ٿي، اجل کي وڃي پرڻا.... ٻئي طرف اسان اهو پڻ ڏٺو آهي ته جن ماڻهن پئسي جي لالچ ۾ نشي جو واپار ڪيو، انهن جي خاندان جا فرد پڻ نشي پٽي جو شڪار ٿيا، جوانيءَ جي سرحدن کي به پار ڪري نه سگهيا ۽ پنهنجي حياتي موت جي حوالي ڪري ويا. انهن ماڻهن ٻين ڪٽنبن جي نوجوان کي شڪار بڻايو، ته موت وري انهن جي نوجوانن کي به نه بخشيو، جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي. پنهنجي ڪوٽيل ڪاهيءَ ۾،

اهي پاڻ بہ ڪِري پيا.... نشي مان ماڻهوءَ ڇا حاصل ڪيو آهي، ان تي سوچجي تہ وچوڙا ۽ُڏک ئي ماڻهوءَ کي مليا آهن. چڱيءَ شيءِ مان ئي چڱائي ٿيندي آهي، بُريءَ مان بہ ڪڏهن ڪجھ چڱو مليو آهي ڇا!

اڄ 26 جُون ”ٿارچر، ڏنڀ جو شڪار ٿيلن سان ساٿ ڏيڻ جو پڻ عالمي ڏينهن“ آهي. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اهو آهي تہ جيئن ٿارچر جو شڪار ٿيل ماڻهو پاڻ کي اڪيلو نہ سمجهن. هُو اڳي ئي پيڙا مان گذريل آهن، اهڙي سمي ڪين اڪيلائيءَ جو احساس نہ ٿئي ۽ هُو زندگيءَ جي ڪٺن مرحلي تي پاڻ سان گڏ ڪجھ ماڻهن کي بيٺل ڏِسن.... اسان ڏسون ٿا تہ اسان جي سماج ۾ ٿارچر ڏيڻ جا رجحان وڌندا پيا وڃن، پوءِ اهو جسماني ٿارچر هجي يا ذهني. ذهني ٿارچر تہ اڃا بہ خراب رويو آهي، جنهن کي پنهنجي سماج مان ختم، ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي.

***

اڄ رات دادو ضلعي جي جوهي شهر ۾، سنڌ جي نالي واري ۽ مشهور عوامي شاعر احمد خان ”مدهوش“ جي پهرين ورسي منعقد ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ نہ صرف سنڌ جا مشهور اديب، شاعر مدهوش بابت پنهنجن جذبن، خيالن، احساسن ۽ُلمنگن جو اظهار ڪندا، پر مشاعري جي محفل پڻ منعقد ٿيندي، جنهن کان پوءِ موسيقيءَ جي محفل رٿيل آهي، جيڪا رات دير تائين جاري رهندي، جنهن ۾ مشهور فنڪار پنهنجن آوازن وسيلي ماحول کي مهڪائيندا....

احمد خان ”مدهوش“ ڪو رواجي شاعر نہ هو. هُو موجوده روايتي دور جي اهم شاعرن مان هڪ منفرد شاعر هو، جنهن کي مختلف فنڪارن ڳائي سنڌ جي جهر جهنگ تائين پڻ پهچايو. هن جا ڪيترائي ڪلام مشهور آهن، جن ۾ ”سِر لڳي سهٽي سڄن سان، سِر لڳي/دل جي دلبر، من جي من سان سِر لڳي“، ”ڪنهن سان اوريان دل جون ڳالهيون/چوريان پوريان دل جون ڳالهيون“، ”هِي جو توکي جاڻ من وينو ڏسان/خالق اڪبر جو فن وينو ڏسان“، ”پيار ڪر، پيار ۾ حياتي آ/ورنہ آزار ۾ حياتي آ“ ۽ ٻيا ڪيئي ڪلام شامل آهن....

احمد خان مدهوش جي هڪ غزل جون چند سٽون اوهان جي نذر:

جي سامهون اچين تون، تابش ٿِي ماري،
لڪين تون تہ ڳولا جي خواهش ٿي ماري.

جي ڪاوڙ ڪرين تو تہ ڪاوڙ کهي ٿي،
جي پرچي پوين تون، نوازش ٿي ماري.

اکين تي نہ الزام ”مدهوش“ ڏرجان،
اکين کي بہ دل جي سفارش ٿي ماري.

***

(سرجيل: 26 جُون 2011ع)

# جهڙا گل گلاب جا، تهڙا مٿن ويس

ماڻهوءَ جي مزاج يا طبيعت ۾ شامل آهي ته خوبصورتيءَ کي پسند ڪندو آهي. حسن ڪيس موهيندو رهيو آ هي ۽ حسناڪين ڪان هُو متاثر ٿيندو رهيو آهي. دراصل فطرت ۾ سونهن سمايل آهي، ان ڪري ماڻهوءَ به فطرت جو حصو هئڻ ناتي سونهن پسند يا سونهن جو پوڄاري رهيو آهي. ماڻهوءَ جي تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي. ماڻهوءَ فطرت مان مسلسل پئي پرِرايو آهي، ان ڪري هن جو فطرت سان ويجهو تعلق هئڻ ناتي سونهن سان به ويجهو ناتو رهيو آهي. سنڌ جي مشهور شاعر استاد بخاريءَ جي گيت جو سٽون ذهن تي تري ٿيون اچن ته:

زندگيءَ تي ناهه ڪوئي پروسو،
حسن کي پوڄي وٺو، پوڄي وٺو.
حُسنُ مون لاءِ مظهر الله آ،
حسن منهنجي سوچ، منهنجو ساهه آ،
حسن تي منهنجو وڏو ويساهه آ،
جنهن ڪيو ايمان منهنجي کي پڪو،
حسن کي پوڄي وٺو، پوڄي وٺو.

واقعي به ايئن ئي ته آهي. پلا جيڪڏهن سنسار ۾ سونهن نه هجي ها، خود سنسارُ سهڻو نه هجي ها، ته چوڌاري ڪيڏي نه مونجهه هجي ها، ماڻهو بدصورتيءَ کي ڏسِي ڏسِي ان جو هيراڪ ته ٿي وڃي ها، ڪيس سونهن جو ڪو به احساس ته نه هجي ها، پر هو پاڻ بدصورتيءَ جو هڪ مثال هجي ها.... فطرت ۾ سونهن آهي، حُسن سمايل آهي، خوبصورتي آهي، ان ڪري ماڻهوءَ ۾ به سونهن آهي، ماڻهوءَ ۾ به حسن جو ڏيک آهي ۽ ماڻهوءَ ۾ به وڏي خوبصورتي پرٽيل آهي، پر جيئن ته ماڻهو سڄيءَ ڌرتيءَ تي پکڙيل آهي، هن نيون نيون ۽ پيون پيون حسناڪيون ڀِسيون آهن، ان ڪري سونهن کي پِسڻ ۽ پرکڻ جا طور طريقا به ماڻهوءَ وٽ ڀيا ڀيا آهن، پر انهن سڀني جو هڪ ئي مقصد آهي سونهن کي پسڻ ۽ سونهن کي ساراهڻ ۽ حاصل مطلب ته، پاڻ به سونهن جو چٽيندڙ بڻجڻ....

سونهن جو هڪ اظهارُ سنڌ جي نالي واري شاعر سعيد ميمڻ به پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي:

تنهنجي گهر جي مٿان-
چنڊ بيهي رهيو آ، سڪي!
چوڏهينءَ چوليون ڪيرَ جون،

مان ڪپرَ جي مٿان-
چنڊ بيهي رهيو آ، سڪي!
پيرَ ناريءَ جا واريءَ تي،
رات ٿرَ جي مٿان-
چنڊ بيهي رهيو آ، سڪي!

فطرت جي سونهن ۾ انيڪ روپ ۽ رنگ آهن، جيڪي اسان کي موهيندا آهن. ڏينهن جي سونهن ۽ سوڀيا پنهنجي خوبصورتي رکي ٿي، ته رات جي حسناڪي وري دل ۽ دماغ تي اثر ئي ٻيو ڪندي آهي.... فطرت جو صبح جيڪي افق ۾ رنگ وکيريندو آهي، تن جا اکڙين ۾ جيڪي رنگ رچندا آهن، اهي صرف ڏسڻ سان ئي تعلق رکن ٿا، ساڳيءَ طرح پکين جون لاتيون ڪنن ۾ امرت گيت اوتينديون آهن، ته ڪائنات جا حسين نغما ڇڻ ڪنن ۾ ٻرڻ لڳندا آهن، ۽ هن سنسار تي بي اختيار ۽ بي پناهه پيار ايندو آهي. صبح سمي جي دنيا هڪ نئين دنيا هوندي آهي، جنهن کي منجهند تائين سمهندڙ ڪڏهن به ڏسي نه سگهندا ۽ نه ئي ان جي احساس کي لفظن منجهان سمجهي سگهندا.... فطرت جو حسن شهرن ۾ ناهي هوندو، اهو ته ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ رچيل هوندو آهي. ٻوٽ جي خوبصورتي جنهن فضا ۾ ساهه کڻندي آهي، ان فضا ۾ گهرا گهرا ساهه کڻي ئي، ان جي چاهه کي اندر ۾ اوتجي، ته فطرت جي موج ۽ مستيءَ سان گڏ ان جي نرميءَ جو به احساس ٿئي، باقي جيئي ته هر هڪ ٿو، پر سوال آهي ته ان جيئڻ کي به ڪو جيئڻ چئي سگهجي ٿو جنهن ۾ ماڻهو حسناڪين کان، سونهن ۽ سنگيتن کان وانجهيل هجي ۽ وقت کي گذاريندو هجي! ڏينهن جي سونهن کي ته ٻن چئن لفظن ۾ اظهاريوسين، پر رات جي سونهن، جيڪا چنڊ ۽ ستارن ۾ پوئيل آهي، تنهن کي ڪيئن بيان ڪجي! جيڪا وسعت ستارن جي دوريءَ ۾ آهي، اها انهن کي هڪ ٻئي جي ڪيڏو نه ويجهو رکيون ويٺي آهي! چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ نيٽن کي جيڪا ٺڏاڻ ملي ٿي، تنهن لاءِ لفظن جي وڏي کوٽ محسوس ٿئي ٿي ۽ ستارن جي جوت جيئن ڪاري آسمان تي چمڪ ٿاڪي ٿي، ان حسن کي پلا اکڙين ۾ ڪيئن سمائي سگهجي ٿو!

چنڊ نه هوندي، رات-
تارن کي ٿاڪي پئي.

ماڻهو پڻ هن ڌرتيءَ تي هڪ حسين جاندار جي حيثيت رکي ٿو، پوءِ اهو معصوميت جي صورت ۾ ٻار هجي، مردانگيءَ وارو حسن رکندڙ مرد هجي، نفاست رکندڙ من موهڻي عورت هجي يا بزرگيءَ وارو جمار ۾ پهتل ٻاجهه ڀريو وجود ـــ ماڻهو هر روپ ۽ رنگ، عمر ۽ انداز ۾ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندڙ هستي آهي.... پلا، ٻار جي لاغرض پيار ۾ ڪيڏو نه وڏو سنسار سمايل هوندو آهي! ٻار جي منڙي ٻوليءَ ۾ کهڙي نه ڪنن ۾ ماکي اوتيندڙ مناڻ هوندي آهي! ٻار جي ٽهڪن ۽ مرڪن ۾

ڪهڙي نہ پنهنجائپ هوندي آهي ۽ ٻار جي رُسامي ۾ اڻ مٽ معصوميت، پوءِ اهو ٻار پُٽ هجي يا ڌيءَ! اها ڳالهہ بي معنيٰ آهي تہ پُٽ افضل آهي ۽ ڌيءَ ڪمتر، جيڪو ايئن سوچي ٿو، تنهن کي پنهنجيءَ سوچ تي افسوس ڪرڻ گهرجي.... ٻئي طرف مرد جي سونهن، سندس حسُن زندگيءَ سان جدوجهد ۾ سمايل آهي، جيڪو مرد اها جدوجهد ڪري ٿو، اهو ڪوجهو هوندي بہ حسين آهي ۽ جيڪو اها جدوجهد نہ ٿو ڪري، اهو حسين هوندي بہ زندگيءَ جي سونهن کان وانجهيل آهي، ان سونهن کي اهو مردُ ڏٺي ٿو.... ظاهري سونهن پنهنجيءَ جاءِ تي، پر مرد جي جيءَ جي سونهن، جيڪا حسناڪي هن ڌرتيءَ کي بخشي آهي، ان جي بيان لاءِ دفتر گهرجن، ٻن چئن جملن توڙي گفتن ۾ ان کي پوريءَ طرح تہ ڇا، ٿورو بہ ٻڌائي نہ ٿو سگهجي. تنهن کان سواءِ، ڏسجي تہ دنيا جي تاريخ ۾ مرد جي جسماني سونهن کي پڻ اهميت حاصل رهي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي تہ حسين مردن انيڪ خوبصورت ۽ خوب سيرت عورتن توڙي مردن کي پئي موهيو ۽ متاثر ڪيو آهي. شعر ۽ ادب جو مطالعو ڪجي ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ عورتن سان گڏ مردن جي سونهن ۽ عاشقيءَ جا قصا پڻ وڏي چاهہ سان لکيا ۽ ڳايا ويا آهن....

ٻئي طرف، عورت جي سونهن، سندس خوبصورتي، هن جو حُسن وڏو موهہ رکي ٿو جنهن مرد جو پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ سوڌو ڪائنات جي سونهن سان بہ ٽڪرُ پئي کاڌو آهي. جيتوڻيڪ عورت جي سيرت کي پڻ اهميت ملندي رهي آهي، پر تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ان کان گهٽو وڌيڪ، پهرينءَ چونڊ ۾، عورت جيَ تن جِي سونهن ۽ مُنهن جي مهتابيءَ کي ئي پسند ڪيو پئي ويو آهي. عورت جي عزت، اهميت ۽ شجاعت کي ثانوي پئي ليکيو ويو آهي.... عورت جي سونهن جو اظهار خاص ڪري مصوريءَ ۽ شاعريءَ ۾ ملي ٿو، جيڪي ئي پڻ اهو ذريعو آهن تہ ماضيءَ ۾ ڪيل عورت جي حسناڪيءَ بابت ڄاڻڻ جو. هاڻ بہ بنيادي ذريعو اهي ئي آهن، جيتوڻيڪ پرنٽ ميڊيا ۽ خاص اليڪٽرانڪ ميڊيا ۾ ان حوالي سان تمام گهڻو ابلاغ ٿي رهيو آهي، جنهن عورت جي سونهن کي بازاري وکر بڻائڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. اهو هڪ نهڪاري رُخ آهي، جيڪو عورت جي سونهن بابت وڏي شد سان، وري وري اظهارجي رهيو آهي.... بهرحال، عورت جي سونهن کي انيڪ ماڻهن پنهنجي پنهنجي ذهني ۽ بياني سگهہ آهر ٻڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. ڪنهن جو اظهار پراڻ پسند، تہ ڪنهن جو نواڻ پسند پئي رهيو آهي. ڪنهن برشن ۽ رنگن سان عورت جي حُسن کي ننهن کان چوٽيءَ تائين چٽيو آهي، تہ ڪنهن لفظن جي انتخاب وسيلي ان سونهن جا گيت ڳاتا آهن.

جهڙا گل گلاب جا، تهڙا متن ويس،
چوٽا تيل چنبيليا، ها ها هو هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نيهن َاچن نيش،

لالڻ جي لِبيس، آتڻ اڪرُ نہ اُڃهي. (شاهہ)

تنهن ڪان سواءِ، بزرگيءَ واري پد تي پهتل وجود ـــ بابا توڙي امان، ڏاڏو توڙي ڏاڏِي يا نانو توڙي نانِي ـــ گهر ۽ ڪٽنب جي سونهن ۽ خوبصورتي آهن، اهي گهرَ ۽ ڪٽنب جا وڏا آهن، پر بدقسمتيءَ سان ڪين نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. گهر تڏهن ئي مڪمل بڻجندو آهي جڏهن ان ۾ ڪو وڏو رهندڙ هوندو آهي.... اهي سيئي بزرگ اسان جي لاءِ ڇپر ۽ ڇانو ۽ دعائن جا در آهن. انهن جي هئڻ سان گهر ۾ پنهنجائپ ۽ ميٺ محبت جو احساس پيدا ٿئي ٿو. وڏن جون صلاحون سدائين مخلصيءَ سان پرپور هونديون آهن، جن ۾ هر هڪ ياتيءَ لاءِ سِڪ ۽ برابريءَ جو سمنڊ موجزن هوندو آهي ۽ پيار جون ڇوليون سيني کي پنهنجي ڀاڪر ۾ پرڻ لاءِ آتيون هونديون آهن. اوهان ڪڏهن تہ ان پيار جي سونهن کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو....

سونهن صرف جوان ڇوڪريءَ ۾ ناهي هوندي، اها پوڙهي ابي ۽ امڙ جيءُ گهنجن ۾ بہ هوندي آهي، تہ ڏاڏا، ڏاڏيءَ ۽ نانا، نانيءَ جي ڏکندڙ هٿن ۾ بہ هوندي آهي. سونهن، حسن ۽ خوبصورتيءَ جا تصور ڪي ننڍڙا ۽ بيٺل تصور ناهن، اهي تہ انتهائي وڏا، وسيع ۽ اڳتي وڌندڙ تصور آهن. اسان جا وڏا، ڪائنات جي حسناڪيءَ جو هڪ حصو آهن، جيڪا هو پنهنجي اولاد، يعني اسان ۾ منتقل ڪن ٿا، ۽ ان ريت سونهن جي منتقليءَ جي تسلسل کي برقرار رکن ٿا....

سونهن سدا حيات آهي، اها ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سدا رهڻي آهي.

***

(سرجيل: 3 جولاءِ 2011 ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 13 نومبر 2011 ع)

# نُوريءَ ڪيو ناز

سنڌ جي لڳ ڀڳ سيني ضلعن ۾ ڪي نه ڪي اهڙا ماڳ مڪان موجود آهن، جيڪي تاريخي طور اهميت رکن ٿا ۽ گهمڻ ۽ ڏسڻ وٽان آهن. نه صرف گهمڻ ۽ ڏسڻ وٽان، پر اهي هڪ ٻور جو داستان پڻ پنهنجي اندر منجهه سمايون ويٺا آهن، جنهن کي پُڙهڻ، پُرجهڻ ۽ سمجهڻ جي ضرورت آهي. ان حوالي سان، هڪ تاريخي ضلعي ۽ شهر ٺٽي جو نانءُ اچارڻ سان جيڪي ماڳ مڪان بنا دير ذهن جي اسڪرين تي اڀري اچن ٿا، تن ۾ بادشاهي مسجد، مڪليءَ جو تاريخي قبرستان ۽ ايشيا کنڊ جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ ڪينجهر سرفهرست آهن. ڪينجهر نه صرف ايشيا جي وڏي ۾ وڏي، ميلن ۾ پکيڙيل حسين ڍنڍ آهي، پر اها نوري نماڻي ۽ سنڌ جي حاڪم جام تماچيءَ جي لازوال ۽ بي مثال محبت جي نشاني پڻ آهي. نوري ۽ جام تماچي سنڌ جا ٻه اهڙا امر ڪردار آهن، جن نئڊ-وڏائيءَ کي ڪڏهن نه ڏٺو، جن اميريءَ ۽ غريبيءَ جا فرق مِٽائي ڇڏيا، جن جي محبت جي ڪٿا صدين کان وٺي پيار ڪندڙ سنڌين جي سيني ۾ هلندي آئي آهي ۽ صدين تائين قائم ۽ دائم رهندي آهي. سنڌ جي سائين، حضرت شاهه لطيف عبداللطيف ڀٽائيءَ پڻ سندن داستان کي ”سُر ڪاموڏ“ ۾ ڳايو آهي.

شاهه سائين فرمائي ٿو:

هيٺِ جو، مٿي مڇڙ، پاسي ۾ وٽراهه،
اچي وجي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳيُ لَرَ واءُ، ڪينجهرُ هندورو ٿِئي.

ڪيڏي نه وڻندڙ منظرنگاري آهي! اهڙو ته اتر جو واءُ ته لڳي، جو ڪينجهر هندورو بڻجي ٿِي پوي! ٻئي بيت ۾ شاهه فرمائي ٿو:

هيٺ جو، مٿي مڇڙ، ڪنڌيءَ ڪونرَ ٽون،
ورئي واهوندن، ڪينجهر ڪٿوري ٿِئي.

جناب غلام محمد شاهواڻي جي جوڙيل ”شاهه جي رسالي“ ۾، نوري-جام تماچيءَ جي قصي بابت لکيل آهي ته ”سمي گهراڻي جو هاڪارو حاڪم، جام تماچي ٺٽي ۾ حڪومت ڪندو هو. سندس حد ۾ هيلايا ٽڪريءَ جي هيٺان، ڪينجهر ڍنڍ جي ڪپ تي ڪيترائي مهاڻا رهندا هئا. اهي ڪاٿر ڪري ڪارا ۽ ڪوجها هوندا هئا، پر منجهن، نوريءَ نالي هڪڙي نينگر، نهايت حسين هوندي هئي. هڪ لڳا، ڪينجهر ڍنڍ تي سير ڪندي، جام تماچيءَ جي نظر وڃي نوريءَ تي پئي. هن جو نوراني نراڙ ۽ ناز ڀريا نيڻ ڏسي، جام جي من ۾ محبت جي ميخ لڳي ويئي؛ ترت ئي مهاڻن کان سڱ ڇڪيائين. مهاڻن جون ڏهه ئي ڳِهه ۾ پيون سو خوشيءَ سان قبول ڪيائون، پوءِ ته شاديءَ لاءِ مندل منڊجي شادمانا ٿي ويا. نوريءَ سان ڏاڍا سنهج ۽ سولايون ٿيون،

مهاڻن تان محصول معاف ڪري ڇڏيو ۽ ڊنڊ امداد تي ملين. آخر ڄام نوريءَ کي نوازي، آڱي محلات ۾ راڻين سان راڻي ڪري رهايو. ڄام جو نوريءَ تي ايترو تہ آر هوندو هو، جو ڪڏهين ويهي مورڇل متانئس هٽندو هو، تہ ڪڏهن شيل شڪار لاءِ پاڻ سان ڪينجهر ڊنڊ تي وٺي ويندو هوس. سو سڀ ڪا پيئي نوريءَ اڳيان نِمندي هئي. خود سميون بہ اچيو هن جو نياز ڪنديون هيون. انهيءَ اوج ۽ عزت هوندي بہ، نوريءَ جو من نہ وڌيو. هٺ ۽ وڏائيءَ جو منجهس نالو ئي ڪو نہ هو."

حضرت سچل سرمست جي "سُر نوري" مان بہ بيت اوهان جي نذر:

نوريءَ ڪيو ناز، ڙپي ريجهائي راو کي،
نِت نِت ڄام نياز، تو اچيو لُنهن جو ڪري.

بيهودا بي آب، هئا اڳي ڪينجهر ڪنڌئين،
پلئہ لڳي پوءِ ڄام جي، ٿيا تنهن جا جوڙ جواب،
ٻِيا سڀ حرف حساب، ملاحن معافي ٿيا.

***

هٺ، وڏائي، لٺ، آڪڙ ماڻهوءَ کي ڏاڍو نقصان رسائيندي آهي، پوءِ اهو ماڻهو مرد هجي يا عورت، جوان هجي يا پوڙهو. هٺ توڙي وڏائيءَ کي هر سياڻي ۽ سمجهو ماڻهوءَ سدائين پئي نِنديو آهي ۽ ان کان بچڻ لاءِ نصيحتون پئي ڪيون آهن. هُونءَ بہ ڏسجي تہ جن ماڻهن هٺ ۽ آڪڙ کي ڇڏي، نهنائيءَ ۽ نِوڙت سان زندگي گذاري آهي، تن زندگيءَ ۾ جيڪڏهن بيو ڪجهہ نہ بہ ماڻيو هجي، تہ بہ انهن سُڪون ضرور ماڻيو آهي ۽ پاڻ کي پُرسڪون رکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هٺ سان ماڻهوءَ جو من بہ بي سڪون ٿيندو آهي ۽ بڻجي پوندو آهي. پلاءِ جيڪڏهن هٺ ئي ڪرڻو آهي، تہ پوءِ ڏسجي تہ ان مان اسان کي حاصل ڇا ٿو ٿئي! سڀ کان اهم ڳالهہ تہ هٺ سان ماڻهو اڪيلو بڻجي ٿو وڃي، ۽ اوهان چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿا تہ اڪيلائي ماڻهوءَ کي ڪيڏي نہ تڪليف مان گذاريندي آهي! ڪنهن اهڙي سمي، جڏهن ماڻهو چاهيندو آهي تہ ڪو وٽس هجي، پر هنيلي ماڻهوءَ وٽ ان وقت ڪو بہ ناهي هوندو، جيڪو سندس حال پڇي ٿي سگهي ۽ سندس اڪيلائيءَ جي عذاب کي گهٽائي سگهي. ان ڪري هٺ کان وڌ ۾ وڌ پاسو ڪرڻ جي سِکيا سڀني مذهبن ۾ پڻ ڏني وئي آهي، نہ صرف پاسو ڪرڻ جي، پر ان کي مارڻ ۽ ختم ڪرڻ لاءِ پڻ چيو ويو آهي.

***

پنهنجي طبيعت، مزاج ۽ رويي جي ڪري هڪڙو ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کان مختلف آهي، نہ تہ شڪل صورت تہ ماڻهن جي مڙيوئي هڪجهڙي آهي، پوءِ ڪو پورو ساترو آهي تہ ڪو حسين لڳي ٿو، ڪو سانولڙو آهي تہ ڪو ڳاڙهو يا پورو! پر اهي طبيعت، مزاج يا رويي جا اولڙا ماڻهن جي مُنهن يا مُک تي خاص طور ظاهر ٿيندا آهن، جنهن لاءِ اڄ ڪلهہ "چهري" جو لفظ گهڻو استعمال ٿئي ٿو.جيتوڻيڪ ماڻهوءَ جي ٻِ ي

جسماني بيچينيءَ مان بہ اهڙين ڳالهين جو پتو پيو پوندو آهي، تہ اهو ماڻهو پنهنجي من اندر ڪهڙي ڳالهہ لڪايون وينو آهي، پر ڪي ماڻهو اهڙا بہ هوندا آهن جن جي منهن يا چهري مان سندس اندر جون ڳالهيون ظاهر نہ ٿينديون آهن، اهڙا ماڻهو يا تہ ڏاڍا گهرا هوندا آهن جيڪي پنهنجين پاوناڻن جو اظهار ناهن ڪرڻ چاهيندا يا وري ٻيا ماڻهو اهڙا هوندا آهن جن جي چهري تي ٻيو چهرو چڙهيل هوندو آهي، جيڪو سندن ڳالهين کي لڪائيندو آهي. اِهيُ‌اهي ڳالهيون هونديون آهن جيڪي سندن مفاد پرستيءَ واريون، سندن خود غرضيءَ واريون هونديون آهن. اهڙا ماڻهو چڻ تہ ٻهروپي هوندا آهن يعني ٻن روپن وارا، جن جون هڪ روپ ۾ هڪڙيون ڳالهيون ۽ ٻئي روپ ۾ ٻيون ڳالهيون هونديون آهن، اهي بظاهر هِڪ هوندا آهن، پر اصل ۾ ٻيا هوندا آهن. ان ڪري اهڙن ماڻهن کي پرکڻ انتهائي ضروري هوندو آهي، پوءِ پلي تہ سندن چهري تي ٻيو چهرو چڙهيل هجي. وفا ناٿن شاهيءَ جو ان حوالي سان هڪ شعر هن ريت آهي:

پنهنجي چهري تي رکي چهرو ٻيو،
پنهنجي عيبن کي لڪائيندو رهيو.

وفا ناٿن شاهي سنڌ جو هڪ نالي وارو شاعر ٿي گذريو آهي. خاص طور هن غزل ايڏا تہ ڀرپور ۽ ايڏا تہ گهڻا لکيا آهن جو کيس ”سنڌي غزل جو بادشاهہ شاعر“ جو لقب بہ ڏنو ويو. وڏي ڳالهہ تہ سندس مادري ٻولي پنجابي هئي، پر هن سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙي تہ خوبصورتيءَ سان شعر چيا آهن، جو مادري ٻولي سنڌي وارا ڪيترائي شاعر بہ مشڪل سان چئي سگهندا. اها وڏي ڳالهہ آهي، جيڪا پڻ وفا ناٿن شاهيءَ کي انفراديت بخشي ٿي. وفا ناٿن شاهيءَ جي سرجيل هڪ خوبصورت غزل جا ڪجهہ شعر:

ڏُ جوابن ۾، اڏ سوالن ۾،
رات گذري پري جمالن ۾.

وند ۽ ورچ ڪان سوا چاهي،
مذهبن، ذاتين ۽ نالن ۾!

ڪو حقيقت جيان رهي ٿو ’وفا‘!
منهنجي خوابن ۽ خيالن ۾.

***

دوستي وڏي ڳالهہ آهي، جنهن لاءِ هاڻي عام طور چيو ويندو آهي ”سچي دوستي“. معنيٰ تہ، دوستيءَ اهڙا تہ انداز بدلايا آهن، ٻين لفظن ۾ ڏوڪا بہ ڏنا آهن جو هڪڙي دوستي ”سچي“ ۽ ٻي دوستي ”ڪوڙي“ آهي. اها ڪوڙي دوستي نالي ۾ تہ دوستي آهي، نہ تہ اصل ۾ دشمني يا آزار آهي.... دوستي دوست سان سلهاڙيل آهي. تنهن جو

مطلب اهو ٿيو تہ دوست بہ سچا ۽ ڪوڙا ٿين ٿا. سچا دوست تہ قدرت جو انمول تحفو آهن، جيڪي پنهنجو سِر بہ دوست تي قربان ڪري ڇڏيندا آهن، پر ڪوڙا دوست دوستيءَ جي نالي تي ڪارو ٽِڪو يا بدنما داغ آهن، جنهن ڪي ڏسڻ سان ڪراهت ايندي آهي. سچي دوستيءَ جو ڏيکاءُ ڪندڙ انهن ڪوڙن دوستن جيترو دوستيءَ ڪي بدنام ڪيو آهي اوترو دشمنيءَ بہ ناهي ڪيو. ڪنهن ماڻهوءَ جو چوڻ آهي "منهنجو پهريون دوست ئي منهنجو پهريون دشمن آهي." جيتوڻيڪ اهڙا جملا دوستيءَ تان ايمان کڻائيندڙ آهن، پر دوست ۽ دوستيءَ جي واکاڻ ۾ بہ گهڻو ڪجهہ چيو ويو آهي. مثال طور: "دوست هزار بہ گهٽ، دشمن هڪ بہ وڌيڪ" يا "دوستي گلاب جو گل آهي، جنهن ۾ ڪوئي ڪنڊو نہ آهي" يا "دوستيءَ جي قربت، بنسبت رشتي داريءَ جي قربت کان، بهتر آهي." بهرحال، دوست ۽ دوستيءَ جي حمايت ۽ مخالفت ۾ ايترو تہ گهڻو ڪجهہ ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي، جو ڪڏهن ڪڏهن فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿي پوندو آهي، تہ دوست ڪجن يا نہ، ڪنهن سان دوستي رکجي يا نہ! تڏهن بہ ماڻهوءَ کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ اهڙي دوست جي سدائين گهرج محسوس ٿيندي رهندي آهي، جيڪو سندس حال ڀائي ٿِي سگهي، جيڪو ڏک جي ويل پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري سگهي، ڀوءِ ڀلي تہ کي دوست اهڙا بہ چو نہ هجن جيڪي دلداريءَ بدران دل آزاري ڪندا هجن....

***

(سرجيل: 10 جولاءِ 2011ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 20 نومبر 2011ع)

# سرها ٿيا سنگهار

اسان جي ملڪ ۾ چوماسي جي برساتن جو سلسلو هلندڙ آهي. ملڪ جي اترين علائقن ۽ آزاد ڪشمير ۾ برساتن سان نه رڳو اتي موسم ٺري آهي، پر ان جو خوشگوار اثر سڄي ملڪ جي فضا تي به پيو آهي.... ٻه ڏينهن پهريان، اسان جي ضلعي لاڙڪاڻي جي مختلف شهرن ۾، ڪجهه دير لاءِ مينهن-ڪڻين ٺوٺ ڌرتيءَ تي وسِي، نه رڳو هتان جي تتل ماحول کي ٺڏيرو ڪري ڇڏيو پر مٽيءَ جي وڻندڙ خوشبوءِ سان ماحول کي مهڪائي به ڇڏيو. ماٺهو گرمين مان ته ڇا، پنهنجي ِپڻ مان ئي بيزار هئا، جو انهن ڪجهه منٽن جي برسات سندن هانو تي ٿڌا ڇنڊا وڌا.... اهو به چڱو! نه ته وقت ته هونئن ئي گذري وڃي ها، جو ان کي لازمي گذرڻو آهي. اهو اسان جي ٿڌيءَ ڪوسيءَ جو محتاج ناهي، ان ڪان آزاد آهي. بهرحال، مينهن کي ”سُر سارنگ“ ۾ اسان جي شاهه سائينءَ به خوب ڳايو آهي:

اڄ پڻ لُر پار ڏي، تاڙي ڪِي تنوارِ،
هارين هرَ سنباهيا، سرها ٿِيا سنگهارِ،
اڄ پڻ منهنجي يارِ، وسڻ جا ويس ڪيا.

”سُر سارنگ“ ۾ شاهه سائينءَ ڄهڙ ڦڙ، آگم، لِڳهه، ڪڪرُ، لٽي، وِڏڦڙي، ڀِلا، ٻرَ، وسڻ مانداڻ ۽ مينهن بابت وڏيءَ ڏاهپ سان فطرت کي نه قلمبند ۽ عڪسبند ڪيو ئي آهي، پر هن ان ۾ ذاتي ۽ اجتمائي احساسن کي جهڙيءَ طرح لفظن جي مالا ۾ پويو آهي، تنهن جي ڇا ڳالهه ڪجي!

جانِي آيو ڄوءِ ۾، ٿِيو قلبَ قرارُ،
وهِلو، وڇائين ويو، ڪري غمُ گذارُ،
نِظارو نروارُ، پِريءَ پِسايو پانهنجو.

سر سارنگ بابت جناب غلام محمد شاهواڻي ڄاڻائي ٿو: ”سارنگ هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جا برساتي موسم، يعني سانوڻيءَ ۾ ڳائبي آهي. چون ٿا ته جيڪو هن سُر کي پوري سر ۽ تال ۾ ڳائيندو، سو ڄهڙ لائيندو ۽ مينهن وسائيندو....“ اڳتي شاهواڻي صاحب شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي حوالي سان چوي ٿو: ”شاهه سارنگ کي پنهنجو يار ٿو سڏي ’اڄ پڻ منهنجي يارِ، وسڻ جا ويس ڪيا.‘ اتر جي ڪنڌ ڪان ڪڪر چوٽي ٿو ڪڍي. لِڳهن جي لالائي پسو، چوڌاري ڪارونيار آهي. رعد جي رڙ تي ڪليون ٿيون ڪنبن. وڄن وسڻ جا ويس ڪيا آهن. اِجهو مينهن ٿِم ٿِم ڪري پيو ٺمي.مينهون ٺاريون به پِرڄنديون پنهنجي وٿاڻن تي اچن ٿيون. سڀ هنڌ سرهائي آهي.“

ڦُلو اوهِيڙا ڪري، عاشق مٿي اڄ
ڦُورڦُڪاريا پيچ، ميڻهن مُنهن ڏيکاريو.

شاهه سائين جو سچو رسالو سونُ هيرا ۽ جواهر آهي، اکر اکر امرت ۽ لفظ لفظ لعل آهي، پر اڄ ته سُر سارنگ جي بيتن من کي بهتر ڪري ڇڏيو آهي. دل چوي ٿي ته شاهه جي بيتن جي برسات ۾ پِسجندو ئي رهان!

هن سُر ۾ شاهه لطيف جو هڪ انتهائي املهه بيت آهي، جنهن ۾ آهن ته يارنهن سِٽون، پر اسان ان جون عام طور آخري ٻه سِٽون ئي پڙهندا رهندا آهيون. اڄ موقعي جي مناسبت سان چاهيان ٿو ته اوهان جي نذر اهو سچو بيت ڪيان:

موتِي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وِڄون وسڻ آئيون، چوڏِس ٿِي چوڏار،
ڪي ڦُٽي هليون استنبول ڏي، ڪي مِٽيون مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندين سار،
ڪي رمي ويئون روم تي، ڪي ڪابل، ڪي قنڌار،
ڪي دلِيءَ، ڪي دکن، ڪي ڳُڙن مٿي گِرنار،
کهين پيچ پِجائيو، کهين ٿيا مٿاهِين ڊار،
کهين اچي عمر ڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائينم! سدائين ڪري، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! مِٺا دلدار! عالمُ سڀُ آباد ڪرين.

***

ماڻهو انيڪ ڪيفيتن، احساسن ۽ حالتن مان مسلسل گذرندو رهي ٿو. ڪي ڪيفيتون، احساس ۽ حالتون ماڻهوءَ کي خوشي ڏيندڙ هونديون آهن، ته ڪي ڏک، پيڙا ۽ تڪليف ڏيندڙ.... خوشيءَ ڀرين ڪيفيتن، احساسن ۽ حالتن مان ته ماڻهو مزو وٺندو آهي ۽ انهن کي سرمستيءَ سان گذاريندو آهي، انهن مان لطف اندوز ٿيندو آهي پر ڏک، پيڙا ۽ تڪليف ڏيندڙ حالتن کي ماڻهو پوڄيندو آهي، پل پل مٿس ڳورو لڳندو آهي ۽ وقت، زندگي، هيءَ ڪائنات بيڻل، رُڪيل محسوس ٿيندي آهي.

”ڏل ڪو اهڙو درد پِرايو،
”تون آئين، ته به چينُ نه آيو.“ (شبير هاليپوٽو)

ان سمي ماڻهو اهڙين احساسن هيٺ وقت گذاريندو آهي، جن جو بيان لفظن ۾ آڻي نه ٿو سگهجي. اهي احساس صرف ۽ صرف محسوس ئي ڪري سگهبا آهن، تنهن هوندي به ان ماڻهوءَ کي آٿت جي گهرج هوندي آهي. چاڪاڻ ته ماڻهو ئي ماڻهوءَ جو حال پائي آهي، ان ڪري ماڻهوءَ کي وري به ماڻهوءَ جو ساٿ ئي گهربو آهي. جڏهن ڳوڙها نيڻن جا در ڀڃي نڪري پوندا آهن، ان پل ڪن اهڙن هٿن جي ضرورت پوندي آهي جيڪي انهن ڳوڙهن کي اُگهي سگهن، ۽ ڪنهن اهڙي ڪنڌ جو ساٿ زندگيءَ

جي واٽ تي سهڪاري بڻبو آهي جنهن تي پنهنجو ڪنڌ رکي دل جو بار هلڪو ڪري سگهجي.

***

ڪالهه 16 جولاءِ اسان جي سنڌ جي انتهائي اهم ۽ نالي واري محقق ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جي وڇڙي وڃڻ جي تاريخ هئي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو مشهور دانشور، محقق، ٻوليءَ جو ماهر، نقاد، ڪهاڻيڪار، ماهر عمرانيات، تعليمي ماهر ۽ تعليم کاتي جو هوشيار آفيسر ٿي گذريو آهي. ڪنهن به سماج ۾ اهڙن ماڻهن جي وڏي گهرج هوندي آهي، پر اهڙا سڄاڻ ۽ محنتي ماڻهو وڏي عرصي کان پوءِ ئي ڪنهن قوم ۾ پيدا ٿيندا آهن. ڊاڪٽر ٻوهئي جو پاڻ بابت رايو هو ته هو ”مشڪل پسند ماڻهو آهي“، اهو ئي سبب آهي ته هن انتهائي ڏکين موضوعن تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏاڍي پرپوريت سان لکيو آهي.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو 8 آگسٽ 1934ع تي تعلقي قنبر جي ڳوٺ گهوگهاري ۾، هڪ هاري محمد علي ٻوهئي جي گهر ۾ پيدا ٿيو. وڏي ڳالهه ته هن سڄي تعليم پرائيويٽ پڙهائي. هن ايل.ايل.بي، ايم.اي (انگلش)۽ پي ايڇ.ڊي. سنڌي ۾ ڪئي ۽ پوري عمر تعليم کاتي ۾ نوڪري ڪندي گذاري، تان جو 16 جولاءِ 1994ع تي، هڪ سيمينار ۾ خطاب ڪندي، دل جي دوري سبب سنڌس وفات ٿي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي جيڪي اهم ڪتاب لکيا تن ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج“، ”تنقيدون“، ”ادب جا فڪري محقق“، علم تحقيق“، ”ٻوهئي جون تحريرون“ ۽ انگريزي ۾ لکيل ڪهاڻين جو ڪتاب ”ٽيلس ري ٽولڊ“ ڇپيل آهن، جڏهن ته سنڌس ڪيئي ڪتاب اڻڇپيا ئي رهجي ويا، ڪيئي رٿائون هيون جيڪي سنڌس هلي وڃڻ سبب اڻپوريون رهجي ويون، جن جو اسان کي وڏو ارمان آهي. بهرحال، ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي پنهنجي حياتي اهڙي ته ڪارگر نموني گذاري، جو ڪيس ياد ڪرڻ اسان جو فرض ٿو بڻجي.

***

انسان سدائين کان انيڪ خواهشن جو تمنائي رهيو آهي. توڙي جون انسان جون خواهشون پوريون به ٿينديون رهيون آهن، تڏهن به هن هميشه چاهيو آهي ته وري وري سنڌس خواهشون پوريون ٿينديون رهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن به سنڌس ڪي خواهشون پوريون ٿيون آهن، ته انهن جي جڳهه وري ٻين نين خواهشن والاري يا ورتي آهي. عام طور ته ماڻهوءَ وٽ انفرادي خواهشون هونديون آهن، پر ڪجهه ماڻهن وٽ ڪي اهڙيون خواهشون به آهن جيڪي مجموعي طور انسانذات جي فائدي ۾ آهن، جيڪي اجتماعي خواهشون آهن، پر تڏهن به اهي اڻپوريون ئي رهيون آهن، جيتوڻيڪ انيڪ ماڻهن ان لاءِ ڪوششون به ڪيون آهن. مثال طور عالمي امن جي خواهش، دنيا کي هٿيارن کان پاڪ ڪرڻ جي خواهش، ڌرتيءَ کي سڳنڌن سان پري ڇڏڻ جي خواهش، ماڻهپي سان جيئڻ جي خواهش، ظلم کان ڇوٽڪاري جي خواهش،

انصاف پرئي سماج قائم ٿيڻ جي خواهش، ۽ ٻيون اهڙيون انيڪ خواهشون.... سنڌ جي پلوڙ شاعر ۽ لاڙڪاڻي واسي غلام نبي گل جو ٻہ هڪ غزل ان ريت خواهشن جو هڪ اظهار ڪري ٿو، جيڪو هن ريت آهي:

آجيان "آءُ" ٿي وڃي جيڪر!
پيارُ پرچاءُ ٿي وڃي جيڪر!

هِي جو الجھاءُ ٻن دلين ۾ آ،
تنهن جو سلجھاءُ ٿي وڃي جيڪر!

ترش لفظن ۽ سخت جملن جو،
بندِ پٿراءُ ٿي وڃي جيڪر!

وقت گذريو آ 'گل' مليا ناهيون،
وصل ورجاءُ ٿي وڃي جيڪر!

***

(سرجيل: 17 جولاءِ 2011ع)

# ڳڙ لڳي ڳالهيون ڪيان

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو هڪ بيت ”سُر ساموندي“ مان هن ريت آهي:

سڙ، لوهيڙا، ڳپيا، ڪسر نِسريا،
تو ڪئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن اچڻ جا؟

متئين بيت تي اوهان غور ڪندا، ته معلوم ٿيندو ته شاهه سائينءَ هن ٻِن سِٽي بيت جي ٿورڙن لفظن ۾ انتهائي وڻندڙ ڪيفيت ۽ منظر نگاري بيان ڪئي آهي، جيڪا من اندر لهي ٿي وڃي ۽ ماڻهو بي اختيار عجب ۽ ڏک جي احساس هيٺ اچي ٿو وڃي. ڏسو، ته شاهه سائين پنهنجي ڍولئي، پرينءَ پياري، سڄڻ، هڏ ڏوکيءَ، سپرينءَ کي چوي ٿو ته توکي ته مون وٽ اچڻو هو، هِي ڏينهن ته ملڻ جا هئا. اهي تو ڪان ڪيئن وسري ويا آهن، جڏهن ته سر ۽ لوهيڙا (ٻيا وڻ ٽڻ وغيره) پڻ ڳپجي يعني ٻوڪجي ويا آهن، ايتري قدر جو ڪسر يعني خراب سر به نِسري آيا آهن، پر تو اجا تائين اچڻ جي ناهي ڪئي. هاڻ دير نه ڪر، مان وٽ ستت هليو اچ. ان ڪيفيت ۾ شاهه سائين وڇوڙي جي احساس هيٺ سوچي ٿو ته جيڪڏهن منهنجو سپرين هاڻي هليو اچي ته ان صورت ۾ ساڻس روح کي راضي ڪندڙ رهاڻيون ڪيان ۽ کيس ياڪر منجهه پري ڳالهيون ڪيان:

جيڪر اچي هاڻ، ته ڪريان رُوح رچنديون،
آيل! ڍولئي ساڻ، ه ونڊ ڳڙ لڳي ڳالهيون ڪريان.

”سُر ساموندي“ ۾ شاهه سائينءَ وڻجارن، سفر تي ويندڙن ۽ سندن انتظار ڪندڙن جو پُرسوز احوال درج ڪيو آهي. شاهه سائينءَ هيءُ سُر ڪنهن به راڳ يا راڳڻيءَ تي ناهي رتيو، پر هن سُر جي مواد موجب ئي سُر جو نالو ساموندي يعني سمنڊ وارا رکيو ويو آهي.... ”شاهه جي رسالي“ جو هڪ اهم مرتب جناب غلام محمد شاهواڻي لکي ٿو: ”ڪراچيءَ جي لاڙي حصي جو ’مغليئين‘ وٽ، جيڪو ساموندين جي وچڙيل وهن ۽ مُنڊل مُنڊن جو حال هو [شاهه] اکين سان ڏٺو هو، تنهن جي هِن سُر ۾ چٽي تصوير نڪتل آهي. وڻجارين جي من جو مونجهارو، اندر ۾ اٿندڙ ۽ پل پل پونڊڙ پور، ڪانڌن جي ڦوڙائي ۾ آڳي اڳيان التجائون، سندن صحيح سلامت واپس ورڻ لاءِ قسمين قسمين حيلا ۽ ٽپشائون ـــ تڙن تي وِرن ورڻ لاءِ اوسيئڙو ۽ انتظار، بندر تي ناڪئن کان پڇائون ـــ پِرين تي پڙ باسڻ، درياهه تي ا ُ ڪا پائڻ، ڇوواٽن تي ڏيئا ٻارڻ وغيره انهن سيني جو نهايت دل سوز ۽ رقت آميز نموني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.“

جنين ڪارڻ مون، تڙ پُوڄارا پُوڄيا،
پُنيمِ لميڙون، سي ئي سڄڻ آئيا.

شاهه سائينءَ جا "سُر سامونديءَ" مان ڪجهه بيت پيش ڪرڻ جو هڪ منهنجو مقصد هي به هو ته جيڪي ماڻهو سفر تي وڃن ٿا، ڪجهه تن جو ذڪر ڪريان ۽ ڪجهه تن ماڻهن جو، جيڪي سفر تي ويندڙن جو پنهنجي اباڻي ُتو ۾ انتظار ڪن ٿا. ان کان سواءِ ڪجهه ڳالهيون سفر بابت به ڪجن.

دوستو! سفر ڪي زندگيءَ ۾ ضروري ڄاتو ويو آهي ۽ ان جي اهميت کان ڪو به سمجهو ماڻهو انڪاري ناهي. سفر سان ماڻهوءَ کي مختلف ماڳ ۽ مڪان گهمڻ جو موقعو ملي ٿو. ماڻهو انهن ماڳن مڪانن جي تاريخ، جاگرافيءَ، اهميت، ڪردار ۽ ڪارج کان آگاهه ٿئي ٿو.... سفر ۾ ماڻهو جيڪي تاريخي ۽ ثقافتي جڳهون ڏسي ٿو، ان سان سندس تاريخي ۽ سماجي شعور ۾ پڻ وڌو واڌارو ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته هر تاريخي ۽ ثقافتي جڳهه جو هڪ پس منظر ٿئي ٿو، جنهن مان اهو گذري ٿو. مثال طور موهين جو دڙو اسان سنڌين جو تاريخي ۽ املهه ماڳ ۽ ثقافتي ورثو آهي. اهو اسان جي سنڌو ماتر سڀيتا جي 5 هزار سالن جي تاريخ ۽ آواز آهي، اهڙو آواز جنهن کي صدين جي صدا آهي. اها صدا ماضيءَ کان مستقبل ڏانهن وڌندي رهي آهي. موهين جو دڙو اسان جي سڃاڻپ جو مهڙيون نشان آهي جنهن کان سواءِ اسان ماضيءَ جي عظمتن کان وانجهيل آهيون....اهڙيءَ ريت چين جي تاريخي ڀِت، انڊيا جي تاج محل، اٽليءَ جي پِيسا ٽاور ۽ لاهور جي شاهي قلعي جي پڻ تاريخ آهي، جيڪا اهي ماڳ ڏسڻ سان اسان کي حاصل ٿئي ٿي.

سفر ۾ ماڻهوءَ کي مختلف ماڳن مڪانن ۽ تاريخي جڳهن کان سواءِ، اهم ملڪن، شهرن ۽ ڳوٺن کي ڏسڻ وائسڻ جو پڻ موقعو ملي ٿو. جيئن ماڳن مڪانن جو پس منظر ٿئي ٿو، ايئن ملڪن، شهرن ۽ ڳوٺن جو پڻ پس منظر ٿئي ٿو.... اهڙا تاريخي واقعا ٿين ٿا جن مان ملڪ، شهر ۽ ڳوٺ گذرن ٿا. ان ڪري ئي اهڙيون تاريخون لکڻ کي وڏي اهميت حاصل هوندي آهي جنهن مان ملڪن، شهرن ۽ ڳوٺن جو اڀياس ٿيندو هجي، ڇاڪاڻ ته ان سان تمدني ۽ تهذيبي سفر بابت ڏاڍي اهم ڄاڻ ملندي آهي. مثال طور ٺٽو شهر سنڌ جو قديمي تخت گاهه رهيو آهي جنهن کي ظالمن ۽ قوڙن باهيون ڏئي تباهه ۽ برباد ڪيو، شڪارپور شهر، جنهن کي سنڌ جو پيرس هجڻ جو شرف حاصل هو، خدا آباد ڳوٺ، جيڪو ڪلهوڙا حڪمرانن جو گاديءَ جو هنڌ هو.... حاصل مقصد ته هر ملڪ، شهر ۽ ڳوٺ جو اڀياس سماجي معاشرت جي لحاظ کان پڻ وڏي رهبري ۽ رهنمائي ڪري ٿو، جنهن کي ضرورسمجهڻ گهرجي ۽ ان مان پرِائڻ گهرجي.

سفر ۾ ماڻهوءَ جو انيڪ ٻين ماڻهن سان پڻ ملڻ ٿئي ٿو. مختلف ماڻهن سان ملڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، کائڻ پيئڻ، ُ لَٿا ويني ڪرڻ، مطلب ته ُگذارڻ سان ماڻهوءَ کي ٻين ماڻهن جي روين، مزاجن، ريتن، رسمن جي خبرچار پوي ٿي. ڪهڙا ماڻهو ملنسار ۽ ڪهڙا خشڪ آهن، اِن جي ڪٿ ٿئي ٿي. ڪهڙا ماڻهو سات نڀائيندڙ آهن ۽ ڪهڙا

سات چڙي ويندڙ آهن، ڪهڙا ڏکيءَ سکيءَ ۾ ساڻ رهندڙ ۽ ڪهڙا مفاد پرست آهن، ان جي آگاهي ٿئي ٿي. ان ڪان سواءِ ماڻهن جي نسلن، ٻولين، لهجن، لوڪ روايتن ۽ رسمن ڪان ماڻهو سفر ذريعي بخوبي واقف ٿئي ٿو. ڪجهه ماڻهن وٽ رهائش دوران ڪٿي مهينا ته ڪجهه ڏينهن برابر ٿين، ته ڪٿي ٿورڙا پل به ڳورا ٿيو پون. ڪن ماڻهن سان ملڻ دوران ويجهڙائيءَ جو احساس جيءَ جذبن ۾ جاڳي پوي، ته ڪٿي وري اوپرائپ ايڏي ته وڌيل محسوس ٿئي جو هڪ گهڙي گڏ گذارڻ به عذاب ٿيو پوي. مطلب ته نِت نون تجربن ۽ تجزين مان ماڻهو گذري ٿو، جڏهن هُو سفر ۾ ٻين ماڻهن سان ملي ٿو. ان سان ماڻهن جي انفرادي توڙي اجتماعي لاڙن ۽ رجحانن جي ڪٿ ٿئي ٿي، جنهن مان مجموعي بهتريءَ جي واٽ به ڳولي سگهجي ٿي ۽ ان تي اڳتي وڌي به سگهجي ٿو.

اهي ته ٿيون سفر بابت 'ٻاهريون' ڳالهيون، جيڪي مسافر لاءِ هر لحاظ ڪان فائدي واريون آهن. ٻئي طرف ڪي ماڻهو هوندا آهن جيڪي اڪيلي سِر سفر ڪندا آهن ۽ ڪي وري گڏجي ٽولن جي صورت ۾ هِتي هُتي گهمندا ڦرندا آهن. ڪنهن جي سفر جو مقصد سهڻيون جايون ۽ جڳهون ڏسڻ هوندو آهي، ته ڪنهن جو تفريح ڪرڻ. ڪو ماڻهو شوقيه سفر ڪندو آهي، ته ڪو وري دنيا جهان جي خوبصورتيءَ کي پنهنجن نيڻن ۾ سمائڻ چاهيندو آهي. ڪو ماڻهو ضرورت ڪارڻ سفر ڪندو آهي يعني روزگار سانگي، ته ڪو وري روزگار ڪرڻ ڪان پوءِ ٿڪ ڀڃڻ لاءِ سفر اختيار ڪندو آهي. ڪي ماڻهو سفر ڪري وساري ڇڏيندا آهن، ته ڪي وري سفر جي لمحن کي يادگار بڻائيندي سفرناما لکندا آهن ۽ ان ريت ٻين ماڻهن کي به ڄڻ ته پاڻ سان گڏ گهمائيندا آهن.... سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا سفرناما لکندڙن ۾ جناب الطاف شيخ جو نالو انتهائي اهم آهي، جنهن 50 ڪان وڌيڪ سفرناما ۽ ٻيا ڪيئي ڪتاب لکيا آهن ۽ دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهميا آهن. اها به هڪ وڏي ڪارائتي سرگرمي آهي ته ماڻهو ملڪ ۽ شهر گهمندو رهي، اتان جي سماجن ڪان آگاهه ٿيندو رهي، شهرن ۽ ڳوٺن جي فطرتن جو اڀياس ڪندو رهي ۽ قدرتي ۽ ماڻهوءَ جي ڏنل حسناڪين کي داد ڏئي. ان ڪان سواءِ پنهنجن ديس واسين کي به ان ڪان آگاهه ڪري.

***

(سرجيل: 31 جولاءِ 2011ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 27 نومبر 2011ع)

# ٻاري ڏيئا اڪڙين ۾

ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان ملڻ ٿئي، ته جدا ٿيڻ يعني وڇڙڻ به. ملڻ سان عام طور ماڻهوءَ کي خوشي ۽ سرهائي ٿيندي آهي، ماڻهوءَ کي سڪون ملندو آهي، سندس اکين کي ٺار محسوس ٿيندو آهي، ۽ ٿورن لفظن ۾ چئجي ته ملڻ سان ماڻهوءَ کي اطمينان نصيب ٿيندو آهي. جڏهن ته وڇڙڻ سان ماڻهوءَ کي ڏک ٿيندو آهي، ماڻهو تڪليف ۽ پيڙا مان گذرندو آهي، وڻندڙ منظر ڦڪا ڦڪا ٻڄي پوندا آهن، ماڻهو پاڻ کي اداس ۽ اڪيلو محسوس ڪندو آهي، ۽ ڪجھ لفظن ۾ چئجي ته ڪنهن شيءِ ۾ دل ناهي لڳندي.

ملڻ ۽ وڇڙڻ، زندگيءَ جي هلچل جا لازمي جزا آهن. ڪڏهن ملڻ، ته ڪڏهن وڇڙڻ، سلسلو هلندو رهندو آهي. ڪجھ ماڻهن سان اسان ڪڏهن چاهيندي به ملي نه سگهندا آهيون، ته ڪڏهن ڪن ماڻهن سان اتفاقي طور ايئن ملي ويندا آهيون، جو يقين ئي نه ايندو آهي. اهي وارداتون ڏاڍيون عجيب آهن. ملڻ ۽ وڇڙڻ جون وارداتون عجيب ۽ لذت ڀريا احساس من ۾ پيدا ڪنديون آهن. ڪڏهن ملڻ سان وڇوڙو ياد ايندو آهي، ته ڪڏهن وري وڇوڙي سان ملڻ. ڪڏهن ملڻ ۾ وڇوڙو سمايل هوندو آهي، ته ڪڏهن وڇوڙي ۾ وري ملڻ سمايل هوندو آهي.

جڏهن اسان ڪنهن اهڙي ماڻهوءَ سان ملندا آهيون جيڪو، جيڪڏهن اسان جي محبتي ۽ منڙن ماڻهن ۾ مرڪندڙ چهري ۽ سڪ ڀريا گفتا ڳالهائيندڙن منجهان هوندو آهي، ته اسان کي اڻ مئي خوشي ٿيندي آهي. اهڙي ماڻهوءَ سان ڪچهري ڪرڻ ۾ اسان کي بيحد مزو ايندو آهي. اسان جي دل چاهيندي آهي ته گهڻي کان گهڻو وقت ان ماڻهوءَ سان گڏ گذري، ته جيئن هن جو پيار اسان جي دل جي ڌڙڪنن ۾ شامل ٿيندو رهي. اسان ان محبتي ماڻهوءَ کان ڪو هڪ پل به پري ٿيڻ نه ٿي چاهيندا آهيون ۽ نه ئي ڪو هڪ پل به پري رهي سگهندا آهيون. جيتوڻيڪ منڙي ماڻهوءَ سان وقت عام رفتار جيان ئي گذرندو رهندو آهي، پر اهو اسان کي ايئن لڳندو آهي ڄڻ روشنيءَ جي رفتار سان اڏامندو ويندو هجي. اهڙي سمي وقت کي ڄڻ پر ته نه لڳل هوندا آهن، پر وقت براق تي سوار هوندو آهي ۽ اک ڇنب وانگر ٽلندو ويندو آهي. منڙي ماڻهوءَ کان جدا ٿيڻ تي هڪ ته دل ئي نه چاهيندي آهي، پر جيڪڏهن لاچاريءَ مان ڌار ٿيڻو به پوندو آهي، ته به اها ئي خواهش رهندي آهي ته شال جلد ئي ٻيهر، ٻيهر ۽ هر هر ملڻ ٿئي.

عام ماڻهوءَ جي وڇڙڻ سان ته ڪو خاص اثر شخص تي ناهي ٿيندو، جيتوڻيڪ جيڪڏهن ان ماڻهوءَ سان ڪي چار پل گڏ گذرندا آهن، ته ان جي وڇڙڻ سان به تڪليف ٿيندي آهي ۽ ڏک رسندو آهي، پر جڏهن ڪو پرين پيارو ماڻهو وڇڙندو آهي

تہ ڏاڍو وڏو ڏک رسندو آهي ۽ ماڻهو جڻ تہ ُتي، ڀڃي، ڀُري پوندو آهي. چاڪاڻ تہ اول تہ ماڻهو اهڙي پرين پياري، من جي منڙي کان پري ٿيڻ ئي نہ گهرندو آهي. ٻُڌل کان ڇڄڻ ئي نہ چاهيندو آهي. ان ماڻهوءَ سان محبتن جي ابتدا ان هنڌان ئي هوندي آهي، جتي ان سان محبتن جون انتهائون هونديون آهن. ٻئي طرف ڪنهن ماڻهوءَ جو وڇڙي وڃڻ ڪو عام واقعو بہ ناهي. اهو تہ خاص الخاص واقعو آهي، خاص ڪري جڏهن اهو وڇڙڻ عارضي بدران دائمي هجي. اهڙو وڇڙڻ پنهنجا مستقل اثر اسان جي زندگيءَ تي ڇڏيندو آهي، جن مان نڪرڻ ۾ يا جن کي سهڻ ۾ ڪيئي ورهہ لڳي ويندا آهن ۽ اهڙي وڇڙڻ جا گهاو تنهن وقت وري ُتلي پوندا آهن جڏهن ان ماڻهوءَ جو ذڪر نڪرندو آهي يا ان جي ياد اوچتي ئي اوچتي دل جي اندرين َتهن مان اپري، اکين ۾ ڳوڙهن جي روپ ۾ ظاهر ٿي پوندي آهي.

ملڻ ۽ وڇڙڻ جي موضوع تي، ادب ۽ شعر جي دنيا ۾ گهڻو ئي لکيو ويو آهي. هتي موقعي جي نسبت سان، نائين صدي عيسوي جي هڪ جپاني شاعره اونونو ڪماچي جا ان حوالي سان نهڪندڙ ٽي ننڍڙا نظم اوهان اڳيان پيش ڪيان ٿو، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل هڪ ڪتاب ”دنيا جون شاعر عورتون“ (2006ع) ۾ پڙهيا اٿم:

(1) هڪ ُگل جيڪو ڪومائجي وڃي ٿو
بنا ڪنهن کي نظر اچڻ جي
اهو آهي هن دنيا ۾
انسان جي دل جو گل.

(2) هيءَ چنڊ بنا رات آهي
هن سان ملڻ جي ڪا واٽ آهي؟
چاهت کان چري بنجي
جاڳيءَ منجهہ دل ڌڙڪي ٿي
۽ ڪو باهہ جو شعلو پڙڪي
دل کي ورائي وڃي ٿو.

(3) ايڏي تہ اڪيلي آهيان
جڻ ڪو ترندڙ اڪيلو پن
تاريءَ کان ڇڳل
پاڻيءَ جي وهڪري سان
وهندو وڃي وياڪل.

انهن نظمن ۾ ملڻ، وڇڙڻ ۽ وڇڙڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ اڪيلائيءَ جا احساس آهن. هن موقعي تي بي واجبي ٿيندي، جيڪڏهن ڪجهہ بيت سنڌي شعري ادب مان پيش نہ ڪريان، چاڪاڻ تہ سنڌي شاعري جا دفتر بہ ملڻ ۽ وڇوڙي جي حوالي سان ڀريا پيا آهن ۽ انهن ۾ ايڏا تہ خوبصورت شعر سرجيل آهن، جو ڇا چئجي! اهڙو

شعرن جو انتخاب ڪرڻ پڻ هڪ وڏو مسئلو آهي، ان ڪري جيڪڏهن ڪو شعر اوهان جي دل جي تارن کي هن وقت ڇهي نه سگهي، ته دل ۾ نه ڪندا، ممڪن آهي ڪنهن ٻئي وقت اهو اوهان کي وڻي وڃي!

حضرت شاهه لطيف سائين وڇوڙي جي حوالي سان فرمائي ٿو:

ننگر ۾ ناريون، پڳهه ڪٽي پنڌِ پيا،
بندر بازاريون، سُڃا ساموندين ري.

سچل سرمست فرمائي ٿو:

رُئڻ زارو زار، راتو ڏينهان آهه مون،
ڪوڙي ڪاڻ قريبُ ويو، هينئڙي منجهه هزار،
هن گوليءَ جي ڳُفتار، ڪا ٻُڌيءَ و ٻاروچن ۾؟

پائي چنڊراءِ "سامي" چوي ٿو:

وڏو وڇوڙو، مُورک پاڻ پرين کون،
ڏيئي وينو گهرَ کي، ا ـِوِديا جو اوڙو،
سامي رکي ڪينکي، مُحبَ ڏي موڙو،
ٻُڌي نه ٻوڙو، دانهان دردونِ جون.

ملڻ ۾ وڇوڙي جي حوالي سان ڪجهه ٻيا ٻه وٽندڙ شعر ويهين صديءَ جي شاعرن جا اوهان آڏو پيش ڪريان ٿو.

هري درياني دلگير چوي ٿو:

واٽ تنهنجي ٿو تڪيان، ٻاري ڏِيا اکڙين ۾،
ختم ٿي عمر، نه مون آس ڇِلي، ڏِس ته سهي!

شيخ اياز چوي ٿو:

واري ڇڏيو مون، تو سان ملڻ آسرو،
پوءِ به تون ئي تون، ڇا جي لاءِ تنوار ۾.

سگڻ آهوجا چوي ٿو:

توکي اتان ڪٽي وڃي، دل ۾ ڏسان پيو،
منهنجي ڏسڻ کي ڳول نه منهنجي نهار ۾.

مشهور ليکڪ امر جليل چوي ٿو: "وصال محبت جو زوال آهي ۽ وڇوڙو محبت جي معراج آهي." لاءِ ان کان سواءِ ڪنهن ٻاهرئين ليکڪ جو چوڻ آهي: .وڇوڙو پيار لاءِ ايئن آهي جيئن باهه لاءِ هوا، جيڪا ننڍڙي شعلي کي اُجهائي ڇڏيندي آهي ۽ وڏيءَ باهه کي پنيٽ ڪندي آهي."

***

(سرجيل: 7 آگسٽ 2011ع. ڇپيل: روزاني "عبرت" حيدرآباد، 15 جنوري 2012ع)

# آزادي ۽ غلامي

”آزادي“ دنيا ۾ بيحد چاهيو ويندڙ ۽ ان جو ضد ”غلامي“ تمام گهٽو ننديو ويندڙ لفظ رهيو آهي. ماڻهن آزاديءَ لاءِ سوين سالن تي محيط جدوجهدون ڪيون آهن، ٻين لفظن ۾ ماڻهن غلاميءَ مان نڪرڻ لاءِ يا غلاميءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ سوين سالن تائين جدوجهدون ڪيون آهن ۽ هلچلون هلايون آهن.... آزادي ۽ غلامي هڪ ئي جدوجهد جا ٻہ ابتڙ يا مخالف پاسا آهن. هڪ يعني آزاديءَ کي حاصل ڪبو تہ ٻيءَ يعني غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ملندو، جيڪڏهن هڪ يعني آزادي وڃائي ويهبي، تہ ٻيءَ يعني غلاميءَ ۾ ڦاسي وڃبو. آزاديءَ جو ملڻ غلاميءَ مان نڪرڻ آهي، تہ آزاديءَ کي وڃائڻ غلاميءَ ۾ وڃڻ آهي....

هڪ طرف آزاديءَ لاءِ ڪڏهن تہ ڪيئي سالن تائين جدوجهدون ڪرڻيون پونديون آهن ، لاتعداد قربانيون ڏيڻيون پونديون آهن، گهڻو ڪجھ سهڻو پوندو آهي، تہ ٻئي طرف هڪ لمحي جي غلطيءَ يا غفلت سان آزاديءَ کان محروم بہ ٿي پئبو آهي، جنهن مان وري نڪرڻ لاءِ، غلاميءَ جي مليل ان ڀيانڪ نتيجي مان نڪرڻ لاءِ، ٻيهر وڏي عرصي تائين ڪي قومون تہ جدوجهد بہ هلائي نہ سگهنديون آهن. ان ڪري ڪا بہ قوم پنهنجي آزاديءَ جي معاملي ۾ ڏاڍي حساس هوندي آهي، قوم جا ماڻهو ڪنهن بہ قيمت تي پنهنجي آزاديءَ تان هٿ ڪڻڻ لاءِ، آزاديءَ کي وڃائڻ لاءِ، تيار نہ هوندا آهن. اهي قومون ۽ اهي ماڻهو ئي بدنصيب هوندا آهن، جيڪي پنهنجي آزادي وڃائي ويهندا آهن....

سنڌجي عظيم شاعر شيخ اياز جو هڪ قومي نظم اوهان جي نذر ڪيان ٿو:

مان توکي گيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

هي گيت گلابي ڦهڙُوڦڙ جا،
هي گيت شرابي ڦهڙُوڦڙ جا،
هي ساوڻ جا من پاڻوڻ جا،
هي آگم آگم آنوڻ جا،
هي گيتُ اڃايل مورن جا،
ريتيءَ تي ڪنڌ - ڪنوَڻن جا،
هي گيت سُنهريءَ سنڌوءَ جا،
جا سُپنا آهي سانجهيءَ جا ـ
هي گيت ڪِرڻن طوفانن جا،
هي گيت لَٿل انسانن جا،

هي گيت روپهري ٻانهن جا،
۽ دوريءَ جا ۽ دانهن جا،
گهنگهور گهٽا جئن جوانيءَ جا،
پُرشور هوا جئن جوانيءَ جا،
هي گيت رسيلن رنگن جا،
يا جهولا مستيءَ لمنگن جا!
هي گيت نِڪورن ٿانون جا،
۽ لانون جا ۽ چانون جا،
هي گيت رُسڻ جي راتين جا،
۽ لڪ لڪ ڪندڙين ٻاتين جا،
هي گيت برهه جي ٻانديءَ جا،
۽ سهڻين جي سيرانديءَ جا،
۽ وارن ڪارن ڪارن جا،
هي گيت سُڳنڌي سارن جا،
هي گيت جدائيءَ جهوريءَ جا،
۽ لونءَ لونءَ ڪنهن جي لوريءَ جا،
۽ هر هر هنجون هارڻ جا،
هي گيت لڪارڻ ڪارڻ جا.

ڪنهن وقت هوا ڪان هلڪا ها،
هي گيت جهڙاليءَ جهلڪا ها،
ڪنهن وقت اِهي ڪِنيير هيا،
ڪنهن اونهيءَ سَٽن جو نِيرُ هيا،
هي گيت ڏياڙيءَ ڏرتيءَ جا،
۽ داٽي پاٽيءَ ڏرتيءَ جا،
هي گيت لهوءَ جي لُڙڪن جا،
هي گيت سلهاڙيل سُڏڪن جا،
هي گيت ڏاڙل ڳيرن جا،
۽ آنڌيءَ ۾ آڪيرن جا،
هي گيت بکايل ٻارن جا،
۽ مستقبل جي تارن جا،
دردماندن جا، مزدورن جا،
۽ ڪيتيءَ ڪيتيءَ ڪورن جا،
زنجيرن جا، زندانن جا،
۽ لوهه - لڳين انسانن جا،
۽ سوريءَ تي سرواڻن جا.

هي گيت لمرُ لهجاڻن جا،
هي گيت ڪُليل ميدانن جا،
۽ جندڙيءَ جي جولانن جا،
هي گيت اجهل آزاديءَ جا،
۽ ٻانهن - ٻل آزاديءَ جا،
جو ڪيري ڪوٽ غلاميءَ جا،
هي گيت انهيءَ هر عاميءَ جا.

مون توکي ڇا ڇا گيت ڏنا!
ڇا شبنم شعلا گيت ڏنا!
ڇا سپنا سپنا گيت ڏنا!
ڇا سُندرتا جا گيت ڏنا!

مان توکي جيت ڏيان اي ڌرتي!
تون مون تي زنجير وجهين!

آزاديءَ ۽ غلاميءَ تي انسان جي سماجي سٽاءَ ۾ اڄڻ سان ئي گهڻو ڪجهه ڳالهايو ۽ لکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته آزاديءَ ۽ غلاميءَ کي ذاتي يا انفرادي مقصدن ۽ مطلبن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پڻ مطلبي ماڻهن پاران استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪان بچڻ لاءِ سچن ماڻهن لازوال هلچلون هلائي آجپو به ماڻيو آهي. ڪن حالتن ۾ ته ايئن به ٿيو آهي ته قوم ۽ وطن کي مجڻ کان نابري واريندي انهن جو انڪار پڻ ڪيو ويو آهي. ان حوالي سان تنبيهه ڪندي، سنڌ جي نامور دانشور سائين محمد ابراهيم جويي صاحب جو چوڻ آهي: ”وطن جي انڪار جو فلسفو يا نظريو محڪوم ۽ مظلوم قومن لاءِ هر صورت ۽ هر حالت ۾ تباهيءَ ۽ ذلت جو فلسفو آهي ۽ اهو فقط ملڪ جا غدار ۽ ملڪ جا دشمن پيش ڪندا ۽ پکيڙيندا آهن.“ (ڪِي جو بيجل بوليو، مهاڳ)

جيئن ته آزاديءَ سان انسانذات کي حقيقي مسرتون ۽ خوشيون ملن ٿيون، جنهن لاءِ اديب، شاعر ۽ فنڪار پڻ پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن، تنهنڪري ان نسبت سان چاهيان ٿو ته اوهان کي هي پئراگراف به ٻڌايان، جنهن ۾ اهڙيءَ خواهش جو ذڪر ڪيل آهي، جيڪا اسان مان هر هڪ کي رکڻ گهرجي ۽ ان لاءِ جدوجهد به هلائڻ گهرجي. ”پئبلو نرودا چوي ٿو: ’مان جو ڪجهه ڏسان ٿو ۽ محسوس ڪريان ٿو، سو ئي لکان ٿو. منهنجي شاعريءَ ۾ سونهن ۽ عظمت ان ڪري آهي جو مان سموري انسانذات جي خوشين ۽ آرزوئن جو وڪيل آهيان. مان چاهيان ٿو ته مسرتون ۽ خوشيون ساري انسانذات جو مقدر بڻجن.“ (رشيد ڀٽي، مضمون ”شيخ اياز جي شاعريءَ جو سياسي ۽ ادبي پس منظر“، ڪتاب: شيخ اياز (سنڌي ادب ۾ تنقيد)، مرتب: جامي چانڊيو، ص 27، سال 1998ع، ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي)

(سرجيل: 14 آگسٽ 2011 ع)

# سچن ماڻهن کي هارائڻ ممڪن ناهي

هجري سال 1432 جو نائون مهينو رمضان شريف اڄ رات کان پنهنجي آخري ڏهي جي شروعات ڪري چڪو آهي. اڄ 20 روزا خير سان پورا ٿيا.

اڄ چنڊ جي ايڪيهين رات آهي. برڪتن ڀريئي مهيني ۾، هن تاريخ کي اونداهيءَ ۾ بيحد ڏک ڀري تاريخ جي حيثيت حاصل آهي، جو ايڪيهين رمضان تي، نبي سڳوري حضرت محمد مصطفىٰ ﷺ جي پياري سؤٽ ۽ تاريخ اسلام جي چوٿين خليفي حضرت علي ڪرم الله وجهه کي شهيد ڪيو ويو.

حضرت علي عليہ السلام جو تعارف صرف اهو ناهي ته هو نبي ﷺ جو پيائٽيو ۽ چوٿون خليفو هو، پر هو تمام گهڻو بهادر، بردبار، فهميده ۽ ڏاهو انسان هو. هو انصاف ڪندڙ يعني بهترين منصف ۽ صاحبِ ڪتاب انسان هو، جنهن نهج البلاغہ جهڙو لاثاني ڪتاب لکيو ۽ عربي ٻوليءَ ۾ "ديوانِ علي" جي تخليق ڪئي. نبي سڳوري ﷺ جي حضرت علي عليہ السلام جي حوالي سان مشهور حديث آهي: "اِنَا مدينة العلم و علي بابها." يعني "مان علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي."

ان حديث ۾ نہ رڳو حضرت علي عليہ السلام سان محبت واري نسبت جو اظهار ڪيل آهي، پر حضرت علي عليہ السلام جي علم ۽ ڄاڻ، فهم ۽ فراست جي هڪ سند پيش ڪيل آهي، جنهن کان وڌ ٻيءَ ڪنهن سند جي ڪا حيثيت ئي ناهي.

علي سائين يقيناً اهڙي شخصيت هو، جنهن کي نہ صرف هڪ اهم اسلامي شخصيت طور، پر هڪ مدبر ۽ عالم طور بہ، دنيا جي انت تائين نہ صرف ياد رکيو ويندو، پر سندس ذڪر بہ ادب ۽ احترام سان ڪيو ويندو. اچو تہ سندس ڪجهہ چوڻين تي هڪ نظرِ ڦيريون ٿا، جن ۾ انساني بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ جا انيڪ سبق سمايل آهن.

حضرت علي عليہ السلام فرمائي ٿو:

* ماڻهن سان اهڙو رويو رکو، جو اوهان زنده رهو تہ توهان جا مشتاق هجن ۽ مري وڃو تہ اوهان لاءِ روئن.
* جنهن جي رفتار کي عمل سست ڪيو آهي، حسب نسب ان جي رفتار کي تيز نہ ٿو ڪري سگهي.
* تمنائون چڏي ڏيڻ سڀ کان وڏي دولت آهي.
* عقل جهڙي ڪا بہ دولت ناهي، تدبير جهڙو ڪو عقل ناهي، پرهيزگاري جهڙي ڪائي شرافت ناهي، ادب جهڙي ڪائي ميراث ناهي ۽ خوش خلقِي جهڙو ڪو رويو ناهي.

* جيڪو اعتدال سان خرچ ڪندو، اهو تنگ دست ڪڏهن به نہ ٿيندو.
* ماڻهو جنهن ڳالهہ کان لاعلم هوندا آهن، ان جي مخالفت ڪندا آهن.
* ڪنهن قوم جي ڪردار تي خوش ٿيڻ وارو ڄڻ تہ ان قوم وارن مان ئي هو.
* توهان جا دوست ٽي آهن: هڪ توهان جو دوست، ٻيو توهان جي دوست جو دوست ۽ ٽيون توهان جي دشمن جو دشمن.
* توهان جا دشمن بہ ٽي آهن: هڪ توهان جو دشمن، ٻيو توهان جي دوست جو دشمن ۽ ٽيون توهان جي دشمن جو دوست.

حضرت علي عليہ السلام هڪ بهادر شخص هو، پر هن جي بهادري پنهنجيءَ ذات جي مشهوريءَ لاءِ نہ هئي. سندس بهادري اسلام ۽ عالمِ اسلام جي متيرائيءَ لاءِ وقف هئي. هو ڪنهن بہ ويڙهہ ۾ پنهنجي ذاتي غرض کي شامل نہ ڪندو هو ۽ ذاتي دشمن کي معاف ڪري ڇڏيندو هو. اهڙي بهادر ۽ انصاف پسند اعلیٰ انسان کي ويڙهہ ۾ شڪست ڏيڻ ممڪن نہ هو، ان ڪري ئي کيس ڌوکي سان شهيد ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ سچن ماڻهن کي سڌيءَ طرح هارائڻ ممڪن نہ هوندو آهي، انهن کي ڌوکي ۽ مڪاريءَ سان ئي هارائي سگهبو آهي.

پر، اها هار اصل ۾ فريبيءَ جي ئي شڪست هوندي آهي. فريبي پنهنجي ڪٽي مقصد کي پورو ڪري بہ هارائي ويندو آهي ۽ شهيد ٿيندڙ هارائي بہ فتحمند هوندو آهي، سندس وجود زمانن پڄاڻان بہ سرخرو هوندو آهي. دوستو، بهادريءَ جي حوالي سان حضرت علي عليہ السلام چوي ٿو:

* دلير اهو شخص آهي جيڪو گناهہ کان پاڪ آهي. جنهن ۾ عيب هجي، اهو بزدل ٿيندو آهي.
* جيڪڏهن پنهنجي دشمن تي قابو پائڻ چاهيو ٿا تہ هن جو مهرباني مجيندي، کيس معاف ڪري ڇڏيو.

***

دوستو! هر قوم ۾ ڪيئي ريتون، رسمون ۽ روايتون هونديون آهن، جيڪي صدين جي عمل مانُ ڦٽي نڪرنديون آهن ۽ ان قوم جي مجموعي سڄاڻپ جو هڪ عمومي خاڪو جوڙي پيش ڪنديون آهن، پوءِ کي ريتون، رسمون ۽ روايتون بهتر هونديون آهن، تہ ڪي بدتر، تڏهن بہ عام طور بهتر ريتون، رسمون ۽ روايتون سرسُ هونديون آهن. ان لحاظ کان سنڌي قوم جون بہ ڪيئي ريتون ۽ روايتون آهن، جيڪي ان جو خاڪو جوڙن ٿيون. هتي ان لحاظ کان تفصيل سان ڳالهائڻ جي گنجائش گهٽ آهي، ان ڪري مان اوهان اڳيان هڪ سٺي ريت ۽ روايت جو ذڪر خاص طور ڪندس، جيڪا اسان جي ڏيهاڙي زندگيءَ جو حصو آهي. اوهان ڏٺو هوندو، تہ بسن ۾ سفر دوران سڀ کان پهرين سمورن مردن کان ياڙو ورتو ويندو آهي ۽ پوءِ مُنشي انهن

زائفن کان پاڙو وٺندا آهن جيڪي ٻارن ڏُوڌو يا اڪيليون هونديون آهن، سو به ان ريت ته انهن جي مٿي تي هٿ رکي انهن کان پاڙي جي ُگھر ڪندا آهن. ان طرح ٻيون عورتون ڏُکون سان ويٺيون هونديون آهن ۽ مُنشي انهن کان پاڙي جي تقاضا ناهن ڪندا. اها هڪ بهتر روايت آهي، جيڪا ان سڄي ساٿ ڪي خوبيءَ سان نبيري ٿي.

ٻيون به ڪيئي ريتون ۽ رسمون اسان جي سماج ۾ پنهنجو فعال ڪردار ادا ڪنديون رهن ٿيون ۽ اسان جي قومي رويي جي عڪاسي ڪن ٿيون. مثال طور رمضان جي مهيني ۾ ڪنهن کي ڪائڻ پيئڻ جي صلاح نه ڪرڻ جي ريتِ مذهبي احترام جي نشاندهي ڪري ٿي، وڏن سان ُلڻي بيهي ملڻ جي ريت ڪين ماڻ جو بهترين اظهار آهي، ٻئي جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌڻ جي ريت مان پنهنجائپ جو به احساس جاڳي ٿو، ته اڳلي کي پنهنجي اهميت به محسوس ٿئي ٿي، دوست سان ڀاڪر پائي ملڻ سان دوستيءَ کي به جڻ ته ڀاڪر ۾ پرجي ٿو، ان سان دوست ۽ دوستي مضبوط ٿئي ٿي، ڪنهن مخاطب کي ”جِي سائين“ سان وراڻي ڏيڻ جي ريت مان اڳلي کي عزت ڏيڻ جو اظهار ٿئي ٿو، بسن ۾ بيٺل عورتن ۽ بزرگن کي جڳهه ڏيڻ مان ڪين احترام ۽ ماڻ ڏيڻ جي ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿي، ٻارن کي ماڻهو سٺي تعليم ڏيارڻ چاهن ٿا ۽ اهڙو اونو رکن ٿا ۽ ڪوششون ڪن ٿا، جا چڱي ڳالهه آهي. اها ريت اڳتي هلي اجا به بهتر نتيجا ڏيندي....

ٻئي طرف کي اهڙيون ريتون به اسان کي سماج ۾ ُلرنديِ، وڌندي ويجهندي نظر اچن ٿيون جيڪي نه ٿيڻ گهرجن. مثال طور اسان جي سماج ۾ سهپ جي جيئن پوءِ کوٽ ٿيندي پئي وڃي. ماڻهو ٻئي جي ڳالهه کي ٻڌڻ، سمجهڻ ۽ سهڻ لاءِ تيار ناهي. دوستن ۽ واقفن سان ڳارين سان مخاطب ٿيڻ جو رجحان وڌندي نظر اچي ٿو. هر هڪ ماڻهو ٻئي ماڻهوءَ کان اڳ ڪيڏڻ جي ڪوشش ۾ ڏيکارجي ٿو، پوءِ ڀلي ته ٻئي جو ڪيترو به ۽ ڪهڙو به نقصان ٿئي. قطار ناهي پنهنجي واري تي معاملو نبيرڻ جي سٺي ريت ادارن ۾ وڌندي نظر نه ٿي اچي. هر هڪ ماڻهو وٺ سٽ ۾ لڳو پيو آهي، عجيب بي چيني ءُ لڏ تڻ آهي جيڪا ماڻهن ۾ وڌندي پئي وڃي جنهن تي سوچڻ لاءِ ڪو تيار ناهي. اسان جي تعليم ۽ تعليمي ادارا، صحت ۽ ان جا ادارا، قانون ۽ ان جا ادارا، ۽ ان ريت ٻيا ڪيئي شعبا ۽ ادارا پنهنجو ڪارج ۽ ڪردار وڃائيندي نظر اچن ٿا، پر ڪو به ان بابت سوچڻ، لوچڻ ۽ اپاءُ وٺڻ لاءِ تيار ناهي، جا ڳالهه يقيناً اسان جي سماج کي تمام وڏو مقصان ڏئي رهي آهي ۽ جيئن پوءِ ٿيئن اهو نقصان وڌندو ويندو، تان جو ان جو تدارڪ ڪرڻ به ممڪن نه رهندو. ان طرف سوچڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

***

(سرجيل: 21 آگسٽ 2011ع)

# عيد مبارڪ

ٻن يا ٽن ڏينهن کان پوءِ، پهرينءَ شوال تي، فطري واري عيد ٿيڻي آهي، جنهن کي عوامي ٻوليءَ ۾ روزن يا رمضان واري عيد ۽ پڙهيل حلقن ۾ عيدالفطر چيو ويندو آهي. عيد جي فلسفي ۽ فطري بابت گهڻن ئي عالمن تفصيل سان ڪتاب به قلمبند ڪيا آهن، ته تقريرن ۽ خطبن ۾ به ويچار ونديا آهن، جن جو ورجاءُ ايندڙ عيد تي پڻ لفظن جي ڦٽ سٽ سان ڪيو ويندو. هتي اسان ان حوالي سان وڌيڪ ڪجھ چوڻ جي جسارت ڪو نه ٿا ڪريون، جو پنهنجي ايتري علميت ۽ عمليت ناهي. البت، ايترو سادگيءَ سان ايترو عرض ضرور ڪبو ته عيدجو ڏينهن، هڪ خوشيءَ جي موقعي تي ٻين انسانن کي پنهنجيءَ خوشيءَ ۾ شريڪ ڪرڻ جو ڏينهن آهي. هيءُ ڏينهن نه صرف پنهنجن عزيزن قريبن سان ملڻ جو ڏينهن آهي، پر ويجهو ۽ پري کان کهي آيل دوستن ۽ ساٿين سان ٿهڪ ڏيڻ، پاڪرين پوڻ ۽ يادون ونڊڻ جو ڏينهن آهي. ان حوالي سان، مان اوهان سان هيءَ ڳالهه share ڪيان ته قنبر جي علي خان محلي ۾ رهندڙ اسان جا دوست ستار هڪڙو ۽ غلام حسين هڪڙو ٻنهي 'وڏين' عيدن تي يعني عيدالفطر ۽ ذوالحج جي عيد تي، پنهنجيءَ اوطاق تي سالن کان وني دوستن کي ڪٺي ڪندا آهن. مون کي ئي اتي ويندي 23، 24 سال گذري ويا آهن. اتي، شهر جا توڙي ٻاهران ٻين شهرن مان کهي آيل سڀ دوست ملندا آهيون، پاڪر پائيندا آهيون، ڪچهريون ڪندا آهيون، ڪِل ٻوگ ڪندا آهيون، انيڪ موضوعن تي گفتگو ڪندا آهيون، کائيندا پيئندا آهيون ۽ هڪ ڀرپور ڏينهن گذاريندا آهيون. مان کي پڪ آهي ته اهي محبتي سلسلا ڪيئي هنڌن تي هلندڙ هوندا، جيڪي اسان جي زندگيءَ جي انهن ڏينهن کي بيحد يادگار بڻائيندا آهن.

عيد جو ڏينهن "عيد مبارڪ" چوڻ ۽ "خير مبارڪ" وصول ڪرڻ جو ڏينهن ته آهي ئي، پر هيءُ ڏينهن پنهنجائپ سان مُرڪون ڏيڻ ۽ مرڪون ميڙڻ جو به ڏينهن آهي. هيءُ ڏينهن اسان کي موقعو ٿو ڏئي ته جيڪڏهن ڪو اسان کان رُٺل آهي، ته ڪيس پرچائي وٺون، جيڪڏهن ڪو اسان کان پريرو آهي ته ڪيس ويجهڙو ڪيون، جيڪڏهن ڪنهن جيءَ دل ۾ ڪي رنجشون آهن ته اهي ختم ڪرايون. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن اسان پڻ ڪنهن عزيز قريب، مِٽ مائٽ، سنگتيءَ ساٿيءَ يا پاڙيسريءَ کان ڪاوڙيل آهيون ته پنهنجيءَ ڪاوڙ کي ختم ڪريون ۽ ناراضگيون وساري وٽن کهي وڃون. جيڪڏهن ڪو ٻيو اسان وٽ اچي نه ٿو سگهي ته اسان وٽس هلي وڃون ۽ هٿ ٺوڪين انائن جو نه ئي پاڻ شڪار ٿيون، نه ئي ٻين کي شڪار ٿيڻ ڏيون. ان کان سواءِ جيڪڏهن ڪن ٻن ماڻهن جي وچ ۾ ڪي ڏوريون آهن، ته هِن اهم ڏينهن تي، انهن کي ويجهڙائين ۾ بدلائڻ جا جتن ڪيون. چڱائيءَ هوئڻ به بهتر آهي، پر

جيڪڏهن هن ڏينهن تي خاص طور ڪبي، تہ ان سان اصلي خوشيءَ جو مزو ماڻي سگهبو. اِها ئيُ اها روحاني خوشي هوندي آهي جيڪا دلين ۾ موجزن ٿي سرمستيءَ جا گيت آلاپيندي آهي....

هن پيري بہ سرڪار عيد جي موڪلن جو عام اعلان ڪيو آهي. اوهان چڱيءَ پر ڄاڻو ٿا تہ هنن ڪجهہ ڏينهن جي موڪلن ۾ عيد جي خوشيءَ پرئي موقعي ڪارڻ ٻين شهرن ۾ ڪمائيندڙ فرد پنهنجن اباڻن گهرن ڏانهن ورندا آهن ۽ گهر ڀاتين سان ملي ڏاڍا سرها ٿيندا آهن.

عيد ڏينهن عام طور ٿيندو ايئن آهي تہ ڪنهن بہ گهر جا سڀئي مرد ۽ ٻار گڏجي عيد نماز پڙهڻ لاءِ عيدگاهہ ويندا آهن. اسان پڻ ورهن جا ورهہ ان سلسلي جو حصو رهيا آهيون. مان ڪي ياد آهي تہ جيتوڻيڪ اسان جو گهر اهل تشيعہ هو، پر اسان سڀ قنبر شهر جي اولهہ ۾ واقع وڏي عيدگاهہ ۾ نماز پڙهڻ ويندا هئاسين، جتي مولانا عبدالڪريم قريشي صاحب پيش امامت ڪندو هو. اتي وڏي رونق هوندي هئي. ڪاٺ پيئڻ جون شيون ڪپائيندڙ، ڦوڪڻا ڪپائيندڙ ۽ ٻارن جا رانديڪا ڪپائيندڙ بہ ججها، تہ ونڻ وارا ٻار بہ سون جي ڳاٽيتي ۾. ڄڻ ميلي جو ڏيک هوندو هو، وڏو ڇهڇٽو مچندو هو. نماز پڙهندڙن ۾ ان فرق جي ڪا اهميت نہ هئي تہ ڪير ٻانهون ٻڌي ٿو نماز پڙهي ۽ ڪير ڪولي. مقصد بہ رڪعتون عيد نماز جون، ادا ڪرڻ هو. دعاءُ گهري، پنهنجن ۽ دوستن توڙي واقفن ڪي عيد واڌايون ڏئي، موٽندي قبرستان ۾ آرامي وڏن ڪي قل بخشي، گهر ورندا هئاسين، تہ عيد ماني تيار.... پر هاڻي ڳالهہ ئي اور ٿي وئي آهي. عيدگاهون ۽ مسجدون بہ دلين وانگر ورهائجي ويون آهن، ماڻهو ڊپ ۾ ونجي ويا آهن، مخصوصيت وڏي وئي آهي. ٻيو ماڻهو ٻئي هنڌِ پنهنجِي مسجد ۽ عيدگاهہ يا امام بارگاهہ ۾ هليو وڃي، نہ تہ پنهنجي نقصان جو ذميوار پاڻ هوندو. سهپ واري ڌرتي اسهپ جو شڪار ٿِي وئي آهي! ٻئي ڪي پنهنجي پسند تي ڇڏڻ بدران، چاهيو ٿو وڃي تہ ٻيا هنن جي پسندن تي هلن. ان حوالي سان هيءَ گهڙي اجا بہ سوچڻ جي آهي، ممڪن آهي تہ اڳتي هلي اهڙو موقعو بہ هٿن مان نڪري وڃي....

هنن موڪلن جي ڏينهن ۾ عيد گذاري، ٻئي ڏينهن يعني ڳيڌ تي، عام طور ماڻهو گهمڻ ڦرڻ، پڪنڪ ڪرڻ بہ نڪرندا آهن. وڏن شهرن ۾ تہ اهڙا ڪيئي تفريحي ماڳ آهن جتي گهمڻ لاءِ وڃي سگهبو آهي ۽ سڄو ڏينهن مزو وٺبو آهي، پر اسان ڄن شهرن ۾ رهون ٿا، اتي اهڙا ڪي موقعا ميسر ناهن، نہ تہ ڪي سٺا باغ آهن ۽ نہ ئي ڪي بهتر تفريحي هنڌ.... ان ڪري ٿئي ايئن ٿو تہ يا تہ ماڻهو ڪچهريون ڪري ئي وقت گذارن ٿا يا وري پنهنجي اوسي پاسي ۾ جيڪڏهن ڪو تاريخي ماڳ مڪان آهي تہ اتان چڪر هڻي اچن ٿا. جهڙوڪ لاڙڪاڻي ۽ پرپاسي وارن شهرن ۽ ڳوٺن مان اڪثر ڪري ماڻهو موهين جي دڙي گهمڻ ويندا آهن، خيرپور، گنبٽ يا راڻي پور ۽ ٻين پرپاسي وارن شهرن ۽ ڳوٺن مان ماڻهو ڪوٽ ڏيجي جو چڪر هڻندا آهن، پر ان

جو نتيجو ڏاڍو ڏکوئيندڙ نڪرندو آهي، چاڪاڻ ته پوءِ موهين جي دڙي يا ڪوٽ ڏيجي جي پيل ٿيندي آهي. نوجوانن پنهنجي ناسمجهيءَ ۽ تاريخ کان اڻ ڄاڻائيءَ سبب موهين جي دڙي جي گهٽين ۾ بي درديءَ سان موٽر سائيڪلون ڀڄائيندا آهن يا وري ڍهندڙ ڀتين تي چڙهندا آهن جنهن سان ان تاريخي ماڳ ڏاڍو نقصان رسندو آهي، جيڪو اسان جي پنج هزار ساله سڌريل تهذيب جو اهڃاڻ آهي. ٻئي طرف ڪوٽ ڏيجي سان به اهڙي ئي ڪارِ ڪئي ويندي آهي، فرق صرف ايترو آهي تهُ لني بائيڪن جي ڊوڙ ناهي لڳندي. بهرحال، ان طرف سنجيدگيءَ سان سوچڻ ۽ ڄاڳرتا پيدا ڪرڻ جي گهرج آهي ۽ تفريحي ماڳ مڪان ميسر ڪري ڏيڻ جي پڻ گهڻي گهرج آهي.

عيد جي خوشين جي حوالي سان ڳالهيون ڳچ ٿيون يقيناً هر ماڻهو وٽ عيد جا پنهنجا پنهنجا تصور ٿين ٿا، جن مان ڪي عمومي تصور ٿين، ته ڪي خصوصي. لڳ ڀڳ سڀ ماڻهو هنن خوشيءَ جي ڏينهن ۾ خوشي ملهائن ٿا، پر ڪيترائي ماڻهو اهڙا به آهن جيڪي هنن خوشيءَ جي ڏينهن ۾ به، خوشين کان وانجهيل آهن.... دوستو! ڪراچيءَ ۾ روج راڙو متل آهي، بدين ضلعي ۽ ٺٽي جي ڪيئي شهرن ۽ ڳوٺن ۾ برساتن راڳا ڪيا آهن، لڪين ماڻهو دربدر ٿي ويا آهن ۽ ڪئمپن ۾ منتقل ٿي رهڻ لڳا آهن. هنن لاءِ زندگي ڏاڍيءُ ڏکي بڻجي وئي آهي. هڪ هڪ ڏينهن ته ڇا، هڪ هڪ پل هنن جي تڪليفن ۾ واڌارو ڪري رهيو آهي. اهڙي سمئي عيد جون خوشيون هنن لاءِ اوپريون اوپريون ٿي پيون آهن. سندن اکين ۾ آس جا ڏيئا ته آهن پر انهن جي جوت جهڪي جهڪي آهي. وڏ ۾ وڏ ضرورت آهي، ته سرڪار هنن متاثر ماڻهن جي گهٽي ۾ گهڻي پرگهور لهي ۽ واهر ڪري، جستائين هو پنهنجن اباڻن پڪن ڏانهن موٽي، ٻيهر زندگيءَ جي هلچل جو حصو بڻجي سگهن....

***

(سرجيل: 28 آگسٽ 2011 ع)

# سِڪِي! هوا ۾ هٻڳاءُ آهي

چوري چوري ڪوئي ڪنهن سان نيڻ ملائي وينو آ،
هيڏي ساري محفل ۾ ڪو پاڻ وڃائي وينو آ.

سڄيءَ دنيا ۾ چورين جا انيڪ قسم ٿين ٿا. ڪا چوري نقد جي صورت ۾ ٿيندي آهي، ته ڪا وري سامان جي. پر ٻنهي صورتن ۾ چور اها ڳالهه ضرور ڌيان ۾ رکندا آهن، ته چوري اهڙي ڪجي جنهن جو ملهه وڏو هجي، معمولي چوريءَ کي چور ليکيندا ئي ناهن. جيتوڻيڪ اسان وٽ ته هاڻ اهو به نه ٿو ڏٺو وڃي ته چوري ڪيتري قدر قيمتي آهي. چور جو ڪم چوري ڪرڻ آهي، ملهه جي ڪٿ پوءِ ڪبي، ته اهو ڪيترو ٿو بيهي، پر جيڪي چور نامي گرامي هوندا آهن، اهي پوريءَ رٿابنديءَ سان چوري ڪندا آهن. هنن وٽ چوري ڪئي ويندڙ اسم جي پوري پوري قيمت ڪٿيل هوندي آهيڪين اها به ڄاڻ هوندي آهي، ته اها چوري ڪٿي ا ِ گهامندي.... ڇا به هجي، پر چور ۽ چوريءَ ٻنهي کي هر سڄاڻ ماڻهو نِنديندو ضرور. چور کي ڪو به چڱو نه چوندو، پوءِ چور ڪيڏو به اثر رسوخ وارو ڇو نه هجي. جيڪڏهن ڪيس سامهون چوڻ جو موقعو نه هوندو، ته به پرپٺ يا دل ۾ ضرور ڪيس چور ڪوٺيندو. حديث نبوي به آهي ته برائيءَ کي دل ۾ به ضرور برو چئو.... بهرحال، اهو ته ٿيو چوريءَ جو هڪ پاسو، جڏهن ته چوريءَ جو ٻيو پاسو ڏاڍو وڻندڙ ٿيندو آهي، جنهن کي عاشقاڻو به چيو ويندو آهي. اوهان سمجهي ويا هوندا ته مان دل جي چوريءَ جي ڳالهه ٿو ڪريان جنهن سان عاشق خوش به ٿيندا آهن، ته روڳ ۾ به ورنجي ويندا آهن. دل جي چوري ماڻهوءَ کي سُڪون به ڏيندي آهي، ته بي سُڪوني به بخشيندي آهي. جيڪڏهن دل جي چور سان ناتا نڀيل هوندا ته دل جي چوريءَ تان عاشق فدا پيا ٿيندا ۽ جيڪڏهن دل جو چور بي وفائيءَ جي ڏِک ڏيندو ته ُڏک جون انتهائون ڪائنات ۾ پکيڙجي وينديون آهن.

چنڊ! ڪڪرن ۾ لڪائي، ڇو ڇڏيئي چانڊوڪي،
ڇا تنهنجي چورائي چانڊاڻ هليا ويندا سين؟ (راشد مورائي)

دل جا چور، من جا چور به ٿيندا آهن. اهي پنهنجيءَ حسين صورت سان متاثر ڪندا آهن ۽ من ۾ بي چيني ۽ اڻ تڻ پيدا ڪندا آهن، جيڪا ڪين وري ڏسڻ تي مجبور پئي ڪندي آهي. اهي پلي ته بي وفا ٿيا هجن پر اسان جو من ۽ اسان جي دل ڪڏهن به اهو مڃڻ تي راضي نه ٿيندي آهي، ته ڪو پرين پيارو، دل جو دلبر اسان سان بي وفائي ڪري ويو آهي. عشق ڪندڙ ڪڏهن به پنهنجي پياري جي بي وفائيءَ جو سوچي ئي نه سگهندو آهي. هن جي من ۾ فقط اهو ئي هوندو آهي ته ڪو نه ڪو ڪارڻ ضرور هوندو جو محبوب منهنڙو مٽي ويو آهي. هُو تاويلون پيو ڻاهيندو ته

هِيئن هوندو يا هونئن هوندو، پر دلبر وفا ضرور ڪندو. محبوب ڪي هو ڪڏهن بہ بي وفائيءَ جو طعنو نہ ڏيندو. سائين منهنجا! محبوب جي ياد چانڊوڪين راتين ۾ تہ وري اجا جرڪي پوندي آهي. اها ياد جڏهن تہ چانڊوڪيءَ ۾ وهنتل هوندي آهي. اجا بہ چئجي تہ ان ڪي چانڊوڪي اوڀيل هوندي آهي. جيئن جيئن چنڊ جون تاريخون اڳتي چوڏهينءَ ڏانهن وڌنديون وينديون آهن، چانڊوڪي ڇٽي ٿيندي ويندي آهي، تيئن تيئن محبوب لاءِ تڙپ بہ وڌندي ويندي آهي، تہ ياد ۾ بہ شدت ايندي ويندي آهي.

جيتوڻيڪ دل زندگيءَ توڙي اسان جي جسم لاءِ انتهائي اهم عضوو آهي، پر ان جو اسان جي جذباتي زندگيءَ ۾ بہ ڪارگر ڪردار آهي. اسان پنهنجن جذبن، احساسن، امنگن ۽ ارمانن ڪي دل سان ئي منسوب ڪندا آهيون، چاڪاڻ تہ فوري طور، بنا دير جي، جيڪو عضوو اسان جو جذباتي رد عمل ظاهر ڪندو آهي، اهو دل ئي هوندو آهي. ان ڪان پوءِ ئي اکيون، ڳوڙها ۽ مُنهن جا تاثر يا منهن ۽ جسم جي مختلف مشڪن جا ردعمل اهڙن جذبن جي ترجماني ڪندا آهن. دل جڏهن تہ الماڙيءَ جو ڪم ڪندي آهي جتي اسان جا ارمان، اسان جا احساس، اسان جون تمنائون، اسان جون خواهشون، اسان جا رشتا ناتا، اسان جا آواز، اسان جا ڌما، اسان جا عمل ۽ ردعمل، اسان جا ڳوڙها، اسان جون تصويرون، اسان جون تحريرون، اسان جا وڇوڙا، اسان جا ميلاپ، اسان جا خواب، اسان جون اميدون، اسان جون خوشيون، اسان جا ڏک ۽ ڏولاوا سانڍيل هوندا آهن.... نامور ليکڪا ماهتاب محبوب لکيو آهي: ”ڳالهہ جا دل جي ڳهراين مان نڪتل هجي سا ڪهڙي بہ هجي پر بہ ان ڳهڙيءَ جو سچ هوندي آهي.“ دل اسان جي ماضيءَ جو ريڪارڊ پنهنجي اندر منجهہ رکندي آهي، دل اسان جي حال جون حقيقتون اظهاريندي آهي ۽ دل اسان جي مستقبل جا سپنا لُڻندي آهي ۽ انهن جي ساڀيائن لاءِ منتظر رهندي آهي..... جيسين زندگي آهي تيسين اهي سلسلا قائم رهندا آهن ۽ جڏهن زندگي موت جي هنج ۾ آرامي ٿيندي آهي تہ دل جا ارمان دل ۾ ئي رهجي ويندا آهن.... سنڌ جي مشهور شاعر استاد بخاريءَ وفات مهل موڪلاڻي ڪندي چيو هو: ” هِن جهان ۾ ڪجهہ بہ نہ رهندو. صرف خوشبوءِ رهندي. مان توهان کي پنهنجا سڀ خواب ڪتاب ڏيون ٿو وڃان. اوهان مون ڪي منهنجي اولاد جيان آهيو. لڳ لاڳاپا، رشتا ناتا ۽ تعلق اڻوٽ ٿيندا آهن. منهنجا بہ اوهان سان اهڙا ئي رشتا ۽ ناتا آهن جيڪي موت جي سرحدن ڪان تمام پري آهن.“

پرينءَ پياري ڪان پوءِ بئي جنهن ماڻهوءَ جي وڏ ۾ وڏ واڪاڻ ڪئي وئي آهي، تنهن کي سکيءَ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. سکي اهو ماڻهو هوندو آهي جنهن ڪي محبوب لاءِ عرض بہ ڪيو ويندو آهي تہ ڪيس پرچائي ڏي جيڪڏهن اهو رٺل آهي. سکيءَ ڪي ئي ريجهايو ويندو آهي تہ هنيلي معشوق ڪي ريجهائي ڏئي تہ ڪا دل جي ڪليل ڪڇهري ڪجي.... سکي پيامبر هوندي آهي جيڪا عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ هڪ پُل جو ڪم ڪندي آهي، سکي درياءَ جي ٻن ڪپرن ڪي پاڻ ۾ ملائيندي آهي.

سکي چاندوڪي هوندي آهي جيڪا چنڊ ۽ چنڊ جي تمنائيءَ کي هڪ ڪري ڇڏيندي آهي. سکي کي اهڙي انسان جي حيثيت حاصل هوندي آهي جيڪو وڇوڙي کي وصل ۾ بدلائيندو آهي.... شاعرن ۽ عاشقن وٽ سکيءَ جو رُتبو بيحد افضل ۽ اعلىٰ هوندو آهي. سکي هيرَ جيان هوندي آهي جيڪا پرين جو واسُ دکيءَ دلڙيءَ تائين پڄائيندي آهي ۽ درد جو دارون بڻجندي آهي. سکيءَ جون اکيون پرينءَ جي اکين جا اشارا ڏينديون آهن ۽ سکيءَ جا ناز ۽ انداز پرين جي نازن جو پڙاڏو هوندا آهن. سکي محبوب جي ٻئي وجود جي ڏِک ڏيندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو محبوب شاعر شيخ اياز چوي ٿو:

سکي! هوا ۾ هُٻڪاءُ آهي، ڳلِي ڳلِي گيتُ ٿي وئي آ،
پرِيا بنا ننڊ ڪيئن ايندي، بسنت جي رات ٻي ٿي آ.

يا ٻي شعر ۾ شيخ اياز چوي ٿو:

سکيَ پرِيا کي ملين ته چئجانءِ چاندني تو سوا نه ٿيندي،
اچين ته منهنجيُ لماس ۾ آءُ چو ته ٻِي رات ڪا نه ايندي.

***

(سرجيل: 4 سيپٽمبر 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 22 اپريل 2012ع)

# ڏيئا ٻاري ٿِي دلڙي

مِلين سِڪون جن کي، سي اسين پاڻ،
هاڻي وچ ڳمان! صحيح سڃاتا سُپرين. (شاهه)

سائين منهنجا، پيارُ قرارُ ڏيندو آهي يا بيقرارُ ڪندو آهي؟ پيارُ سُڪون ۾ آڻيندو آهي يا بي سُڪونيءَ جي گردش ۾ گرفتار ڪري ڇڏيندو آهي؟ ۽، پيارُ زندگيءَ کي سُکيو بڻائيندو آهي يا ڏُک جي کڻائن ۾ ڦاسائي ڇڏيندو آهي؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سوال آهن جيڪي اهي ماڻهو ئي پڇندا آهن جيڪي پيار جي دنيا کان آشنا ناهن هوندا، جن جي من ۾ پيار جون لهرون اُٿيل ناهن هونديون ۽ جيڪي دل جي دنيا جي اندلٺن کان اڻ ڄاڻ هوندا آهن. نه ته، جيڪي پاڳونڊ پيار جي ڪڙن ۾ قابو هوندا آهن، تن کي چڱيءَ پر سُڌ آهي ته پيارُ آنند جو ٻيو نانءُ آهي، پيارُ پُرسُڪونيءَ جي وٿ آهي، پيار حياتيءَ جي سونهن ۽ سُک جو سنديس آهي، پيارُ اُفق ۾ پرهه ويل پکڙجندڙ سهڻا رنگ ۽ شفق ويلُ لهندڙ رنگين شام جي حسناڪي آهي. پيارُ پنهنجائپ جو پيغام آهي جنهن ۾ پوئيل اکر، لفظ ۽ جملا گيتن جي روپ ۾ فضا کي سرمستي بخشيندا آهن. پيارُ اهو رشتو آهي جنهن ۾ جيڪو ڳنڍيو آهي سو سدا لاءِ سوگهو ٿي ويندو آهي. اهو رشتو رت جي رشتن کان بہ گهرو آهي جنهن اڳيان پاتال جي گهرائي بہ ڪا حيثيت نہ ٿي رکي. اهو رشتو ان ستاري وانگر آهي جيڪو آڪاس جيُ لکاهين کان لکاهين ستاري کان بہ اُچو ۽ روشن ستاري کان بہ وڌِ چمڪندڙ آهي. پيار ۾ ويجهڙائي ئي ويجهڙائي آهي، جنهن اڳيان ڏورانهينءَ کان ڏورانهين بہ دل جي ڌڙڪڻ وانگر قريبُ تر آهي....

خوش نظر ڪيڏو تہ آيو گل هو!
تو جو چوٽيءَ ۾ سجايو گل هو.
ٻڻجي خوشبو واءُ ۾ وکري ويو،
ڊائريءَ ۾ جو لڪايو گل هو. (رضا بخاري)

ماڻهو پيار تہ ڪندو آهي، پيار جي احساسن هيٺ تہ گذاريندو آهي، پيار جي خوش مزاجين مان لطف اندوز تہ ٿيندو آهي، پر جنهن سان ماڻهو پيار ڪندو آهي، تنهن سان وقت گذارڻ بہ چاهيندو آهي. پيار ڪندڙ پيار ڪئي ويندڙ ماڻهوءَ سان گڏ رهڻ چاهيندو آهي. هن جي دل ڪنهن پل بہ اهو نہ چاهيندِي آهي تہ ڪو هڪ پل بہ پرينءَ کان پرتي رهي. ٻئي طرف جا شيءِ ان سلسلي ۾ اهم آهي، اها آهي پيار جو اظهار، پرينءَ پياري کي اهو ٻڌائڻ تہ "مان تو سان پيار ڪيان ٿو. تون ئي اها هستي آهين جيڪا منهنجي محبت ۽ منهنجي زندگي آهين. تو کان سواءِ مان اڻ پورو آهيان."
سائين منهنجا، ڪيئي ماڻهو پيار جو اظهار دل کولي ڪندا آهن، تہ ڪيئي ماڻهو

باوجود پيار جي شدت جي، پنهنجي اڻ مٽي ۽ لاثاني پيار اظهار ڪري نہ سگهندا آهن. ُانهن جو اظهار زبان تي اچڻ بدران، اکين ۾ ٽِڪي پوندو آهي. انهن جا نيڻ ڳالهائيندا آهن ۽ نيڻ تارا ٻڻجي جڳ جهان ۾ جرڪندا آهن.

ڏيئا ٻاري ٿي دلڙي،
توکي ڏسڻ لئہ وِڪِري وئي،
تاري تاري ٿي دلڙي،
ڏيئا ٻاري ٿي دلڙي،
جڳ ڪان جيتي پيار - گهڙيون،
تو ڪان هاري ٿي دلڙي،
ڏيئا ٻاري ٿي دلڙي،
دير ڪئي ٿي ڪيئن، پرين!
مون کي ماري ٿي دلڙي،
ڏيئا ٻاري ٿي دلڙي. (رياضت)

پيار ڪرڻ ڏيئو ٻارڻ برابر آهي. اجا بہ چئجي تہ پيار ڪرڻ هڪ ڏيئو تہ نہ، پر هزارين ڏيئا ٻارڻ برابر آهي، چاڪاڻ تہ پيار روشني هوندو آهي، جنهن سان نہ صرف منُ منوڙ ٻڻجي پوندو آهي، دل ۾ چاندوڪيون پکيڙجڻ لڳنديون آهن، پر ٻاهرينءَ دنيا ۾ بہ سوجهري جا پـَر پکيڙجي چوڌسا چمڪات ڪرڻ لڳندا آهن، پر جتي پيار جا ڏيئا ٻرندا آهن، اتي مخالف بہ ڪيئي پيدا ٿي پوندا آهن، جيڪي ڏيئي کي اجهائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پوءِ ڪڏهن پنهنجين ڪوشش ۾ وقتي طور ڪامياب ويندا آهن، تہ ڪڏهن وري ناڪام، تنهن باوجود ڏيئو پنهنجو روشن وجود قائم ۽ برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪندو ئي رهندو آهي. ڏيئي جي لاٽ کي اجهائڻ جي ڪوشش جا شيءِ خاص طور ڪندي آهي، اها هوا هوندي آهي. جي ها، هوا! جيڪا هونءَ تہ ڏاڍي وڻندي آهي، جڏهن هِيرَ ٻڻجي گهلندي آهي، پر پنهنجيءَ سرشت ۾ ڏيئي - دشمن ٻڻجي پوندي آهي جڏهن ڏيئو ٻرندو آهي، جڏهن تہ ڏيئي جو ٻرڻ هڪ طرف اونداهيءَ ۽ نفرت جي انت، تہ ٻئي طرف روشنيءَ ۽ محبت جي ابتدا جي نشاني آهي. جيئن ئي ڏيئو ٻرندو آهي، تہ هوا بہ پنهنجو زور لڳائڻ لڳندي آهي. تڏهن تہ سنڌ جي نالي واري جديد شاعر امداد حسينيءَ بہ سهڻن لفظن ۾ چيو آ تہ ”مون جڏهن کو ڏيئو جلايو آ، زور ڪيڏو هوا لڳايو آ.“

پيـار ڏيـون ٿـا، پيار گهرون ٿا،
بيو نہ ڪوئي وهنوار گهرون ٿا.
اکيـون پـي اکيـن تـي آهـن،
پـر دل جو اقـرار گهـرون ٿـا. (وفا ناٿن شاهي)

***

رسامو ۽ پرچاءُ زندگيءَ جو لازمي حصو آهن. زندگي رُسامي سان اداس ٿيجي پوندي آهي، تہ پرچاءَ سان وري حسين کان حسين تر لڳندي آهي. رسامو وقت کي بيهاريندو آهي، تہ پرچاءُ زندگيءَ کي روان رکندو آهي. زندگيءَ ۾ ٻنهي سان خوبصورتي آهي، ڇاڪاڻ تہ رسامو ٿيندو تہ پرچاءُ بہ ٿيندو. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن، ڪنهن کي بہ ٻئي کان جدا نہ تو ڪري سگهجي، پر سائين منهنجا، جڏهن پرينءَ سان پرچاءُ هوندا آهن، تہ ڪائنات جا روپ ۽ رنگ بيحد موهيندڙ هوندا آهن، پرچاءُ سان ڪائنات جي سندرتا وڌندي آهي، پرچاءُ سان ڪائنات جي موسيقي روح کي تازگي ڏيندي آهي ۽ پرچاءُ سان ئي زندگي دل کي ڇهندڙ محبت جا نغما ڳائيندي آهي. جڏهن تہ رسامي سان حسناڪي حسن کان وانجهيل وانجهيل محسوس ٿيندي آهي، رسامي سان موسيقي روح کي ڪائڻ لڳندي آهي ۽ رسامي سان ئي زندگي، زندگيءَ کان سواءِ ٻٽجي پوندي آهي....

دل ۾ رهندڙ ساٿي!
جيستائين عمر آهي باقي،
ياد اوهان جي رهندي ساڳي. (سيف الحق سيف)

***

اڄ يارهين سيپٽمبر آهي. دنيا جي تاريخ ۾ اڄوڪي تاريخ کي وڏي اهميت حاصل آهي، ڇاڪاڻ تہ اڄ کان 10 سال اڳ 2001ع ۾ آمريڪا جي شهر نيويارڪ ۾ واقع ورلڊ ٽريڊ سينٽر عرف جاڙن ٽاورن کي هڪ دهشتگرد حملي ۾ تباهہ ۽ برباد ڪيو ويو هو. ٻئي ٽاور مڪمل طور هستيءَ تان مِٽجي ويا هئا. اهي حملا ڪنهن رٿيا هئا، انهن تي عمل ڪنهن ڪرايو ۽ عمل ۾ ڪهڙن ماڻهن کي استعمال ڪيو ويو؟ جيتوڻيڪ انهيءَ مامَ کي ڪافي حد تائين سلجهايو ۽ سمجهيو بہ ويو آهي، تڏهن بہ اهي سوال اڃا تائين هڪ راز بڻيل آهن.

اڄوڪي تاريخ اسان جي ملڪ جي باني قائد اعظم محمد علي جناح جي وفات جي تاريخ بہ آهي. 11 سيپٽمبر 2011ع قائد اعظم جي 63-هين ورسيءَ جو بہ ڏينهن آهي. ان حوالي سان اوهان کي پروفيسر ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل جي ليک مان هڪ اهم ٽڪرو پيش ڪريان ٿو: ”قائد اعظم عام ماڻهن خاص ڪري مزدور طبقي جي فلاح ۽ بهبود چاهي ٿي، ڇاڻ وليڪا ٽيڪسٽائيل مِل جي افتتاح جي موقعي تي 4 سيپٽمبر 1947ع تي فرمايائون تہ مون کي اميد آهي تہ توهان پنهنجي ڪارخاني جو پلان تيار ڪرڻ وقت ڪاريگرن لاءِ مناسب رهائشگاهہ، گهرن ۽ ٻين آسائشن جو خاص طور تي احتمام ڪيو هوندو، ڇاڪاڻ تہ ڪا بہ صنعت ان وقت تائين حقيقي ترقي نہ ٿي ڪري سگهي جيستائين ان جا مزور مطمئن نہ هجن.“

***

(سرجيل: 11 سيپٽمبر 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 13 مئي 2012ع)

# وِڇون وسڻ آئِيون

سارنگ سينگاري، وِڇون وسڻ آئِيون،
ٻَرسِي ڀَتاري، ڀَريا ڀَٽ ڀَراڻ جا. (شاهه)

هِن پيري وِڇون اهڙيون نہ وسيون، جو وِچي حد ٽِپي! هيل، سانوڻ ۾ بادل اهڙا نہ برسيا، جو بَس ئي نہ پئي ڪين. چوماسي جي برساتن ڄڻ تہ پنهنجن مندائتن مينهن کي پاڻ ئي مات ڏئي ڇڏي. معلوم ئي نہ پئي ٿيو تہ ايڏا اڻ ڳڻيا ڪڪر ڪٿان آيا آهن، جي ڳڻي نہ تا ڳڻن ۽ انهن ڪڪرن ۾ ايڏو پاڻي ڪيئن اچي مِڙيو آهي، جو وسي پُورو نہ ٿو ٿئي! عجيب غريب خيال پئي ماڻهن جي ذهنن ۾ آيا ويا. مثال طور، ڪٿي ايئن تہ ناهي تہ سڄي ايشيا کنڊ جا مينهن اسان جي پلاريءَ سنڌ تي اچي ڪڙڪيا آهن! ڪٿي ايئن تہ ناهي، تہ اسان کان ڪا اهڙي خطا ٿي آهي، جو برسات ڏمر جي صورت ۾ نازل ٿي آهي! ڪٿي ايئن تہ ناهي، تہ شڪار آٽيندڙ برسات، ناشڪريءَ سبب ڏڪار جو مينهن وسائڻ آئي آهي! ڪٿي ايئن تہ ناهي، تہ برسات، جيڪا رب جي رحمت هوندي آهي، سا اسان جي ڪجهہ عملن جي ڪري زحمت بڻجي پئي آهي! يا ماڻهوءَ جي مفادن کي برسات نروار ڪرڻ تہ نہ آئي آهي، تہ جيڪي مفاد پرستيون ماڻهو بين ماڻهن سان ڪن ٿا، تن کي پڌرو ڪجي! جيڪي ڪچايون عام ماڻهوءَ سان نيڪيدار پنهنجي نيڪيداريءَ جي آڙ ۾ ڪن ٿا، سي اُگهاڙيون ٿين: کير جو کيرُ ۽ پاڻيءَ جو پاڻي صاف ٿئي! ڪٿي ايئن تہ ناهي تہ برساتِ ماڻهن سان ٿيندڙ انهن ٺڳين، ويساهہ گهاتين ۽ بي واجبين کي پڌرو ڪرڻ آئي آهي جيڪي عام ماڻهوءَ کان لِڪ ۽ ڇپ ۾ ڪيون ٿيون وڃن! بهرحال، برسات سهٽيءَ سنڌ کي ٻوڙي وِڌو، برسات ماروئڙن جي مُکن تان مُرڪون ميڙي، لوڙهي وئي. برسات ماڻهن کي ٻُکون ۽ بيماريون ڏنيون. هاڻِ اسان جو فرض ٿو بڻجي تہ پنهنجن ديس واسين جي سارَ لهون، سندن تڪليفن ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيون. اسان جو چڱو عمل ضرور بالضرور سندن تڪليفن کي گهٽائڻ جو ڪارڻ بڻبو، ڇاڪاڻ تہ چڱائيءَ جو نتيجوَ وَس چڱائي ئي نڪرندو آهي.

شمع ٻـاريندي شب، پـرهہ ٻاڪون ڪڍيون،
موٽ مـران ٿِيِي، ميـنڌرا! راڻا ڪارڻِ ربِ
تنهنجِي تات طلبِ، ڪانگ ڏايم ڪاڪِ جا. (شاهه)

مُندمتجي رهي آهي، جيتوڻيڪ اونهاري جي گرمي اجا ماحول ۾ موجود آهي، پر پوءِ بہ، اونهاري ڄڻ تہ موڪلايو آهي ۽ سرءُ جي آمد ٿِيِي آهي. هن موسم ۾ رات جي ڪِهمِ انتهائي خطرناڪ آهي، جنهن کان ضرور بچڻ گهرجي. ان کان سواءِ جيتَ ۽ مڇر پڻ تمام گهڻا پيدا ٿيا آهن، جيڪي بيمارين جو تمام وڏو ذريعو آهن، انهن جو ڪو نہ

ڪو تدارڪ لازمي آهي. مڇر مليريا جو ڪارڻ بڻجن ٿا، جيڪا ماڻهن کي نِستو ڪري ڇڏي ٿِي ۽ ماڻهو ڪجهه ڏينهن بيماريءَ جي بستري تي تڪليف سهي ٿو. ان ڪان سواءِ سڄو گهرُ پڻ متاثر ٿئي ٿو. ٻئي طرف اوهان ڏسو ٿا تہ پنجاب ۾ ڊينگِي مڇر وڏو ڊپ ۽ حراس پکيڙي ڇڏيو آهي ۽ ڊينگي بخارُ ملڪ الموت بڻجي ننڍن وڏن ماڻهن ڪان حياتيون کسي رهيو آهي. نہ صرف پنجابہ پر ڊينگيءَ تہ سنڌ ۽ خيبرپختونخوا ڏانهن پڻ رُخ رکيو آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ ڪيئي ماڻهو ڊينگي بخار ۾ ورنجي ويا آهن ۽ زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ ڪشمڪش ۾ ڦاٿل آهن. سرءُ جي منڊلڳن کي پڻ جڻ تہ سُڪائيندڙ لڳي پئي. ان ڪري ئي سرءُ کي اڻ وڻندڙ موسم ڪوٺيو ويندو آهي، پر ظاهر آهي تہ اها موسم اسان کي گذارڻي آهي، تہ پوءِ ڇو نہ سٺن اپائن سان گذارجي....

***

سچل کي سيني ۾، سدا آهہ صنم،
ڪونهيس ٻيو ڪم، پٿر جي پُوڄا بنا. (سچل)

انسان جي سِيني ۾ جا شيءِ ڌڙڪندي آهي، سا دل آهي. دل اهڙو تہ احساساتي عضوو آهي جيڪو ٿورڙيءَ ڳالهہ تي بہ جيءَ اندر جذباتي هِيجان برپا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ماڻهوءَ کي ڏک جي اندرين ُتهن ۾ سمايل درد جو احساس ڏياريندو آهي. ان هيجان هيٺ ماڻهو نہ رڳو بيوس ۽ لاچار بڻجي پوندو آهي، پر سندس دردُ سمندن ۾ پکيڙيل پاڻيءَ ڪان بہ وڏ بڻجي ويندو آهي ۽ اکين مان اڻ ُکٽ آبشار جيان وهڻ لڳندو آهي. انسان جي اندر کي جنهن ٻئي نالي سان استعاري يا تشبيهي طور سڏيو ويندو آهي، اهو سندس سينو بہ آهي. سينو ـ جيڪو رازن جو امين آهي، سينو ـ جيڪو سنسار ڪان بہ وڏ وسعت رکي ٿو، سينو ـ جنهن جي پاڪر ۾ پرجي وڃجي تہ جڻ ماڻهو ستن ڪوٺن ۾ قابو ٿي وڃي.... هاڻ ان سيني ۾، جيڪڏهن صنم موجود هجي، جيڪو محبوب بہ آهي، تہ پٿر بہ آهي، جيڪو پريتم بہ آهي، تہ بي حس بہ آهي، تہ پوءِ ان سواءِ ٻِي ڪهڙي واٽ ٿي وڃي بچي، تہ ان سيني واري صنم ڪڏي ۾ ويٺل صنم جي پوڄا ڪجي! جيئن حضرت سچل سائينءَ مٿئين بيت ۾ بہ فرمايو آهي، تہ ان پٿر جي پوڄا بنا ٻيو ڪو ڪم آهي ئي نہ، جيڪو صنم بڻجي سچل جي سيني ۾ ويٺو آهي.

***

هڪڙي دوست ڏاڍي پلي ڳالهہ ڇئي. هن چيو تہ اڄڪلهہ ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي موبائيل هٿ ۾ آهي، مطلب تہ نوجوانن، جوانن، ٻ ُڪن، پوڙهن، مردن، عورتن، ٻارن، ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي ڏسو، تہ موبائيل سان مصروف لڳا پيا آهن. ڪو ڳالهائي پيو، ڪو ايس ايم ايس پيو ڪري يا پڙهي، ڪو ايم ايم ايس ۾ رڌل آهي، ڪو گانا پيو ٻڌي يا فلم پيو ڏسي، ڪو گيم پيو کيڏي، تہ ڪو وري انٽرنيٽ پيو هلائي يا چٽ

چيٽ ۾ لڳو پيو آهي.... مطلب ته جنهن وٽ موبائيل آهي سو هڪ وڏي مصروفيت ۾ سوگهو آهي. هو موبائيل سيٽ ۾ اهڙو ته هٿيڪو آهي جو ڪيس جاءِ جڳهه جو به خيال نه ٿو رهي. گهر ۾ آهي يا آفيس ۾، اڪيلو آهي يا ميٽنگ ۾ وينو آهي، رستي سان پيدل وڃي پيو يا دوستن سان بائيڪ تي يا گاڏيءَ ۾ آهي، وئن يا ٽرين ۾ آهي يا جهاز ۾، ڏسبو ته هن جون آڱريون ڪِي پيڊ تي ۽ نظرون اسڪرين ۾ ڪتل آهن. هن جي دنيا جڻ ته موبائيل سيٽ ۾ سميٽجي سوڙهي ٿي وئي آهي. پر سوچجي ته ڇا اهو سڀ ڪجهه صحيح آهي؟ ڇا اهو سنو ٿو لڳي ته آفيس ۾، آفيس جو ڪم ڪار ڪرڻ بدران ماڻهو موبائيل ۾ منهن هنيو وينو هجي؟ ڇا اهو سنو لڳندو ته ماڻهو ميٽنگ ۾ وينو هجي ۽ سندس ڌيان ايس ايم ايس پڙهڻ ۾ هجي؟ ڇا رستي سان پيدل ويندي هو ڪنهن حادثي جو شڪار نه ٿو ٿي سگهي، جنهن جي تلافي پوءِ ڪنهن به ريت ممڪن نه هجي؟ ڇا ايڏو وڏو رسڪ کڻي سگهجي ٿو، ته بائيڪ به هلائجي ۽ ڪنڌ ڦڏي سان موبائيل تي ڳالهائجي به، يا ايس ايم ايس پڙهجي ۽ ڪجي؟ ڇا اسان کي اهڙي مصروفيت آهي جيڪا اسان کي اهڙي ڪم تي مجبور پئي ڪري جو حياتيءَ جو رسڪ به کڻجي؟ زندگيءَ ۽ وقت کي ايڏو سستو ۽ سولو نه سمجهجي. زندگي ته اڳ به پرپور هئي جڏهن موبائيل نه هئي ۽ هاڻ به اهڙي ئي پرپور ۽ ڀلي گذري سگهي ٿي جيڪڏهن موبائيل جو ضرورت وارو استعمال ڪريون.

هڪ راهه پٽر جي آ، هڪ راهه ڪنڊن جي آ،
جنهن راهه مٿان گذرن، تاريخ نهي پوندي. (حفيظ باغي)

***

(سرجيل: 25 سيپٽمبر 2011 ع)

# ٻول ۽ وساريج

پهرين تون پاريج، پارڻ پوءِ ٻنهون تي،
ٻول ۽ وساريج، ھو جو ڪيوءِ هوت سين. (شاھ)

وچن يا قول جي اسان جي سماج توڙي سڄيءَ دنيا ۾ وڏي اهميت آهي. ان کي ٻين لفظن ۾ ”زبان“ به چيو ويندو آهي. جنهن ماڻهوءَ ”زبان“ ڏني، جڻ اهو وچن ٿي ويو. هاڻ ان جي حيثيت هڪ واعدي واري آهي، جنهن کان ڦرڻ ڪنهن به ريت شان ۾ مان لائق قدم نه هوندو. زبان جي حيثيت پٿر تي ليڪي مثل به هوندي آهي، جنهن کي مِٽائي ناهي سگهبو، پلي ته پٿرُ پاڻ مِٽجي وڃي، پر ليڪي کي مٽائڻ ناهي ڏٺو. پهرين ان ليڪي مثل ڪيل واعدي کي پارٽو آهي، پوءِ ئي ٻِي ڪا ڳالهه اڳتي سورٽي آهي. پهرين ان زبان جي ڪيل انجام کي پاٽي ڏيٽو آهي، پوءِ ئي ڪا ٻِي سوچ ويچار ڪرٽي آهي، ته پلي ڪجي، پر ضروري اهو پڻ هوندو آهي ته اها ٻِي سوچ ويچار زبان جي ڪيل انجام سان ٽڪراءَ ۾ نه اچي، نه ته ڳالهه نه نهندي ۽ ويچا وڃندا. اسان کي اهو ٻول ڪنهن به ريت ناهي وسارٽو جيڪو اسان پنهنجي پرين پ ياري سان ڪيو آهي، اسان کي اهو ٻول ٻورو ڪرٽو آهي جيڪو پنهنجي هوت سان ڪيو آهي. قول، وچن، زبان يا واعدي کي دنيا جي مڙني مذهبن پڻ نمايان مقام ڏنو ويو آهي. دنيا جي سڀني سماجن ۾ واعدو جڻ ته اڻ لکيل قانون جي حيثيت رکي ٿو جنهن جي پيچڪڙي هڪ وڏو ڏوهه آهي. اسان کي اهو پڻ پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ ڏسٽو پوندو ته اسان جيڪي واعدا، وچن ڪيون ٿا، تن کي ڪيترو نڀايون ٿا....

***

ڪوڙن تي ڪرمُ چا لئه!
سچن تي ستمُ چا لئه!
دل ڪعبو، ”وفا“! ان ۾،
پٿر جو صنم چا لئه! (وفا ناٿن شاهي)

زماني ۾ عام ماڻهوءَ جي اڪثر ڪري اها شڪايت رهي آهي ته هن دنيا ۾ سچارُ ڏک سهي ٿو، سچو ماڻهو تڪليف مان گذري ٿو، سچ چوڻ واري کي هر ڪو ’ڦِٽِ ڦِٽِ“ ڪري ٿو، سچوءَ کي سو ستم سهٽا پون ٿا. جڏهن ته ٻئي طرف ڪوڙي ماڻهوءَ کي فائدا ملن ٿا، ڪوڙ هٽندڙ کي ڪا ملامت نه ٿي ٿئي، ڪوڙو ماڻهو ترقيءَ جون منزلون طي ڪري ٿو، ڪوڙي ماڻهوءَ کي سماج متاهينءَ جڳهه تي ويهاري ٿو ۽ ڪوڙي ماڻهوءَ تي ڪرمَ ڪيا وڃن ٿا، پر اهو سڀ ڪجهه منظر جو هڪڙو پاسو آهي.

اهو آئينو جو ٻيو پاسو ڪو نہ ٿو ڏيکاري، جنهن ۾ ڏسجي ٿو تہ سچار ماڻهوءَ جو شانُ انتهائيءُ لم آهي، سچي ماڻهوءَ جي عزت هر ان دل ۾ آهي جيڪا چڱائي چاهيندڙ آهي، سچار ڪي هر اهو ماڻهو بي انتها پيار ڪري ٿو جنهن جو عام انساني بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ ۾ پختو يقين آهي. سچ ڀلي تہ سُوريءَ تي چاڙهيو ويو هجي، پر سچ سوريءَ تي چڙهڻ باوجود فنا ناهي ٿيو، سچ ڦاهيءَ تي چڙهي بہ امرتا ماڻي آهي، سچوءَ جو آواز گهٽجڻ باوجود گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گُونجندو رهيو آهي. سچ کي ڪو بہ روڪي نہ سگهيو آهي، ڀوءِ ڀلي تہ ان جي واٽ ۾ سوين روڙا رکيا ويا هجن. سچ سدا قائم دائم رهيو آهي ۽ سدائين قائم دائم رهندو. ان جو مانُ ڪڏهن بہ گهٽجڻو ناهي، اهو جيئن پوءِ تيئن وڌ آهي.

***

سامهون جيڪو اجنبيءَ وانگر لڳو،
مون کي پنهنجي زندگيءَ وانگر لڳو.
چانورن جهڙا پرين! جو ٿا اوهين،
’جعفريءَ‘ کي ڏرتتيءَ وانگر لڳو؟ (جواد جعفري)

زندگيءَ ۾ جن ماڻهن سان اسان جو واسطو پوي ٿو، تن مان ڪي ماڻهو تہ رواجي طور اسان سان گڏ گذاريندا آهن، جن جو اسان جي زندگيءَ ۾ توڙي عام وهنوار ۾ هڪ واجبي ڪردار تہ هوندو آهي، پر اهو ڪو ايڏو اثرائتو يا اهم ڪردار نہ هوندو آهي جيڪو اسان جي زندگيءَ کي ڪي نوان موڙ ڏئي ۽ نين راهن تي گامزن ڪري. ان جي ابتڙ ڪي ماڻهو اسان جي زندگيءَ ۾ اهڙا بہ هوندا آهن جن کان سواءِ اسان جي زندگي چِڻ تہ اڻپوري هوندي آهي. انهن ماڻهن کان سواءِ اسان جي زندگي پنهنجي مقصد کان وانجهيل محسوس ٿيندي آهي. اهي اهڙا پرين پيارا ماڻهو هوندا آهن جيڪي اسان جي زندگيءَ جون راهون متعين ڪندا آهن. اهي پيارا ماڻهو اسان جي زندگيءَ ۾ محبتن جا داستان رقم ڪندا آهن. انهن سندر ماڻهن جي حسناڪيءَ سان اسان جي بي ڇپي زندگيءَ ۾ سونهن ۽ سندرتا جا رنگ ۽ روپ وجود وٺندا آهن ۽ زندگي پيار جا نغما ڳائڻ لڳندي آهي. اهي ماڻهو اسان جي زندگيءَ جو حصو هوندي بہ، اسان جي مڪمل زندگي هوندا آهن. انهن ماڻهن کان سواءِ اسان جي تقدير تنل تنل ۽ اٽيي اٽيي تي پوندي آهي. ان زندگيءَ ۾ ڪا خوشبوءِ نہ هوندي آهي، جيڪا پيارن ماڻهن کان سواءِ هجي ۽ ان زندگيءَ ۾ ڪا زندگي بہ نہ هوندي آهي، جيڪا محبتي ماڻهن جي ساٿ کان سواءِ هجي. انهن ماڻهن جون محبتون اسان جي زندگيءَ جو معراج هونديون آهن، جنهن سان زندگيءَ ۾ نوان تجلا جنم وٺندا آهن.

***

(سرجيل: 16 آڪٽوبر 2011 ع)

# اداسي ۾ تنهنجون چنيون آيتن جان

گذريل ڪجهه سالن کان موبائيل تي ايس ايم ايس ۽ ايم ايم ايس ڪرڻ جو ور هلي پيو. ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ موبائيل آهي. موبائيل تي ڳالهه ٻول پنهنجيءَ جڳهه تي، پر اهو ڏسجڻ ۾ اچي ٿو ته تمام گهڻا ماڻهو ڏينهن ۽ رات جو اڪثر وقت ايس ايم ايس لکندي يا فارورڊ ڪندي گذارن پيا، جنهن جي ڪا خاص اهميت عام طور نظر نه پئي اچي.... مثال طور فارورڊ ڪيل ايس ايم ايسز ۾ اڪثريت لطيفن، شاعريءَ، صبح جي سلامن يا قولن وغيره جي هوندي آهي، جن مان ڪيئي ايس ايم ايس اهڙا هوندا آهن جيڪي هتان کان هُت، هڪ موبائيل کان ٻيءَ موبائيل تائين، پيا ڦرندا آهن. لطيفا عام طور جنسي يا غير اخلاقي هوندا آهن جن ۾ سواءِ وقت جي رواجي گذر جي ڪا ڳالهه ناهي هوندي. ڪي ٿورڙا ئي اهڙا لطيفا هوندا آهن، جو ٻي اختيار مُرڪ چپن تي تري ايندي آهي. ايس ايم ايس ۾ موڪليل شاعريءَ جي به ڪا خاص چونڊ ناهي ڪئي ويندي. ڏٺو اهو پڻ ويو آهي ته اهڙا ڪيئي ايس ايم ايس پهرين سِٽ پڙهڻ بعد ڊليٽ ڪيا ويندا آهن. ڪي ماڻهو ته اهڙا به آهن جيڪي وڏا وڏا، سڄي جا سڄا غزل فارورڊ ڪندا آهن جيڪي انتهائي بور ڪندڙ هوندا آهن. اهڙي شاعريءَ ۾ مشهور شاعرن کي لوئيو پڻ ويندو آهي ۽ متن چٿر ڪئي ويندي آهي. ويجهڙ ۾ ان جو مثال اردو جو نالي وارو شاعر احمد فراز پڻ بڻيو، جنهن کي پهرين ته وڏي مڃتا ڏني وئي، پر پوءِ هٿراڏو شعر ناهي، انهن ۾ فراز جو نالو ٽنبي، کيس بيحد بدنام ڪيو ويو. صبح جي سلامن وارن ايس ايم ايسز ۾ البت هڪ يادگيري جو احساس جاڳندي نظر ايندو آهي يا قولن وارن ايس ايم ايسز ۾ ڪيئي چڱيون ڳالهيون پڙهڻ ۾ اينديون آهن. بهرحال، ان ايس ايم ايس جي سرگرميءَ کي جيڪڏهن وندر سڏجي، ته به ان وندر مان ڪا خاص چڱائي حاصل ڪو نه ٿي ٿئي. ڪي 10 سيڪڙو مس اهڙا ايس ايم ايس ڪيا ٿا وڃن جن ۾ ڪو اطلاع يا ڄاڻ ملي ٿي، نه ته وقت پيو مارجي ۽ پئسو پيو وڃائجي، پيو مڙئي خير....

***

سدا خوابَ نيٽين ٻڪيون بس پرين هِن،
اسان پوڇيون تنهنجون اکيون بس پرين هِن.
اداسي ۾ تنهنجون چنيون آيتن جان،
چپن تي چميون ڏئي رکيون بس پرين هِن.

(فياض لطيف)

اهي محبتي چنيون، جيڪي آيتن وانگر چمي اکين تي رکبيون هيون، ايس ايم ايس جي اوتر ۾ الائي ته ڪيڏانهن وڃائجي ويون آهن. اهي خوشبوءِ جهڙا خط جن جو انتظار ڪبو هو، هاڻي لکجن ئي نه ٿا، اهي پرينءَ جا پيغام جيڪي لفافي ۾ ويڙهجي، خوشبوءِ سان واسجي، دل جي در تي دستڪ ڏيندا هئا، جلاوطن ٿي، نه ڄاڻان ڪيڏانهن هليا ويا آهن. اهي هٿ-اکر جن کي ڏسندي نيڻ ٺري پوندا هئا، موبائيل جي ڪِي پئڊ جي مشيني پٽي سبب پس منظر ۾ هليا ويا آهن. بس، ايس ايم ايسز جي يرمار آهي، جنهن پنهنجي اختصار ۽ روايتي پٽي جي ڪري خط جهڙي انمول، لاياڻتي ۽ پياري لکڻيءَ کي ماري ڇڏيو آهي. ماڻهوءَ پنهنجيءَ جوڙيل مصروفيت جي بهاني هيٺ پاڻ کي ان انمول خزاني کان محروم ڪري ڇڏيو آهي جيڪو خطن ۾ پوئيل موتين جهڙن لفظن جي صورت ۾ دل ۽ دماغ کي سهڻو بڻائي ڇڏيندو هو. خط اهڙي لکڻي هوندا هئا، جن ۾ سادگي به هوندي هئي ته علميت ۽ ادبيت به، خطن ۾ محبت ۽ پريت به هوندي هئي ته شڪوه ۽ شڪايتون به هونديون هيون، پر انهن شڪايتن ۾ پڻ پنهنجائپ هوندي. اهي سڀ شيون اسان وڃائي ڇڏيون آهن، ڇا اسان انهن کي حاصل ڪري سگهون ٿا؟

***

(سرجيل: 30 آڪٽوبر 2011ع)

# عزمِ عظيم جون عيدون ايندیون

ڏني ڏينهن ٽيامِ ڪھ ڄاڻان کهڙا پرين!
سهسِين سِڄ لهي، واجهائيندي وِيامِ
ٽِين سال ٽِيامِ جنِين ساعت نہ سهان. (شاهه)

عيد سعيد جو موقعو اچي پهتو آهي. سعودي عرب سميت ڪيئي اسلامي ملڪن ۾ خير سان اڄ 10 ذوالحج ٿي، جنهن سان عيد بہ ٿي. سعودي عرب ۾ مسلمانن حج جو فرض ادا ڪيو ۽ قربانيءَ جي شروعات ٿي.... ٻئي طرف اسان وٽ پڻ 9 ذوالحج جو سڄ لهي چڪو آهي ۽ 10 ذوالحج جو چنڊ آسمان ۾ نروار آهي. سڄي ملڪ ۾ عيد جي سرگرمي آهي. هڪ پاسي ڪيترن ئي ماڻهن نوان ڪپڙا سبايا آهن، ٻيا انتظار ڪري رهيا آهن، درزي ڏينهن رات لٽا سبڻ ۾ رُڌل آهن، استريءَ وارا استريون تپايون ڪپڙن جا گهنج لاهيندا پيا وڃن، ٻوٽن جي دڪانن تي وڏي رش آهي، جنرل اسٽورن تي پڻ اچ وڃ جاري آ، ريشم بزارون مردن، عورتن ۽ ٻارن سان پريون پيون آهن، روڊ گاڏين سان سٽجي ويا آهن، هڪڙو وڏو مشيني غنيم آهي جيڪو روڊن تي پيچ ٻڪ ۾ لڳو پيو آهي، جڻ تہ ڪو وڏو حملو ڪندو هجي، هر ڪو ٻئي کان اڳ ڪڍڻ، بہ منٽ بچائڻ ۾ لڳو پيو آ، جڻ تہ ٻيو پل ٿيندو ئي ڪو نہ ۽ ماڻهو رستي ۾ ئي رهجي ويندا، گهر پهچي نہ سگهندا. عجيب عالم آهي، جنهن کي ڏسي اچرج ٿو لڳي. هيءَ عيد جي خوشي آهي يا ڪا نفسا نفسي؟ سامان جي خريداري آهي يا بي چينيءَ ۽ پريشانيءَ جون ريڪائون، جيڪي ماڻهن جي مُک تي چاپجي ويون آهن. سُڪونُ هِن موقعي تي تہ جڻ جلاوطن ٿيل ٿو محسوس ٿئي.

هلڪي هلڪي خاموشيءَ ۾ پِرهہ سمي،
خوشبوءِ جا گلدان سجائي ويندي آ. (ساحر راهو)

عيد جي موقعي تي عام طور اهو پڻ ڏسڻ ۾ ايندو آهي تہ آمدني خرچ جي سرحد پار ڪرڻ کان لاچار لڳندي آهي. جڻ تہ آمدني اٺ آنا ۽ خرچ رپيو هوندو آهي. ان صورتحال ۾ خاص ڪري غريب ماڻهو ويچارو ڇا ڪري؟ خصوصاً پورهيت ۽ مزدور تہ قاتل محسوس ٿيندا آهن. اهي ڪيئن عيد جو پلارو ۽ خوشيءَ وارو ڏينهن گذاري سگهندا؟ ڪٿي اهو خوشيءَ جو موقعو هنن لاءِ ارمانن جا انبار تہ ڪٺي نہ ايندو؟

هيءَ عيد قرباني جي آهي. ماڻهو پنهنجي وس آهر مذهبي فرض طور سنتِ ابراهيمي پوري ڪرڻ چاهيندا آهن، پر ان کان بہ جڻ تہ لاچار لڳندا آهن. قربانيءَ جي جانورن جا اگهہ ڇوٽ چڙهيا پيا آهن. اهي اگهہ هاڻ تہ هزارن کان بہ چڙهي لکن ۾ وڃي پهتا آهن. انهن اگهن سرنديءَ وارن جا پڻ پگهر وهائي وڌا آهن. اسان جهڙن ٽِين دنيا يا چوٿين دنيا جي ملڪن ۾، نوبت جڻ اهڙي ٿي ٿيندي وڃي تہ جانورن بدران ماڻهن جي قرباني ٿِي رهي هجي. فرق فقط ايترو آ تہ ماڻهو ڪسجي نہ ٿو، پر جڻ تہ ڪٺو پيو

آهي. ھُو گهاٽي ۾ پيڙهجي رهيو آهي، پر هن ۾ ڪجھ بچيو ئي ناهي، جو گهاٽي مان ڪو تيل نڪرندي نظر ايندو هجي.... اهو ئي چئي سگهجي ٿو ته الله جي آسري تي زندگي گذري پئي، نه ته زندگي گذارڻ ڪان چڙهي وئي آهي. عيد جو ڏينهن به عام ڏينهن جهڙو بڻجي ويو آهي. اجا به هي ڏينهن ماڻهوءَ کي، هاريءَ ۽ پورهيت کي، مزور ۽ ريڙهيءَ واري کي بيوسيءَ جي احساس ۾ مبتلا ڪري ٿو ڇڏي. هن ڏينهن تي ھُو پاڻ کي لاچار ٿو محسوس ڪري. هو سوچي ٿو ته ان ڏينهن تي ڪيئن پنهنجن ٻارن لاءِ لٽن ڪپڙن ۽ بوٽن وغيره جو انتظام ڪري. ھُو نماڻي نگاهه سان آسمان ڏي نهاري ڪنڌ هيٺ ٿو ڪري ڇڏي....

مايوسين جي ڪن مان نڪري،
ڄنگ - جهاز - اميدون ايندين.
ماتـامـن جي ڄهـڙ مانُ لِـري،
عزم عظيم جون عيدون ايندين. (استاد بخاري)

عيد جي چنڊ جو عيدالفطر ته گهڻو ئي انتظار ڪيو ويندو آهي، پر ان جو اوسيئڙو حج جي مهيني ۾ پڻ رهندو آهي. خاص طور ذوالقعد جي 29 تاريخ تي چنڊ ڏسڻ جا سانباها هوندا آهن. ماڻهن جي ڪوشش هوندي آهي ته پهرينءَ جو چنڊ ڀِسن ۽ ڏٺيءَ در دعا گهرن.... پر پهرينءَ تاريخ جو ٿيندڙ اهو انتظار ڏسي، عاشقن جي دل مان سُور جو سَتون پيونُ لِرنديون آهن، جڏهن ھُو اهو ڏسندا آهن ته سندن محبوب چنڊ جو انتظار ڪري ٿو، ان کي ڏسڻ لاءِ بيتاب رهي ٿو، پر هن کي پنهنجي عاشق جي ڪا پرواهه آهي ئي نه.... اهو احساس حضرت عاشق کي مايوسيءَ جي ڳتا ۾ اڇلائي وجهندو آهي. هن جي ته اها خواهش ئي هوندي آهي ته فقط هڪ ڀيرو ئي سهي، سندس محبوب هن جي اداس نيڻن ۾ نهاري، اتي سوين چنڊُ لِياري ڇڏي. هن جو عاشق جي اکين ۾ نهارڻ، ڪيس نئين زندگيءَ جِي نويد ڏيڻ جي برابر آهي.

نيڻن منجهه دريا،
تنهنجي يادن جا پرين!
ڪيڏا ديپ ٻريا! (مولا بخش چانڊيو)

عيد برات جي موقعن تي ”عيد مبارڪ“ جا ايس ايم ايس پڻ تمام گهڻا موڪليا وڃن ٿا، جيڪي بور ڪندڙ ورجاءَ جو شڪار نظر ايندا آهن. پلي ته موبائيل ۾ 100 عيد مبارڪن جا ايس ايم ايس پهتا هجن، پر ڏسبو ته اهي ڪي چئن پنجن قسمن جا مس هوندا. ان جو نتيجو ڏاڍو خراب نڪتو آهي. مثال طور, هڪ طرف ته انهن هڪجهڙن ايس ايم ايسز ”عيد مبارڪن“ جي لکيل لفظن کي روايتي پٽي جو شڪار بڻائي ڇڏيو آهي، جو ان ۾ صرف موڪليندڙ جو نالو ٿو ڏسجي ۽ ٻيوُ ڳرو نتيجو اهو نڪتو آهي ته سهڻن ۽ سنيالي رکيو ويندڙ عيد ڪارڊن جو انت اچي ويو آهي، جن ۾ ماضيءَ جون يادگيريون سمايل هونديون هيون، مستقبل جي ملنساريءَ جو اظهار ٿيندو هو ۽ هلندڙ وقت يعني حال کي پرتي هوندي به قريبي ملي پوندي هئي. تيون اهو ته ايس ايم ايس ڄڻ فارملٽي بڻجي ويو آهي.

ڪيئي ماڻهو رڳو ان ڪوشش ۾ هوندا آهن ته موبائيل ۾ سيو ٿيل سيني ماڻهن جي نمبرن تي ”عيد مبارڪ“ جو ايس ايم ايس وڃي پهچي ۽ بس. اهو پڻ ڏسڻ ۾ آيو آهي، ته هڪ همراهه پنهنجي ڪنهن چوڪري کي موبائيل ڏئي چيو ته سيني ڏي عيد مبارڪ جو ايس ايم ايس موڪلي ڇڏ.... هِي سڀ ڇا آهي؟ ڇو اسان ايڏا روايتي بڻجي ويا آهيون؟ موبائيل جي هيءَ اسان سهولت ته حاصل ڪيون يا عيد جي پُرمسرت موقعي تي ڪنهن دوست، عزيز، مٽ مائٽ جي يادگيري کي ٻن اليڪٽرانڪ لفظن ۾ قيد ڪري، جاڏي ڪاڏي پڪيڙي ٿا ڇڏيون.... ڇا اهو بهتر ناهي، ته ”عيد مبارڪ“ کي ڪنهن سٺيءَ طرح پهچائجي، جو واقعي به محسوس ٿئي، ته ”ها، مون سچ پچ به ڪنهن کي ياد ڪيو آهي“ ۽ جنهن تائين ”عيد مبارڪ“ پهچي ته اهو به سمجهي ته ”ها، ڪيس سچ پچ ياد ڪيو ويو آهي.“

عيد ڪارڊ ڪنهن وقت وڏي وٿ هئا. انهن جي خوبصورتي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. وڏ ۾ وڏ سهڻا منظر انهن عيد ڪارڊن تي ڇپيا ويندا هئا. ڪِن ۾ فطرت جي منظرنگاري هوندي هئي، ته ڪن ۾ لازوال پيار سان پرپور ۽ ڌڙڪندڙ دليون قرب وندبيندي نظر اينديون هيون. ڪن ۾ شوخ رنگن جي بي ترتيبيءَ مان به سهڻو ستاءُ پسڻ ۾ ايندو هو، ته ڪن ۾ ڊِيمن رنگن جي معصوميت لِيئا پائيندي هئي. ڪن ڪارڊن ۾ حسين جڳهن جا فوٽو هوندا هئا، ته ۾ وري گل ۽ گلزاري جڻ ته خوشبو پکيڙيندي محسوس ٿيندي هئي. انهن ڪارڊن تي ڇپيل دل جڻ ته اسان جِي دل جي ڌڙڪڻ جو آواز ٻڌائيندي هجي.انهن عيد ڪارڊن ۾ لکيل لفظن ۾ سمايل احساس اسان کي پنهنجيءَ دل وٽان پاتِئِبا هئا، جڻ ته اهي لفظ اسان لکيا هجن. جڻ انهن لفظن جي معنيٰ ۾ اسان جِي دل جو پيار اوتيل هجي. انهن دل کي معطر ڪندڙ خوبصورت عيد ڪارڊن مان ڪنهن هڪ جو انتخاب ڪرڻ وڏو امتحان هوندو هو. اهي عيد ڪارڊ پرينءَ پياري، عزيز قريب، دوست يار، مِٽ مائٽ کي ملندا هئا، ته سندن نيڻن ۾ سِڪ ۽ پنهنجائپ جو ڳوڙها تري ايندا هئا، دل پِرجي پوندي هئي، ڀُوريءَ جو احساس ڌڙڪڻ کي بي قابو ڪري ڇڏيندو هو ۽ سِڪ ۽ سار جي ديوي ڀُوريءَ جو درد سهندڙ وجود کي ويڙهي ساڻ هجڻ جي احساس ۾ پوئي ڇڏيندي هئي.

ايس ايم ايس ۾ لکيل يا فارورڊ ڪيل لفظن انهن احساسن جو انت آڻي ڇڏيو آهي، پوءِ اهي احساس عيد ڪارڊن جي صورت ۾ هجن يا محبتي چٺين جي روپ ۾ آيتن وانگر لکيل هجن. اسان کي، انهن احساسن کي ضرور قائم رکڻو پوندو.

درد ۾ زنده دلي پيدا ڪجي،
ڪشمڪش ۾ دلڪشي پيدا ڪجي.
پنهنجي دنيا، پنهنجي آزادي، خوشي،
ترسجي ڇو، خود وڏي پيدا ڪجي. (استاد بخاري)

(سرجيل: 6 نومبر 2011 ع)

# سنڌيت جو روپ ۽ رنگ

ٻُوجا ڪر م پاڻ ڪي، ٻـَـل ٻُوجا ڪان پاڻ
جاڙِي چڙدي جاڻ ٻـرُ تون ٻُورب پار ڏي. (شاهه)

گذريل ڪجھ ڏينهن کان عام طور تي اسان کي سنڌي ماڻهن ۾ هڪ رنگ روپ نظر اچي ٿو. اهو روپ ۽ رنگ سنڌيت جو رنگ آهي، ان رنگ ۾ ثقافت جا رنگ سمايل آهن، ان روپ ۾ سنڌي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپيءَ جا ونَ آهن. نه صرف ڪراچيءَ کان وٺي ڪشمور تائين، پر انهن ٻين ملڪن ۾ پڻ سنڌي ثقافت جون جهلڪيون نظر آيون پئي جتي سنڌي ماڻهو رهي پيو. ان روپ ۽ رنگ جي ڇڻ ته خوشبوءِ ئي نرالي آهي. اجرڪ جي رنگن ۾ جيڪا انوکائپ سمايل آهي، اها ٻئي ڪنهن اهڙي ڪپڙي ۾ نظر نه ايندي. ان ڪري ئي ته اجرڪ کي سنڌي ثقافت ۾ اهم حيثيت حاصل آهي اهي مخصوص رنگ ۽ سٽاءَ ئي اجرڪ کي اها اهميت بخشين ٿا جيڪا سنڌي ڪلچر جي نمائندگي ڪري ٿي. ٻئي طرف سنڌي ٽوپ جو به پنهنجو شانُ آهي. سنڌي ٽوپ تي اڱيان محراب جيان جيڪا وٿي ڇڏيل آهي، ان جي پڻ وڏي اهميت ۽ ڪارج آهي. ان سان اسان جو نه صرف مٿو ڍڪيل رهي ٿو پر سنڌي مسلمان کي پڻ نماز پڙهڻ ويل ٽوپ لاهڻ جي گهرج محسوس نه ٿي ٿئي ۽ سجدو نرڙ جو ئي ادا ٿئي ٿو. سنڌي ٽوپ کي پائڻ سان ماڻهوءَ کي مٿي تي هڪ ڀِڪ ته آهي ئي، پر ان سان گڏوگڏ ماڻهوءَ کي اهو احساس پڻ رهي ٿو ته هُو هڪ نرالائپ پڻ رکي ٿو، جيڪا ڪيس سنڌيت سان ڳنڍي ٿي. جيئن سنڌي لباس ۾ پنهنجي سونهن آهي، اهڙيءَ ريت سنڌي اجرڪ ۽ سنڌي ٽوپ ۾ پڻ وڏي خوبصورتي آهي.

رات جي پوئـيـن پهـر چـنـڊ جيـان،
منهنجي جهوليءَ ۾ جهلي وئي آهين.
مون تي ڪنهن بند ٽيـل در وانگـي،
پـاڻ ئـي پـاڻ کُلـي وئـي آهـيــــن. (امداد حسيني)

سنڌي ثقافت جا اهڃاڻ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن سان سلهاڙيل آهن. اهي تهذيب اسان وٽ موهين جي دڙي جي روپ ۾ موجود آهي، جنهن کي پنج هزار سالن کان وڌيڪ وقت گذري چڪو آهي. اها ڪا معمولي ڳالهه نه آهي ته اسان سنڌي ماڻهو 5 هزار ساله تهذيب جا وارث آهيون، اسان جون پاڙون ڪي هوا ۾ لٽڪيل نه آهن، پر ان کي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجون روايتون آهن. ثقافت مجموعي طور ڪنهن به قوم جي ريتن رسمن، ٻوليءَ، روايتن، اٺا ويٺيءَ، لباس، رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي طور طريقن جو نالو آهي. مطلب ته هڪ قوم صدين کان جنهن طرح سان رهي ٿي پئي، ان سڀ ڪجھ جو نالو ثقافت آهي. ثقافت ڪا جامد شيءِ ناهي. جيڪڏهن اها جامد هجي

ها تہ ڪڏهوڪر ختم ٿي وڃي ها، پر اها تسلسل سان اڳتي وڌندڙ ۽ پاڻ ۾ تبديليون آڻيندڙ شيءِ آهي. تنهن هوندي بہ ثقافت ۾ ڪي قدر پائدار هوندا آهن، جيڪي سدائين ساڳيا رهندڙ هوندا آهن. مثال طور ڪي ريتون ۽ رسمون ساڳيون رهنديون آهن، تہ ڪن ۾ ٿوري تبديلي ايندي آهي، تہ ڪي مڪمل طور تبديل ٿي وينديون آهن.... ڪنهن بہ قوم جي ثقافت جو اڀياس انتهائي اهم ۽ وڻندڙ موضوع پڻ آهي. اهو موضوع جڻ تہ انسانذات جي تاريخ ۽ سماجيات کي سمجهڻ ۾ پڻ مدد ڏيندو آهي. ثقافتي اڀياس سان اسان ان لائق پڻ ٿي سگهندا آهيون تہ ان قوم جي مزاج کي سمجهي سگهون. ڪي قومون ويڙهاڪ مزاج رکنديون آهن، تہ ڪي قومون وري امن پسنديءَ کي وڌائينديون آهن ۽ سهپ جو مظاهرو ڪنديون آهن. اسان جي سنڌي قوم پڻ امن پسند قوم آهي ۽ سهپ وارو مزاج رکندڙ آهي. اسان وٽ ڪنهن کي ڌڪويو ناهي ويندو، پر مهمان نوازي ڪري، خدمت چاڪري ڪئي ويندي آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ اهڙا رويا وڌايا وڃن تہ پرندڙ دنيا امن پسند بڻجي سگهي ٿي.

هڪڙو لفظ لکِي، ٻيا سڀ ڊاهي ڇڏ،
وينديِن پاڻ سِکِي، اکر عاشقيءَ جا. (ادل سومرو)

سنڌي ٻولي پڻ سنڌي ثقافت جو اهم جزو آهي. سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ جڻ تہ اسان جي ثقافت اڻ پوري ۽ ڪُنل ڪُنل آهي. جيتري سنڌي ٻولي سهڻي ۽ منڙي، اوتري ئي سنڌي ثقافت بہ سهڻي ۽ منڙي. جيترو سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ پياري ۽ وڻندڙ، اوترو ئي سنڌي ثقافت بہ پياري ۽ وڻندڙ. جيترو سنڌي ٻولي وسيع ۽ دل کي ڇهندڙ، اوترو ئي سنڌي ثقافت بہ وسيع ۽ دل کي ڇهندڙ. جيئن جيئن سنڌي ٻولي وڌندي، تيئن تيئن سنڌي ثقافت بہ وڌندي ۽ ويجهندي. ٻنهي جو هڪ ٻئي سان اٽوٽ ناتو آهي، ٻئي هڪ ٻئي سان سلهاڙيل آهن، ڪنهن بہ هڪ جو موت، ٻئي جو موت هوندو. سنڌي ٻولي جيئندي، تہ سنڌي ثقافت بہ جيئندي. سنڌي ٻولي جي واڌِ، سنڌي ثقافت جي بہ واڌ آهي. هاڻ اهو سوال پڻ اهم آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي اسان ڪيئن وڌائي سگهون ٿا، جو سنڌي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي ثقافت بہ وڌي ۽ ترقي ڪري؟ سڀ کان پهرين تہ اسان سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم کي وڌائڻ جا اُپاءُ وٺون، سنڌي ٻوليءَ جو واهپو وڌايون، ان کي مارڪيٽ جو ٻولي بہ بڻايون، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي گهڻي کان گهڻو وڌايون، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجندڙ ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن کي خريد ڪري پڙهون ۽ پڙهايون، سنڌي پروگرامن ۽ سرگرمين ۾ شرڪت ڪيون ۽ هر اهو ڪم ڪيون جنهن سان اسان کي ٿورو بہ محسوس ٿئي تہ ان عمل سان سنڌي ٻولي وڌندي. ٻئي طرف اهڙن عملن کان پاسو ڪيون، جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي نقصان رسائيندڙ آهن، ڇو تہ ان سان اسان جي ثقافت کي بہ نقصان رسندو. پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي ڌرتيءَ سان پيار ئي قوم جي جيئڻدان جو اهم جز آهي، جيڪو اسان کي پنهنجي زندگيءَ جو

مستقل حصو بڻائڻو آهي. اسان جي ٻڌي ئي اسان جي ٻوليءَ جي سگهه آهي ۽ اسان جي ٻوليءَ جي سگهه ئي اسان جي قوم ۽ وجود جي سگهه آهي.

***

تمهاري حُسن سي رهتِي هي همکنار نظر
تمهاري ياد سي دل هم کلام رهتا هي
رهِي فراغتِ هجران تو هو رهي گا طي
تمهاري چاهه کا جو جو مقام رهتا هي. (فيض)

سال 2011ع کي انجمن ترقي پسند مصنفين پاڪستان، اردو ادب جي مشهور ۽ ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض جي صد سالہ تقريبن طور ملهايو پيو وڃي. ان سلسلي ۾ ڪيئي پروگرام ملڪ جي مختلف شهرن ۾ ۽ ٻين ملڪن ۾ پڻ جنوري 2011ع کان منعقد ڪيا ويا آهن. اڄ 20 نومبر فيض صاحب جي 120 هِين ورسيءَ جو ڏينهن آهي، تہ ضروري ٿو محسوس ٿئي تہ فيض صاحب جا ڪي شعر اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ۽ سندس ڪي ڳالهيون اوهان سان شيئر ڪريان.

رات يُون دل ۾ تري کوئِي هُوئي ياد آئِي
جيسي ويراني ۾ چُپڪي سي بهار آجائي
جيسي صحرائون ۾ هولي سي چلي بادِ نسيم
جيسي بيمار کو بي وجه قرار آجائي. (فيض)

فيض صاحب جي شاعريءَ جي ڪليات ”نسخہ هائي وفا“ جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن ۾ سندس هِي 8 ڪتاب شامل آهن: نقشِ فريادِي، دستِ صبا، زندان نامہ، دستِ تہِ سنگ، سرِ وادي سينا، شامِ شهرِ ياران، مري دل مري مسافر ۽ غبارِ ايام.... فيض صاحب بابت، سندس ڪتاب ”زندان نامہ“ ۾ رُودادِ قفس“ جي عنوان هيٺ سابق ميجر محمد اسحاق لکي ٿو تہ ”فيض صاحب انهن انسانيت نواز روايتن سان تعلق رکي ٿو جيڪي هزارين سالن کان ٻنهي ملڪن (يعني پاڪستان ۽ ڀارت) جي ڌرتيءَ جي سجاڻ رهيون آهن. هُو انهيءَ سلسلي جي ڪڙي آهي جنهن ڪي امير خسروءَ، ڀڳت ڪبير، خواجہ معين الدين چشتيءَ، بابا نانڪ، بابا فريد، ابوالفضل، فيضِي، بُلي شاهہ، وارث شاهہ، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، رحمان بابا ۽ ٻين انيڪ بزرگن فيض بخشيو آهي.“ (نسخہ هائي وفا، ص 93-192)

رات مهکِي هُئِي آئي هي کهين سي پُوچهو
آج بکرائي هُوي زلفِ طرحدار هي کون
ڦِر در دل پہ کوئي ديني لگا هي دستک
جانئي ڦِر دل وحشِي کا طلبگار هي کون. (فيض)

فيض احمد فيض جا ڪي گيت فلمن ۾ پڻ ڳايا ويا. انهن فلمن ۾ ”سُک کا سپنا“، ”قسم اس وقت ڪِي“ ۽ ”جاگو ھُوا سويرا“ شامل آهن. فلم ”جاگو هوا سويرا“ ۾ فلمايل فيض صاحبَ جو هڪ خوبصورت گيت، اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو:

َب ڪيا ديکين راھ تمهارِي
بِيت چلِي هي رات
چوڙو
چوڙو غم ڪِي بات
َٿرَ ڳي آنسُو
َٿڪَ ڳين اکيان
ُڳرَ ڳي برسات
بِيت چلِي هي رات
چوڙو
چوڙو غم ڪِي بات
هڪ سي آس لڳِي درشن ڪِي
ڪوئِي نہ جانِي بات
ڪوئي نہ جانِي بات
بِيت چلِي هي رات
چوڙو غم ڪِي بات
ُتم آئو تو من ۾ ُلري
ُڦولون ڪِي بارات
بِيت چلِي هي رات
اب ڪيا ديکين راھ تمهارِي
بِيت چلِي هي رات.

***

(سرجيل: 20 نومبر 2011ع)

# ”منهنجي جنگِ يزيدي ڪردار سان آهي“

محرم موٽِي آئيو، موٽيا تان نہ امِيرَ،
مديني جا مِيرَ، ڏاتر! مون ڏيکارِئين. (شاهہ)

نئين هجري سن 1433ھ جي شروعات مُحرم الحرام جي مهيني ۾ ڪربلا جي شهيدن جي المئي سان ٿيندي آهي.

ڏنو مُحرم ماهہ، سنڪو، شهزادن ٿِيو،
ڄاڻي هڪ الله، پاڻ وڻنديون جو ڪري. (شاهہ)

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ”سُر ڪيڏاري“ ۾ تاريخِ اسلام جي ان عظيم سانحي جي دردناڪ تصوير چٽي آهي. ڪيڏاري جي معنيٰ ئي آهي ”جنگ جو ميدان“. ان نسبت سان شاهہ سائينءَ سر ڪيڏاري ۾ ان جنگ جو داستان چٽيو آهي، جيڪا هر سال هزارين، لکين بلڪ ڪروڙين مسلمانن ۾ انصاف چاهيندڙن جِي دل کي چاڪ ڪري وجهندي آهي ۽ ماڻهو پنهنجو غم وساري، حسيني غم ۾ پاڻ وڃائي ويهندا آهن.

اڄ مِير مومنن جا، مدينو ڇڏي هليا،
مدينو ڇڏي هليا، سي مديني لڏي هليا.
سِڄَ چنڊ مصطفىٰ ڏي، ٻڪلِ گڏي هليا.
لڏارو ٿيو لِ ري، تارا لڏي هليا. (شاهہ)

*

محرم موٽِي آئيو، موٽيا تان نہ امامَ،
مديني جا ڄامَ، مولا! مون کي ميڙئين. (شاهہ)

شاهہ لطيف رح جي ”رسالي“ جو هڪ اهم مرتب ۽ محقق جناب غلام محمد شاهواڻي، پنهنجي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي ۾، سر ڪيڏاري بابت لکي ٿو: ”هن سُر ۾ شاهہ سچ جي راهہ ۾ سُور ۽ سختيون سهي، سر فدا ڪرڻ جو سبق امامن جي ڪربلا واري قضئي مان پِرائڻ جي تلقين ڪري ٿو. امامن دنيا تي دين کو نہ وِڪيو. جيڪڏهن يزيد جي بيعت ڪن ها تہ جيڪر وڏا وظيفا ۽ دنيوي سُک ۽ سهنج حاصل ڪن ها. ايئن ڪرڻ سان هنن کي هڪ طرف ماڻ ۽ مرتبو ملي ها، تہ ٻئي طرف سُورن کان نجات. جيتوڻيڪ کين يقين هو تہ يزيد سان پُڄڻ محال آهي، تہ بہ بي سروسامانيءَ جي حالت ۾ حق جي راهہ کان نہ مُڙيا. نفس سان جنگ جوٽڻ وڏو جهاد آهي، پر جبري حاڪم کي سچ چوڻ انهيءَ کان بہ وڏو جهاد آهي. سچ تان سرُ صدقي

ڪندڙن جا مثال، دنيا جي تاريخ ۾ ٻيا ٻه گهٽائي لڀندا، پر ڪربلا جي واقعي جهڙو رقت آميز حادثو مشڪل ملندو.“

سختي شهادت جِي، مِڙوئي ملهارُ،
ڦِرو ناهِ ٻِزيد کي، اِي عشق جو آثارُ،
ڪسڻ جو قرارُ، اصل اِمامن سين. (شاهہ)

*

ميرَ مدِينِئان نڪرِي، آئيا نہ موٽِي،
ڪارا رڱج ڪپڙا، ادا نيروٽي!
آئون تِين لاءِ لوٽِي، جي ميرَ مسافرَ رانئِيا. (شاهہ)

جيتوڻيڪ هجري سال جي پهرئين مهيني محرم ۾ جنگ ۾ جهيڙو حرام آهي، تڏهن بہ يزيد پنهنجي اقتدار کي بحال ۽ برقرار رکڻ لاءِ عبيدالله ۽ شمر وسيلي، پيغمبر اسلام حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي ڏوهٽي ۽ سندس سچن ساٿين سان جنگ جوٽي.

سختي شهات جي، سُڻ! شاديءَ جو ڏينهن،
ذرو ناهِ يزيد کي، نسورو ئي نينهن،
مرگ آهي مينهن، عليءَ جي اولاد کي. (شاهہ)

حق ۽ ڪوڙ جي جنگ ازل کان هلندي رهي آهي ۽ ابد تائين جاري رهندي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ حق کي لبيڪ چوندڙ انيڪ امر انسان هن دنيا ۾ ٿِي گذريا آهن، جن حق ۽ سچ جي واٽ ۾ پنهنجين زندگين جي بہ پرواهہ ناهي ڪئي ۽ پنهنجي حياتي قربان ڪري ڇڏي آهي.

سختي شهات جي، نِسورو ئي ناز،
رِندپرُوڙين رازُ، قضئي ڪربلا جو. (شاهہ)

ٻئي طرف ڪوڙ ۽ ڪپت جِي پوئواري ڪندڙ بہ گهٽائي ماڻهو هن ڌرتيءَ تي جاوا آهن جن ڪڌن ڪمن ۽ ذاتي لالچن هيٺ ٻين انسانن کي ڏکويو آهي، ڌرتيءَ تي بيگناهن جي رت وهائي آهي ۽ پنهنجي اقتدار کي ظلم ۽ ڏاڍ سان ديگهہ ڏني آهي. پر تاريخ شاهد آهي تہ اهڙن ماڻهن کي چڱن لفظن ۾ ياد ناهي ڪيو ويو، ڪين ڦِٽ ۽ لعنت ئي نصيب ٿي آهي، پوءِ ڀلي تہ هنن وقتي طور زندگيءَ جون موج ۽ مستيون ماڻيون هجن.

ڪربلا جي پِڙ ۾، خيما کوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون، جُنبِي جوڙيائون،
مُنهن نہ موڙِيائون، ٻِسي تاءُ ترارِ جو. (شاهہ)

ڪربلا جو ميدانُ حق ۽ ناحق جي وچ ۾ فاصلي جو ميدان هو. ڪربلا ۾ بظاهر حق جي هار ٿِي، تہ بہ حق ئي فتح ماڻي ۽ بظاهر ناحق کٽيو، تہ بہ اهو ناڪامياب ٿيو. ايئن ٿيندو آهي. ڪيئي ڀيرا ظاهري ڪاميابي اصل ۾ ناڪامي هوندي آهي ۽ ظاهري ناڪامي اصل ۾ جيت هوندي آهي.

ڪامِل ڪربلا ۾، اهل بيت آيا،
ماري مِصرين سين، تن ڪافرَ ڪنبايا،
سچ ڪِ ٻِيڀيءَ ڄايا، هٺڙا سُورهيہ سُپرين. (شاهہ)

سورهيائي اها ئي آهي جيڪا امام حسين[٤] ۽ سندس امر ساٿين ڏيکاري. هُو ٿورا هئا ۽ سندن سامهون هزارين، پر فتح ڪنهن جي ٿِي، اهو تاريخ جي ورق ورق ۾ لکيل آهي. ٿورن ماڻهن کي هزارين ماڻهن هڪ جنگ ۾ تہ ماتِ ڏني، پر هزارين ماڻهن کي ٿورڙن ماڻهن تاريخ ۾ اهڙي مات ڏِني جهڙي ٻِي ڪا مات تاريخ ۾ رقم ٿيل آهي ئي نہ.

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا،
ڪڏهن منجهہ ڪوٽن، ڪڏهن واهِي رڻ جا. (شاهہ)

*

ڪاري ڪڪر هيٺِ، مون جهيڙيندا ڇڏيا،
ڪارا ڪندهٽن ۾، اَ زِل وچيرا هيٺ،
ٿِيءَ تنين سين ڏيٺِ، موٽڻ جنين ميٺو. (شاهہ)

حق ۽ ناحق جي، سچ ۽ ڪوڙ جي، امن ۽ جنگ جي اها ويڙهہ اڄ بہ جاري آهي. ان جنگ جي پڇاڙي نہ ڄاڻ تہ ڪڏهن ٿيندي! پر ان ويڙهہ ۾ حق، سچ ۽ امن جو ٻاٽ سدائين اُوچو رهيو آهي ۽ ناحق، ڪوڙ ۽ جنگ جو ڪنڌ سدا جهڪيل رهيو آهي. سچ چوندڙ جي اکين ۾ جوت جرڪندي رهي آهي ۽ ڪوڙ ٻالهائيندڙ جون اکيون اکين سان ملائڻ جهڙيون ناهن رهيون. سچ چوندڙ جي زبان صدين جي سفر بعد بہ اڳي کان اڳري رهي آهي ۽ ڪوڙ ٻڪندڙ جي زبانَ ٿڙڪڙائيندي رهي آهي.

بهادرَ ڳڏيا بهادرين، ڪَڙڪ کِلول ڪن،
وجهن ڦَڙڦڙن تي، هاڪارِين هٽن،
ڪِرن ڪنڌ نہ چڙن، رڻ ڳجيو، راڙو ٿيو. (شاهہ)

جڏهن بهادرَ بهادرن سان ملندا آهن تہ انهن جون تلوارون ڪڙڪا ڪنديون آهن ۽ اهي هڪلون ڪندا آهن. انهن جا ڪنڌ پلي تہ تن کان جدا ٿي وڃن، سِسيون ڌڙ کان ڌار ٿِي وڃن، تہ بہ اهي سُرخرو هونديون آهن ۽ جنگ جي ميدان ۾ گجگوڙون ٿينديون آهن.

ڪامل ڪربلا ۾، پاڻ آيا پيهي،
ٻيهر ڪيائون پاڻ ۾، مُقابِل ويهي،
قضا هِيءَ ڪيهي، هئي هئي! تِي حُسين سين. (شاهه)

هن موقعي تي، امام حسينؑ جي قولن مان ڪي چونڊ قول پيش ڪريان ٿو. اميد ته انهن تي غور ۽ فڪر ڪندا:

* جنهن ڪم جي طاقت نه هجي، ان جو ذمو نه کڻو.
* جڏهن اوهان سمجهي وجو ته اوهين حق تي آهيو، ته پوءِ نه جانِ جي پرواهه ڪريو، نه مال جي.
* ذلت برداشت ڪرڻ ڪان، موت بهتر آهي.
* منهنجي جنگ يزيد سان نہ، پر يزيدي ڪردار سان آهي.
* ظالمن سان گڏ زندگي گذارڻ ڏوهه آهي.
* جلدبازي بد عقلي آهي ۽ بدترين ڪمزوري پڻ.

***

(سرجيل: 27 نومبر 2011ع. ڇپيل: روزاني ”عبرت“ حيدرآباد. 4 ڊسمبر 2011ع. عنوان: ”ڪربلا سانحو ۽ پتائي جو سُر ڪيڏارو“)

# ديس سُتو، دل وارا جاڳيا

ساري رات ستارا جاڳيا،
ديس سُتو، دل وارا جاڳيا!
پنهنجي پنهنجي چنڊ جون هر ڪنهن،
ڳالهيون ڳاتيون،
جهاتيون پاتيون،
تڪجي نيٺ تيا ننڊ هاٺا،
آئي ننڊ تہ روح ڏاٺا!
پهچي پار پرينءَ ڪي هر ڪنهن،
پل ۾ پاتو،
ڇاتيءَ لاتو!
ساري رات ستارا جاڳيا،
ديس سُتو، دل وارا جاڳيا!

ويهين صديءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ کي نوان فڪر ۽ فن جا روپ ۽ رنگ بخشيندڙ، سنڌ جي سدا حيات شاعر شيخ اياز جو هيءُ هڪ خوبصورت گيت آهي. اياز سنڌ جو اهو امر آواز هو، جنهن جي ابتدا صدين بعد ٿيندي آهي، ۽ اهو آواز صدين تائين مسلسل پڙاڏو پيدا ڪندو رهندو آهي. اياز جو آواز ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ فضا ۾ ٻُريو ۽ ويهين صديءَ جي پڇاڙي ٿيندي ٿيندي، 1997ع ۾ سنڌس وفات تائين، پنهنجي تخليقڪار جي مڪمل سگهہ سان گونجندو رهيو. پر تاريخ ان آواز جي پڇاڙي سنڌس وفات سان مشروط نہ ڪئي هئي. تاريخ ان آواز جي امرتا کي ايڪيهين صديءَ ۾ هڪ نئون ڦهلاءُ ڏنو آهي. اهو آواز هڪ نئين 'رُوح' سان، هڪ نئين توانائيءَ سان ڦريو آهي، تاريخ جنهن جي ڪٿ وقت جي حوالي ڪري ڇڏي آهي.

ڏيئا منهنجيءَ ذات جا، ايڏو واءُ وٽاءُ!
توتي ڪنهن بہ پتنگ جي، پر نہ ڪيو پڙلاءُ،
آڏيءَ منجھہ اُلاءُ، پو بہ اُهوئِي تو ڪرين! (اياز)

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ پوءِ بہ نعرا نينهن جا،
سنڌڙيءَ جو سوڳنڌ مرنداسين پر مرڪندي! (اياز)

شيخ اياز جي شاعريءَ کي پائندگي تہ آهي ئي، جيڪا سندس 40 کن ڇپيل ڪتابن جي صورت ۾ موجود آهي، جن ۾ 2 اردو شاعريءَ جا ڪتاب بہ آهن، پر سندس سرجيل نثر بہ لاجواب آهي، جنهن جا پڻ 10 کن ڪتاب ٿي ويندا. انهن ڪتابن ۾ خط بہ آهن تہ

ڊائريءَ جا ورق به، ڪهاڻيون به آهن ته جيل ڊائريون به، آتم ڪٿا به آهي ته مضمون، ايڊيٽوريل ۽ سوانحي خاڪا به، مهاڳ به آهن ته تقريرون ۽ انٽرويو به. ڄڻ ته سنڌس اڻ ڇپيل نوٽ ُبڪ پڻ لاتعداد آهن، جن ۾ ايئن ئي تارن پريون ڪهڪشائون آهن جيئن رات ٽاڻي آسمان ۾ ٽمڪندڙ سهسِين ستارا.

آڪاسُ نِيرو، نرملُ اجالا!
پَر پَر ڪلالا، پُورا پيالا!
اڄ ڪلهه ’اياز‘ آ هر گيت تنهنجو،
انڌير نگريءَ ۾ ڪا جوالا. (اياز)

اياز اهو شاعر آهي جنهن جي نثر ۾ شاعري رقص ڪندي نظر اچي ٿي. خاص طور سندس جڳ مشهور ۽ پهريون نثري ڪتاب ”**جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي**“ هڪ لاثاني ڪتاب آهي، جنهن ۾ سندس ادبي خط ۽ ڊائريءَ جا ڪجهه ورق آهن. ان ڪتاب بابت سنڌ جو نالي وارو اديب ۽ دانشور سائين محمد ابراهيم جويو لکي ٿو: ”سنڌي ادب ۾ هيءُ ڪتاب پنهنجي نوع جو پهريون ڪتاب آهي. ادبي خط ادب جي هڪ اهڙي پياري صنف آهي، جنهن جي نثر ۾ شعر، شعر ۾ پنهنجائپ ۽ پنهنجائپ ۾ دل جي گهراين جي اپٽار ملي سگهي ٿي ـــ بشرطيڪ لکندڙ دلي اخلاص، خالص جذبي، نئين نگاهه ۽ سچاڳ دل جو صاحب هجي.“ (مهاڳ: ’جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي‘)

- ۽ سچ پچ آهي به ايئن ئي. اياز جي انهن خطن جي نثر ۾ شعر ۽ شعر ۾ پنهنجائپ ۽ ان ۾ دل جي گهرائي سمايل آهي. انهن خطن ۾ اياز جي دل جي درد پري ڪٿا آهي، جيڪا سنڌ ڌرتيءَ جي عظمت، سنڌي ماڻهن سان محبت، ماضيءَ جي تناظر ۾ حال ۾ گذرندڙ زندگيءَ ۽ سندس دل لڳيءَ جي عڪاسي ڪري ٿي.

ان ڪتاب جي هڪ خط ۾ اياز لکي ٿو: ”نه بابا، مان انسان آهيان. مان مسلمان، هندو، عيسائي، يهودي، آتش پرست، سڀ ڪجهه آهيان ۽ ساڳئي وقت ڪجهه به نه آهيان. مان اروڙ جي صديون پراڻي مٽي آهيان، مان مدن مست آهيان، مان ڪالڪا جي گُفا آهيان، جنهن ۾ هڪ نه پر هزارين ديويون آهن، جن کي مون گهڙي چلي، سنواري سينگاري، ساري عمر پوڄيو آهي.“ ڪير چوندو ته هي نثر آهي!؟ هي ته لفظن جو رقص آهي، جنهن ۾ فڪر جي هم گيريت ۽ تسلسل به آهي ته فن جي انوکي پيشڪش به. شاهه لطيف جي حوالي سان، اياز هڪ ٻئي خط ۾ لکي ٿو: ”شاهه جي زندگيءَ تي ُاهو تقدس جو غلاف آهي، جنهن کي هٽائڻ ۽ هن جي زندگيءَ کي صحيح روپ ۾ پيش ڪرڻ گناهه سمجهيو ويندو. هر عظيم فنڪار جي جنسي محبت ئي هن جي اسرندڙ فن جو سرچشمو آهي. ڪنهن انسان جي سهڻي سرير جي ُاجهل چِڪ: هن جي ويجهڙائپ جي جهيٽي جهيٽي، مٺ-پري آڳ: هن جي وڇوڙي جي جيري ۾ چِڙ: هن جون نماڻيون اکڙيون، ڳوڙها، ڳراٽڙيون: هن جا ويڻ، وهه جهڙيون وراڻيون، رسڻ ريجهڻ جون گهڙيون: ۽ مجاز جي ٿڌيءَ ٿڌيءَ چانڊوڪيءَ ۾ ڪنهن

ازلي حقيقت جو جوالا وانگر اوچتو چٽاءُ: رڳ رڳ ۾ آڳ، بيت، وايون، تند تنبورو سڀ آڳ: جهنگ جهر، پکي پرسون، پڙتون پاڻ سڀ آڳ: زمين آسمان شعلا، ازلي ابدي شعلا ـــ اهو آهي منهنجو شاهه جي زندگيءَ جو تصور!“

اياز جي انهن خطن ۾، سکر مان لکيل خطن کان سواءِ اهي خط به شامل آهن جيڪي هُن ٽئڪسلا، ڪوهه مريءَ، پوربن، سوات، پشاور ۽ سندربن (اوڀر پاڪستان، هاڻ بنگلاديش) مان به لکيا آهن. انهن خطن ۾ هن انهن علائقن جي قدامت جا داستان بڌائڻ سميت بهترين منظر نگاري پڻ ڪئي آهي ۽ ننڍي ڪنڌ جي ادب بابت رايا ڏنا آهن. جڏهن مان ان ڪتاب کي پڙهيو ته مان کي محسوس ٿيو ته انهن خطن مان وڏيڪ فيض ۽ ادبي لطف تڏهن ماڻي سگهبو، جڏهن انهن علائقن جو سير ۽ سفر ڪبو. انهن خيال کي ڌيان ۾ رکي، 2003ع ۾ جڏهن مان لاهور، اسلام آباد (راول پنڊي)، ڪوهه مري، پوربن، ايبٽ آباد، ڪاغان وادي ۽ سوات واديءَ جو tour ڪيو هو، ته پاڻ سان گڏ شيخ اياز جو اهو ڪتاب ”**جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي**“ ساڻ ڪنيو ويو هوس، جنهن ۾ هن جا 1960ع ۽ 1961ع ۾ لکيل خط هئا. سچ پچ ته منهنجي سفر ۽ سير کي جڻ نواڻ ملي وئي هئي. چا ته سفر هو! جڻ ته مان سان گڏ همسفر طور شيخ اياز هو، جيڪو مان کي نه صرف فطرت مان لطف اندوز ڪرائي رهيو هو، پر علم ادب ۽ تاريخ جي روشني پڻ ڏيکاري رهيو هو. جيتوڻيڪ منهنجو سفر 42 سال پوءِ هو ۽ ان وچ ۾ گهڻو ڪجهه بدلجي ويو هو، پر گهڻو ڪجهه ساڳيو به هو. مثال طور اياز ڪوهه مريءَ مان لکيل خط ۾ منظر نگاري ڪندي بڌائي ٿو: ”جڏهن ڊونگا گليءَ وٽ پهتاسين ته جهڙ چانئجي ويو. هيٺ واديءَ ۾ ڪڪر ايئن ٿي لڳا جڻ ڪنهن پيجاري ڪپهه جون پوٽيون ٿي اڏايون. ڪڏهن ڪڏهن سُلن ٿي نڪتي، ته چيل جي پنن مان اس جا ٽڙڪا پهاڙي چپن تي ايئن ٿي پيا، جيئن ڪنهن پٿر ڪٽيندڙ جابلوءَ جي سخت، سوٽ ۽ ٽامٽيءَ هنيل منهن تي چٽيءَ جا داغ.“ يا سوات واديءَ مان لکي ٿو: ”هوٽل مان نڪتاسين ته سامهون پهاڙ نظر آيا، جن جي چوٽيءَ تي شفق ڪنهن اشتعال پسند جي تخيل وانگر ٻري رهي هئي.“

اياز جي سرجيل هنن خطن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو خوبصورت اظهار بيان به سمايل آهي. هُو خط نه ٿو لکي پر جڻ سنڌي ٻوليءَ جو اظهار حسين کان حسين تر ٿو بڻائي. شيون هر ڪو ڏسي ٿو، پر جڏهن انهن کي اياز ٿو ڏسي، ته انهن جي خوبصورتي چٽجڻ ٿي لڳي. هُو لکي ٿو: ”سج پهاڙن پنيان لهي ويو هو: گهاٽا ناسي ۽ پورا ناسي پهاڙ ڏيري ڏيري اوندهه جي آغوش ۾ اچي رهيا هئا.“ يا ٻئي هنڌ لکي ٿو: ”پوربن نهايت سانتيڪي جاءِ آهي. هتان جي گلن ۽ درختن سان منهنجي دوستي ٿي وئي آهي ۽ انهن کي چڏيندي وڇوڙي جو احساس ٿو ٿئي.“ اهو وڇوڙي جو احساس ئي آهي جيڪو فطرت سان محبت کي محسوس ڪرائي ٿو. شاعر جنهن ريت فطرت سان محبت ڪري ٿو، ايئن ٻيو ڪير ڪري سگهندو!

اياز جي ان بهترين نثري ڪتاب ۾ ” نوٽ ُبڪ جا ورق“ ۾ ڏنل آهي، جن ۾ ادب جو نئون لهجو اوريل آهي، اجا ۾ چئجي ته نئون لهجو متفرقه رنگن سان ڪئنواس تي چٽيل آهي. هڪ ”ورق“ ۾ هو لکي ٿو: ”مون هن جهڙيون سهٽيون اکيون ڪٽي ۾ نه ڏٺيون آهن؛ ڪوهِہ ندا جي صدا جهڙيون اکيون، ’فنا في الوجود‘ جهڙيون اکيون، سرمد جي ڪلمي جهڙيون اکيون!“ يا ٻئي ”ورق“ ۾ لکي ٿو: ”شبنم آسمان تان ڊوڙندي آئي ۽ اچي نرگس کي چميائين، ۽ هن ڪان پڇيائين، ’تون مون کي ڏسي سگهين ٿي؟‘ نرگس وراڻيو، ’مان توکي ڏسي ته نه ٿي سگهان، پر ايترو يقين سان چئي سگهنديس ته تنهنجي محبت پاڪيزه آهي، پايدار نه آهي.‘“

بهرحال، شيخ اياز جو نثر ۾ سرجيل هي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ وري وري پڙهڻ ۽ ُپرجهڻ جهڙو ۽ ساهه ۾ سانڍڻ جهڙو آهي.

اختتام اياز جي ئي هن ”ورق“ تي:

ماڪ گل کي چيو ته ”مان تنهنجي لاءِ آسمان تان ڊوڙندي آئي آهيان.“
گل ماڪ کي چيو ته ”مان تنهنجي لاءِ زمين چيري نڪتو آهيان.“
پوءِ ٻيئي هم آغوش ٿي ويا. اها آهي محبت جي اِبتدا.

***

(سرجيل: 25 نومبر 2011 ع)

# وچن ويڙهيچن سِين

جيـهـا جـي تيـهـا، مـون مـاڙو مـجـيـا،
مـون جيـڏيـون مـليـر ۾، چوندِن مـوڪ مِـها،
منهنجي آهِ اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي. (شاهه)

شاهه سائينءَ جي اها سِٽ ”جيها جي تيها، مون ماڙو مجيا“ ڪيئن نه هانو ۾ کُپي ٿي وڃي. دل ڏڙڪڻ ٿي لڳي انهن لفظن جي تاثير ۾: ”جيها جي تيها، جيها جي تيها“ جيئن به آهن، جهڙا به آهن، اهڙا ئي، بلڪل ايئن ئي، مون انهن کي پنهنجا ماڙو مڃيو آهي. ُاهي منهنجا پنهنجا آهن، منهنجا ديس-واسي. مارئي پنهنجي حيثيت ياد رکي ٿي، پنهنجي ڏيهه کي ياد رکي ٿي. ان سان ڳنڍوڳنڍ هوءَ اها به اميد رکي ٿي ته سندس آهه ڪوٽ کي ڪيرائيندي، جنهن ۾ هوءَ قيد آهي.

هر ماڻهو چاهيندو آهي ته پنهنجن ماروئڙن سان گڏ گذاري، هنن سان کلي خوش ٿئي، ٿڪ ڏئي، ۽ ڏکن ۾ به ساڻ هجي. مارئي به ته اهو ئي ٿي چاهي، ۽ پنهنجي ان چاهه ۾ هوءَ محل ۽ ماڙيون ُٺڏي ٿي ڇڏي. هوءَ پنهنجي وطن جي انڪار کان منهن موڙي ٿي چاڪاڻ ته ڪيس پنهنجو ديس ۽ پنهنجا ماڙو گهرجن.

تيل نه لائيان تنهنجو، مون ماڙوءَ جو مَن،
ڪريان ڀِڙِي نه ڪن، آهُرُ لِـهيـنءَ آهيان. (شاهه)

’الستُ بِرَبِّـڪُـم“ جڏهن ڪن پيوم،
”قالو بلیٰ“ قلب سين، تڏهن تِت چيوم،
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهِيچن سِين. (شاهه)

ان وچن جي ئي اهميت آهي، جيڪو چڻ ته اسان جي پنهنجي اصليت جي نشاندهي ڪري ٿو. لطيف سائينءَ ڪيڏن نه سهڻن ۽ بامعنیٰ لفظن ۾ اسان کي سمجهايو آهي ته جنهن وقت ڪنن ۾ آواز تو پوي ته ”چا مان اوهان جو رب نه آهيان؟“ ته ان وقت ئي هڪ ته اقرار ڪيم ته هائو، تون ئي رب آهين، پر ساڳئي وقت پنهنجن ماروئڙن سان پڻ ساڻ رهڻ، ساٿ ڏيڻ، ڪين نه ڇڏڻ جو به وچن ڪري ڇڏيو هيم.... هيءَ تمام وڏي ڳالهه آهي جيڪا اسان کي اسان جي رهبر لطيف سائينءَ صفا سولي انداز ۾ سمجهائي آهي، ته پوءِ ڪاڻ ڪيئن ممڪن آهي ته اسان پنهنجي ان وچن تان هٿ ڪڻي وڃون! جنهن وچن جو اقرار رب جي اقرار سان سلهاڙيو ويو آهي، ان کي ڪيئن تو پنتي رکي سگهجي. چو ته ان ۾ وطن جي انڪار جو فلسفو به اچي تو وڃي، جيڪو چڻ ته اسان تي تحفي طور ملي ٿو. ان حوالي سان سنڌ جو نالي وارو دانشور سائين

محمد ابراهيم جويو چوي ٿو تہ ”وطن جي انڪار جو فلسفو يا نظريو محڪوم ۽ مظلوم قومن لاءِ هر صورت ۾ هر حالت ۾ تباهيءَ ۽ ذلت جو فلسفو آهي، ۽ اهو فقط ملڪ جا غدار ۽ ملڪ جا دشمن پيش ڪندا ۽ پکيڙيندا آهن.“ (مهاڳ ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“)

مون ماڙوءَ سينَ لڌيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سونَ برابر سڱڙا، مون کي ٻانهن ٻڌائون،
عمرَ جو آئون، پٽ ڪيئن پهريان سومرا! (شاهہ)

مارئي مڪمل طور پنهنجن ماروئڙن سان محبت جو ڀرپور اظهار آهي. مارئيءَ جو من پنهنجن ماڙوئن ڪان پرتي هوندي بہ ساڻن سلهاڙيل آهي. هن ڪي اهي سڱڙا ئي سونَ تا لڳن جيڪي هنن سندس ٻانهن تي ٻڌا آهن. مارئيءَ جي من ۾ مقصد چٽو پٽو آهي، ۽ اهو مقصد آهي پنهنجن ماڙوئن سان لڳاءُ جو. مقصد جي حوالي سان محمد ابراهيم جويو صاحب چوي ٿو: ”سچ آهي تہ مقصد جي مومل ڪي، جي ماڻٽو آهي تہ ڪاڪ محل ڪي سِر ڪرڻو ئي پوندو؛ ميهر سان ملڻو آهي تہ دهشت ڀرئي درياءَ جي لهرين ۾ ٻُڊڻو ئي پوندو؛ پنهنجي پنهل کي پهچڻو آهي تہ ڪيچ جا جبل جهاڳڻا ئي پوندا؛ ملير جي مارن سان ملي مرڪڻو ۽ مهڪڻو آهي تہ عمرَ جي قيد جا ڏيهاڙا ڪاٽڻا ئي پوندا ـــ

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏکن ري،
جنِي جي وڙونهن، سڄڻ آيو مونَ ڳري. (شاهہ)

***

(سرجيل: 22 جنوري 2012ع)

(پورو ٿيو.)